سيڪنڊ ايڊيشن

# سرد لاش جو سفر

امر جليل



# سرد لاش جو سفر

کھاڻيون

امر جليل

ڪاڇو پبليڪيشن
ڪراچي، سنڌ

DEDICATION

ارپنا - انتساب

اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾

پهرين ڪلاس جي ٽيچر، مهربان،

سر آهوجا جي نالي (1946) - جنهن

جي اکين ۾ مذهب ڪان خوف جا اولڙا

ڏسي، مان ننڍي وهيءَ ۾ ئي صوفي

ٿي پيو هوس - هڪ الف، ب جي

بات ويئي.

اسماعيل

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | ويساهہ اويساهہ | 7 |
| 2 | غفا | 15 |
| 3 | هڪ لاش ۾ راتين جا رولاڪ | 27 |
| 4 | شيطان جو سنگسار | 44 |
| 5 | ڳيري جو موت | 58 |
| 6 | گامون سچار جي پٽ جو انٽرويو | 61 |
| 7 | وهم | 76 |
| 8 | رليف ڪيمپ | 82 |
| 9 | ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي موت | 93 |
| 10 | اڄ اُسهان ٿو ديس پرائي | 103 |
| 11 | زندگي هڪ ڪُن | 110 |
| 12 | جنم | 131 |
| 13 | نہ ويڄ نہ طبيب | 144 |
| 14 | ڪاري ڪتي آهي | 155 |
| 15 | ڪينسر | 165 |
| 16 | مٽيءَ جا ماڻهو | 175 |
| 17 | سرد لاش جو سفر | 181 |

پهرئين ڇاپي جي آتم ڪٿا

# ويساهه ويساهه

سن 1946ع رتن تلاءِ پرائمري اسڪول ڪراچيءَ مان پرائمري تعليم جا چار درجا پاس ڪرڻ ڪان پوءِ مون کي اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ جي پهرين درجي ۾ داخلا وٺي ڏني هئائون. انگريزن جي دور ۾ پرائمري جا چار درجا پاس ڪرڻ ڪان پوءِ، هاءِ اسڪول جا ست درجا پاس ڪرڻا پوندا هئا، تڏهن وڃي ميٽرڪ ٿيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ اين جي وي هاءِ اسڪول جو شمار ڪراچيءَ جي بهترين اسڪولن ۾ ٿيندو هو. ٻيا سٺا اسڪول هئا، سينٽ پيٽرڪس اسڪول، ڪراچي گرامر اسڪول، ڪرسچين مشنري اسڪول، بي وي ايس پارسي اسڪول، ۽ ماما پارسي گرلس اسڪول. مذهب طرف لاڙو رکڻ وارا والدين پنهنجن ٻارن کي سنڌ مدرسي ۾ پڙهائيندا هئا.

1940ع ڌاري ڊو ميڊيڪل ڪاليج جي توسيع لاءِ ضرورت محسوس ڪئي ويئي هئي. ڊو ميڊيڪل ڪاليج سان لڳو لڳ اين جي وي هاءِ اسڪول جي عمارت هوندي هئي. ٻئي تعليمي ادارا سرڪاري هئا. فيصلو ڪيو ويو ته ايندڙ وقت ۾ تعليمي ضرورتن جي پورائي لاءِ اين جي وي هاءِ اسڪول جي هڪ عاليشان عمارت ٺاهرائي ويندي. تنهن ڪري اين جي وي اسڪول کي ڊو ميڊيڪل ڪاليج جي سامهون ڪوتوال بلڊنگ ۾ عارضي طرح شفٽ ڪيو ويو هو ۽ اسڪول جي اصلوڪي عمارت ڊو ميڊيڪل ڪاليج کي ڏني ويئي هئي. مون کي ياد نه ٿو اچي ته ڪوتوال بلڊنگ ۾ مرهٽن جو يا گجراتين جو ڪو اسڪول هوندو هو. ڪوتوال بلڊنگ اسڪولي عمارت هئي. اُتي مون کي پهرين درجي ۾ داخلا وٺي ڏني هئائون. سن هو 1946ع.

اين جي وي هاءِ اسڪول جي نئين بلڊنگ لاءِ سرڪار بندر روڊ تي سعيد منزل پرسان ڪا قديم سرڪاري آفيس ڪيرائي پٽ ڪري ڇڏي،

اٺائون. اُن هنڌ سيمنٽ سان لکايو اٺائون، اين جي وي بلڊنگ.

اهڙي طرح راجستان ۾ جيسلمير کان گهرايل پٿر ۾ ماربل سان ٺاهيل اين جي وي هاءِ اسڪول جي عاليشان عمارت قبضه خورن لاءِ سٽيو گرهه ٿي پيئي آهي.

اين جي وي هاءِ اسڪول جي نئين عمارت جي هڪ حصي تي سڀ کان پهرين سنڌ اسيمبليءَ ناجائز قبضو ڪيو هو. (48_1947ع) ان وقت ڪراچي پاڪستان جي گاديءَ وارو هو. سنڌ اسيمبليءَ جي پنهنجي عمارت مرڪزي سرڪار جي استعمال ۾ هئي جتي وفاقي يا قومي اسيمبليءَ جا اجلاس هلندا هئا. ان کان پوءِ سنڌ حڪومت جي ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن اين جي وي هاءِ اسڪول جي هڪ حصي تي قبضو ڪري آفيس کولي. (1950ع) ڏسنديئي ڏسندي سنڌي ادبي بورڊ اين جي وي هاءِ اسڪول جي ٻئي حصي تي قبضو ڪري آفيس کولي ڇڏي اِهي سرڪاري قبضا هئا، هر لحاظ کان ناجائز هئا. پوءِ خيرن سان پي ڊبليو ڊي وارن اسڪول جي هڪ حصي تي قبضو ڪري ورتو. پوءِ ته هڪڙا دفتر کليا پي ته ڪي بند پي ٿيا. اسڪول ويو تباهه ٿيندو.

روزگار سبب اٺاويهه سالن واري جلاوطني ڪاٽي ڪراچي موٽي آيس، (2001ع) دل ٻال اوسٽا (ننڍپڻ) جا پيرا کڻڻ لاءِ چڪ ڪاڏي ڊاڪٽر امداد بلوچ ۾ مان اين جي وي اسڪول ڏسڻ وياسين. امداد بلوچ ۾ مون ساڳي سال (1953ع) اين جي وي اسڪول مان ميٽرڪ ڪئي هئي. ايم بي بي ايس ڪرڻ کان پوءِ امداد اي اين ٽي يعني نڪ، ڪن ۾ ڳلي جي بيمارين لاءِ علاج ۾ سرجريءَ ۾ ٻاهران اسپيشلائيز ڪيو ۾ اڳتي هلي بينظير ڀٽو جي معالج ٿيو.

اين جي وي هاءِ اسڪول جي موجوده حالت ڏاڍي افسوسناڪ آهي. عمارت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. ان اسڪول سان منهنجي روح جو رشتو آهي، جيئن رتن تلاءَ پرائمري اسڪول سان آهي. اسڪول ويران ۾ تباهه حال پي ڏٺو. ورانڊن ۾ ڀڳل ٽٽل ميزن، ڪرسين ۾ ڊيسڪن جا ڍير، ڪنسٽرڪشن جو رهجي ويل سامان. ڪلاسن جون ڊيسڪون پراڻيون ۾ اُڌوهي کاڌل ـ ڪلاس روم اونداها ـ دز ـ مٽي ـ ڇارا ـ سنگمرمر جون ڏاڪڻيون غلاظت ۾ پان جي پيڪن ۾ ٿُڪن سان ٿقيل! ٽائليٽ ايتري قدر

ٽرافي (ڪپ) نظر آئي. رمال ڪڍي، ٽرافيءَ تان دز لاٿم. چنڊيم. اُڪريل اکر ظاهر ٿي پيا. اين جي وي هاءِ اسڪول جي ڊراماٽڪ ڪلب اُها ٽرافي 1932ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڪرايل رابندر ناٿ ٽيگور ڊراما فيسٽيول ۾ حاصل ڪئي هئي. باقي انمول ڪپ، ٽرافيون، شيلڊون، ۽ انعام ڪيڏانهن ويا. ڪير ڪٽي ويو ڪنهن کي ڪا خبر ڪونهي. برماٽيڪ جي فرنيچر ۽ الماڙين بابت بہ ڪنهن کي ڪا سڌ نہ هئي.

1947ع کان اڳ جتي جتي منهنجين يادن جا جهان آباد هئا، سي جهان، 1947ع کان پوءِ ابتر حالتن ٿيهٺ سالن ۾ اُجاڙي ڇڏيا آهن. ڪو سبب تہ آهي جو مان هن ملڪ ۾ خوش ناهيان. اُتاولو آهيان. پنهنجي وطن ۾ پاڻ کي جلاوطن محسوس ڪندو آهيان.

اين جي وي هاءِ اسڪول مان ئي مون کي عقيدن، يقينن، ۽ اعتبارن بابت صوفين جي واٽ جو ڏس مليو هو. سن هو 1946ع. منهنجي عمر هئي ڏهہ سال. هندستان جي ورهاڱي بابت افواهن ملڪ ۾ رڻ باري ڏنو هو. صدين جا رشتا ناطا، محبتون ۽ چاهتون، رواداري، لحاظ، احترام، ۽ پروسا سياسي پنيٺ ۾ ونجي ويا هئا. ڪنهن کي ڪنهن تي اعتبار نہ رهيو هو. مان پهرين درجي ۾ پڙهندو هوس. تڏهن اين جي وي اسڪول عارضي طرح ڪوتوال بلڊنگ ۾ هلي رهيو هو. اين جي وي هاءِ اسڪول جي پنهنجي اصلي عمارت ۾ ڊو ميڊيڪل ڪاليج کوليو هئائون. اسڪول جي نئين عاليشان عمارت ذري گهٽ تيار ٿيڻ تي هئي. سر آهوجا اسان کي انگريزي پڙهائيندو هو. وچولي قد وارو، اڇو سهڻو ۽ صاف شفاف هوندو هو. ڪڏهن سوٽ، تہ ڪڏهن اڇو پاجامون، ڪڙتو ۽ مٿي تي اڇي گانڌي ٽوپي پائي ايندو هو. ڪلاس ۾ اسين ويهہ پاويهہ شاگرد هوندا هئاسين. مان ڪاري ڪوجهي کي سر آهوجا ڏاڍو پيائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن سر آهوجا سلوار قميص ۽ مٿي تي جناح ٽوپي پائي آيو. اسين شاگرد واڻڙا ٿي وياسين. مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ سر آهوجا ڏاڍو وساميل وساميل پئي ڏٺو. پيريڊ ورتائين، پر ڌيان بئي ڪنهن طرف هُئس. رسيس مهل جڏهن اسين ڪلاس مان ٻاهر پئي نڪتاسين، سر آهوجا مون کي سڏ ڪيو. پاڻ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. مان سر جي پرسان وڃي بيٺس. سر آهوجا ڪجهہ ڪجهہ هٻڪندي مون کان پڇيو "تون

انهن ئي ڏينهن ۾ مون پهريون دفعو مذهب. بابت امان کان سچل سرمست جو هڪ بيت پڙهو هو.

**مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،**
**پيرن، پنڊتن، بزرگن بيحد پلايا،**
**ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،**
**اوڏو ڪين آيا عقل وارا عشق کي.**

اُهو ڏينهن، اجوڪو ڏينهن مان مذهبن جي مونجهارن کان آزاد ٿي ويو آهيان. الف الله _ ب جي بات ويئي.

جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون. سو هيءَ، سو هو. سو اجل، سو الله، سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو.[1] سو رام، سو رحيم. سو ڪاشي، سو ڪعبو. سو هرهنڌ هوئي آهي.

آپے آهو آپے چيتا، آپے مارن دھایا
آپے صاحب آپے بردہ، آپے مل وکایا [2]

هو آهي، اِن کان اڳتي ڪنهن کي ڪا خبر ناهي. هڪ کي انيڪ روپ ڏيئي ماڻهو وچي مونجهارن ۾ پيا آهن. انت بحر دي خبر نہ ڪائي، رنگي رنگ ڇمايا واري رمز سمجهه ۾ آئي. مون کي مونجهارن کان مڪتي ملي ويئي. پڇندا آهن، تہ تون ڪير آهين؟هندو آهين، مومن آهين، مسيحي آهين، يهودي آهين، يا گوتم جو گياني آهين؟ جواب ۾ مان سچل سائينءَ جي سِٽَ جهونگاريندو آهيان: ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي _ مان جوئي آهيان، سوئي آهيان.

نا میں مومن وچ مستیاں
نا میں وچ کفر دیاں ریتاں
نا میں پاکاں وچ پلیتاں
نا میں موسیٰ، نہ فرعون [3]

1. شاهه لطيف
2. بلهي شاهه
3. بلهي شاهه

# غفا

ذري گهٽ روزانو ائين ٿيندو آهي جو امان بيڪل ٿي منهنجي غفا ۾ هلي ايندي آهي. هوءَ پڪ ڪرڻ ايندي آهي تہ مان جيئرو آهيان، يا نعمتن سان ڀرپور هيءَ جڳ جهان ڇڏي هليو ويو آهيان.

جهڪي، منهنجي مٿي تي هٿ رکي، امان غور سان منهنجي ڪنڌ ڏانهن ڏسندي آهي. منهنجو سِرُ سلامت ڏسي، ٺڏو ساهہ کڻي، پاڻوهہ مان مون کي پيار ڪندي آهي. ۽ پوءِ، آهہ کي ساهہ ۾ سانڍي ڇڏيندي آهي. اڪ مان لڙي آيل لڙڪ جو منهنجي مٿي تي محراب ٺاهي، پنهنجي دنيا ڏانهن موٽي ويندي آهي.

ڳالهہ ڇا هي جو امان اڪثر منهنجي لاءِ پريشان رهندي آهي. هوءَ منهنجي باري ۾ لاڳيتو هر رات هڪ ڀوائتو خواب ڏسندي آهي. خواب ڏسي ڊڄي ويندي آهي. ڪنبي ويندي آهي. ننڊ مان ڇرڪ ڀري اُٿي ويهندي آهي. سامت ۾ اچڻ لاءِ پاڻيءَ جو گلاس ڀري پيئندي آهي. امان خواب ۾ مون کي سسيءَ بنا رڻ ۾ رلندي ڏسندي آهي. هڪ هٿ ۾ وڍيل منهنجو سِرُ، ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪنڊن جو تاج ڏسندي آهي.

امان ٻن پوپن کان خواب جي تعبير ڪڍرائي هئي. ٻنهي مان هڪ پوپو ديسي هو ۽ ٻيو پرديسي هو. ديسي پوپي سان هوءَ سکر جي ويجهو ٻکر ۾ ملي هئي. غور سان خواب ٻڌڻ ۽ زائچا ٺاهڻ کان پوءِ ٻکر جي پوپي امان کي خوشخبري ڏني هئي. چيو هئائين، ”تنهنجو پٽ وڏي ڄمار ماڻيندو ۽مملڪت خداداد پاڪستان جو بادشاهہ ٿيندو.“

تعبير جي معاوضي ۾ ديسي پوپي امان کان پنج سئو رپيا، هڪ ڪاري ڪڪڙ ۽ هڪ ڪارو ٻڪر ورتو هو. جن عيني گواهن ٻڪر ڏٺو هو تن مون کي ٻڌايو هو تہ ٻڪر هوبهو مون جهڙو هو. قاصائيءَ ٻڪر جو سر، ڌڙ کان ڌار ڪري جڏهن ٻڪر جي مٿي مان ميڄالي ٻدران ڏيڏر نڪري آيو هو.

ڪجهه ٽڙيل سمجهندي آهي. مان سندس سڪيلڊو پٽ آهيان. ڪيس تن ڏيئرن ڪان پوءِ ڇاتو هوس. مان سمجهان ٿو سنڌين جا سمورا سڪيلڊا پٽ ڪجهه ڪجهه ڇريا، ڪجهه ڪجهه ڪريا، ۽ ڪجهه ڪجهه بانورا هوندا آهن. هو سڀئي سانورا هوندا آهن. پر، مان ڪجهه ڪجهه شيدي آهيان.

مون کي غفا مان ڪڍي پنهنجي دنيا ۾ آڻڻ لاءِ امان وسان ڪين گهٽايو آهي. چرين ڪرين جي مٿي مان خلط ڪڍڻ وارو شايد ئي ڪو نامور ڊاڪٽر هوندو جنهن مون کي نه ڏنو هجي! ۽ تي ڪلاڪ منهنجو مٿو ڪاٽڻ ڪان پوءِ هو مون کي سمهڻ، ۽ سوچ کي مفلوج ڪندڙ گوريون نسخي ۾ لکي ڏيئي ڇڏيندا آهن.

هڪ دفعي امان مون کي ڊاڪٽر ساراهه سولنگي ڏانهن وٺي وئي هئي. خدا جو شڪر آهي جو هوءَ گيناڪالاجسٽ نه هئي. سائيڪالاجسٽ هئي، يا سائڪيا ٽرسٽ هئي! ماڻهن جي مٿي مان خلط ڪڍڻ جي ماهر هئي. ڏاڍي سهڻي سبيتي هئي. جنهن به سندس نالو ساراهه رکيو هو سوچي سمجهي رکيو هو. سچ پچ ساراهه جوڳي هئي. مون کي پڪ ڪونهي ته مان چريو ڪريو آهيان، يا سچو آهيان. ڊاڪٽر ساراهه سولنگيءَ کي ڏسڻ ڪان پوءِ مون کي خيال آيو هو ته مان سچي چمار چريو ڪريو رهندس، ڊاڪٽر ساراهه ڪان علاج ڪرائيندس، ۽ ڪڏهن به نيڪ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪندس. انٽرنيٽ تان ڊائون لوڊ ڪيل امان جي خواب جي ٿئين تعبير مون کي مقدر تي تصديق جي مهر وانگر محسوس ٿي هئي.

ڊاڪٽر ساراهه سولنگيءَ سان منهنجو تعارف ڪرائيندي امان چيو هو "عدم منهنجو اڪيلو سڪيلڊو پٽ آهي. الله اوهان کي هٿ ۾ شفا ڏني آهي. اوهين منهنجي پٽ جو علاج ڪريو. ڪيس نارمل ڪريو."

مون کي ڪاوڙ وٺي ويئي هئي. مون احتجاج ڪندي چيو هو. "مان نارمل آهيان. مان نارمل آهيان."

ڊاڪٽر ساراهه هڪدم چيو هو "تون نيڪ ٿو چوين. مون کي يقين آهي ته تون نارمل آهين."

"ته پوءِ امان ڇو ٿي سمجهي ته مان نارمل نه آهيان." مان اٿي بيٺو هوس. چيو هيم، "مون ڏانهن غور سان ڏس ڊاڪٽر ساراهه. مان توکي ايبنارمل نظر ٿو اچان؟"

"ائين نه ڳالهائبو آهي، پٽ." امان چيو هو "تون بدران چئه اوهين،

"مون ڏانهن ڏس، عدم."

مون ڊاڪٽر ساراهہ ڏانهن ڏٺو. هوءَ پنهنجي ڪرسيءَ تي وچي ويهي رهي هئي.

پڇيو هئائين، "تون پنهنجي ڪمري مان ٻاهر ڇونہ ايندو آهين؟"

"ڪمرو!" تعجب وچان پڇيو هيم، "ڪهڙو ڪمرو؟"

"گهر ۾ تنهنجو ڪمرو."

"گهر! ڪهڙو گهر؟"

"جتي تون رهندو آهين."

"منهنجو تہ ڪو گهر ڪونهي."

"تہ پوءِ تون ڪٿي رهندو آهين، عدم؟"

"مان غفا ۾ رهندو آهيان."

اوچتو منهنجي مٿان، آسمان تي هزارين رَتَ ڪاهي آيا. هڪ ساعت ۾ گذري ويا. صدين کان بند تاريخ جي ماتم ڪدي ۾ ڪنهن سيني تي هٿ هنيو. ڪائنات مان اوپرو آواز آيو. وچ ڪري، قلعي جي پٽ ۾ ڏار پئجي ويو.

مون کي ڪا خبر ڪونهي تہ ايئن ڇو ٿيو هو ۽ ڇا جي لاءِ ٿيو هو. مون ڏوتن ۽ ڏوتين کان ٻڌو هو تہ منهنجي ڄمڻ کان پوءِ بابا ڏاڍو اداس ٿي پيو هو. هيڪلوءِ چپ چاپ رهڻ لڳو هو. جيستائين مون کي ياد ٿو اچي بابا ڏاڍو دلبر قسم جو انسان هو. ايئن برابر آهي تہ مون کيس کلندي ڪو ورلي ڏٺو هو. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ جو پروفيسر هو. تاريخ کي سمورن علمن ۽ عقيدن جو عيني گواهہ سڏيندو هو. ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر درسگاهن ۾ وڏي ساک هئس. پنهنجي سڄي نالي بدران پروفيسر روحل جي نالي سان مشهور ٿي ويو هو. مون سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. بابا انهن انسانن منجهان نہ هو جيڪي پٽ لاءِ پاهہ ٿيندا آهن. ٽئين ڌيءَ شانيءَ جي ڄمڻ کان پوءِ هنن، امان بدران خاص ڪري بابا، ڇوٽين پار جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو. شانيءَ کان ٽي سال پوءِ مان کيس ڄائو هوس. ڏوتن ۽ ڏوتين مطابق بابا ڏاڍو اداس ٿيو هو. مون کي هنج ۾ کڻي خيالن ۾ گم ٿي ويو هو. ڪجهہ ڄڻن کيس روئيندي ڏٺو هو.

هوش سنڀالڻ کان پوءِ مون ڏوتن ۽ ڏوتين جي ڳالهين کي ذهن جي هارڊ ڊسڪ تان اِريز ڪري ڇڏيو ـ هميشہ لاءِ ڊليٽ ڪري ڇڏيو. مون محسوس ڪيو بابا کان علاوه شايد ٽي ڪو اهڙو پيءُ هوندو جنهن ايڏي

لنچ ڪئيسين. رکي رکي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي پئي ورتوسين. اِن دوران مون کي ورائي ورائي خيال آيو هو تہ بابا کان ڪجهہ نہ پڇان. پنهنجي اڻ تڻ کي دل ۾ دفن ڪري ڇڏيان. ڏوتن ۽ ڏوتين جي ڳالهہ تي ڏيان نہ ڏيان. ڪيس اجايو پريشان نہ ڪريان! ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي جو منهنجي ڄمڻ کان پوءِ بابا ڏاڍو اداس ۽ چپ چپ رهڻ لڳو آهي! تي سگهي ٿو مان ڪيس نہ وڻيو هجان! هونئن بہ بابا ٽن ٻارن لاءِ پلاننگ ڪئي هئي. شاني ءَ کان ٽي سال پوءِ اوچتو مان اجايو رونگ ۾ پيدا تي پيو هوس. سندس پلاننگ اَپ سيٽ ڪري ڇڏي هيم. پر، ان ۾ منهنجو ڏوهہ نہ هو. دنيا ۾ اچڻ، نہ اچڻ منهنجي وس ۾ نہ هو. مون کي بس هڪ ڳالهہ جو ڏڪ هو تہ مان بابا لاءِ منحوس ثابت نہ ٿيو هوس. جنهن سال مان ڄائو هوس، ساڳئي سال بابا ورلڊ هسٽاريڪل ڪانگريس جي صدارت ڪئي هئي. مان ٻارهن تيرهن سالن جو هوس جو بابا ايسوسيئيٽ پروفيسر مان پروفيسر ٿيو هو. مان سترهن ارڙهن سالن جو هوس جو بابا ڊين فيڪلٽي آف آرٽس مقرر ٿيو هو. مان منحوس نہ هوس.

ورهيہ اڳ جي ماجرا آهي. پرديس ۾ رهجي ويل بابا جو هڪ پراڻو ۽ گهاٽو دوست ٻارن ٻچن سميت پاڪستان گهمڻ آيو هو. ڪراچيءَ ۾ اسان وٽ اچي رهيو هو. مون کي ڪتمنڙا ڪارائيندو هو ۽ پڪين جا لطيفا ٻڌائيندو هو. سندس لطيفن تي ٻيا گهٽ، ۽ پاڻ وڌيڪ کلندو هو. هڪ دفعي مون کي چڪي، پاڪر ۾ پيري پنهنجي هنج ۾ ويهاريو هئائين. بابا ڏانهن ڏسي ڳالهايو هئائين.

"يار روحل، نہ تون پنهنجي پٽ جهڙو آهي، ۽ نہ تنهنجو پٽ تو جهڙو آهي." پوءِ امان ڏانهن ڏسندي پڇيو هئائين، "هيءَ ماجرا ڇا هي! آمريڪا مان ڪنهن شيديءَ جو پٽ چورائي تہ نہ آيا آهيو؟"

پاڻ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي کلي پيو هو. پر، بابا کلي نہ سگهيو هو. هن حسرت وچان مون ڏانهن ڏٺو هو. تڏهن مان ننڍڙو هوس. پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هوس، پر مون کي سڀ ڪجهہ ياد آهي. مان ڪجهہ بہ وساري نہ سگهيو آهيان. منهنجو هڪ هڪ تجسس منهنجي وجود ۾ پروان چڙهيو آهي. مون سان گڏ وڏو ٿيو آهي.

يونيورسٽيءَ ۾ بابا سان لنچ ڪندي هڪ چنتو ـ اڻچتو پوءَ مون کي پريشان ڪندو رهيو هو. مان بابا کان ڪجهہ پڇي سگهندس، يا هڪي

”چو جو منهنجو پرم پچي پيو هو.“ بابا منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو هو. پوءِ هن آسمان ڏانهن ڏٺو هو ۽ چيو هو ”تون منهنجو پٽ نہ هئين، عدم.“

مون صور اسرافيل جو آواز ٻڌو. سڀ ڪجهہ، سموري ڪائنات سميت هيبتناڪ اوندهہ ۾ گم ٿي ويو. مان گم ٿي ويس. بابا گم ٿي ويو. اوندهہ ۾ جڻ ڪروڙين ابابيل ۽ چمڙا غفائن مان نڪري آيا. منهنجي مٿان تاريڪيءَ ۾ لامارا ڏيڻ لڳا. فنا جي هڪ ساعت بقا جي سمورين ساعتن کي ضم ڪري ڇڏيو.

صور اسرافيل جو آواز مون ٻيهر ٻڌو. ابابيل ۽ چمڙا، غفائن ڏانهن موٽي ويا. اوندهہ بدران نور کي بي نور ڪندڙ روشني ڇانئجي ويئي. سج سوا نيزي تي لهي آيو هو. مون پاڻ کي بابا کان پڇيو، ”اوهان ڪيئن سمجهيو هو تہ مان اوهان جو پٽ نہ هوس؟“

”شانيءَ جي ڄمڻ کان پوءِ مون آپريشن ڪرائي ڇڏي هئي.“ ڏونگر ڏاري ڇڏڻ جهڙي ڏک وچان بابا چيو هو ”مون مان ٻار جي اميد امڪان کان ٻاهر هئي.“

”امان کي خبر هئي اِن ڳالهہ جي؟“ مون پلصراط تان، بابا ڏانهن ڏسندي پڇيو هو.

”ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين لاءِ ڪيس فرصت ڪٿي هوندي هئي!“ بابا جي آواز جو پڙاڏو آيو هو ”اقوام متحده جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ هوءَ اڪثر ملڪ کان ٻاهر رهندي هئي.“

آسماني ڪتابن واري قيامت الاءِ ڪڏهن ايندي پر، منهنجي لاءِ قيامت آئي، ۽ سڀ ڪجهہ تحس نحس ڪري هلي ويئي. ڪجهہ باقي نہ بچيو. نہ حساب، نہ ڪتاب، ۽ نہ سزا، ۽ جزا.

بابا يونيورسٽيءَ ۾ استعفيٰ ڏئي ڇڏي، پاڪستان ڇڏي هليو ويو ۽ نيپال ۾ جوڳين سان هماليہ جي غارن ۾ وڃي رهيو. وڃڻ کان اڳ بابا مون کي ڏاڍو پيار ڪيو هو.

سندس سڏڪندڙ سيني ۾ منهن لڪائيندي پڇيو هيم، ”منهنجي ڪري جوڳ پيا وٺو نہ؟“

”نہ عدم نہ.“ بابا مون کي اکين تي، ڳلن تي، نرڙ تي پيار ڪندي چيو هو. ”تنهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي. بلڪ ڪنهن جو ڪو ڏوهہ ڪونهي.“

سندس ٻئي هٿ چمندي چيو هيم، ”تہ پوءِ جوڳ ڇو ٿا وٺو؟“

امان ڪڏهن بہ پنهنجي خواب جي تعبير ڪنهن ديسي يا پرديسي پوپي کان نہ ڪيرائيندي هئي. جڏهن بہ ولايت مان واپس ورندي هئي، منهنجي لاءِ هڪ برجستو ڪپهہ پريل رڇ ضرور وٺي ايندي هئي. مان سمجهان ٿو يا منهنجو گمان آهي، بابا جي الوپ ٿيڻ کان پوءِ امان منهنجي باري ۾ پهرين پيري پوائتو خواب نہ ڏٺو هو. ان کان اڳ هن منهنجي باري ۾ پوائتو خواب نہ ڏٺو هو. پر، پوءِ خوابن جي دنيا ۾ وڏي پيچ ڊاهہ ٿي هئي. اَيامن کان بينل برج پڇي پيا هئا.

امان مون کان ورائي ورائي پڇيو هو "وڇڻ مهل تنهنجي پيءُ تو سان ڇا ڳالهايو هو؟"

۽، هر دفعي مون کيس ساڳيو جواب ڏنو هو "هن مون سان آگاهيءَ جي دردناڪ عذاب بابت ڳالهايو هو."

امان جواب جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، پر پهچي نہ سگهندي هئي. منجهي پوندي هئي. ان رات هوءَ ننڊ آٽيندڙ گوريون کائڻ جي باوجود سمهي نہ سگهندي هئي. چڻ ڦتڪندي هئي. کنڊر جهڙي گهر ۾ بي مقصد گهمندي هئي. پاڻ سان ڳالهائيندي هئي. هڪ دفعي چيو هئائين، "مان روحل جهڙي ذهين نہ آهيان. تنهنڪري تون، مون سان آگاهيءَ جي ڳالهہ نہ ڪر. مون کي ٻڌاءِ تہ وڇڻ مهل هن منهنجي باري ۾ ڇا چيو هو."

"هن تنهنجي باري ۾ ڪجهہ نہ چيو هو." مون غور سان امان ڏانهن ڏسندي چيو هو "هن درويش کي خبر هئي تہ مان سندس پٽ نہ هوس."

ڌرتي ڏڪي ويئي. پوءِ الاءِ ڪيترا سال ۽ صديون خاموشيءَ جي هڪ موسم ڪٽي آيا، ۽ گذري ويا. اَيامن تائين نہ زلزلو آيو نہ ڪتي ڪو ٻرندڙ جبل ڦاٽو نہ ڪنوڻ ڪجي، نہ آسمان تان آبشار وسيو ۽ نہ سمنڊ اٿليو.

جمود کي مون ٽوڙيو هو. اِهو ضروري هو ورنہ ساهہ کڻڻ مشڪل ٿي پيو هو.

"آسمان تائين رسائي منهنجي امڪان ۾ هجي ها تہ پوءِ شايد مان مرڻ تائين تو کان ڪڏهن نہ پڇان ها." مون امان کان پڇيو هو "تنهنڪري تون ٻڌاءِ تہ مان ڪنهن جو پٽ آهيان؟"

امان ڪنبي ويئي هئي. مون ڏانهن وڌي آئي هئي. مون کي ٻانهون مان پيار ڪندي چيو هئائين، "ڇا اِهو ڪافي ناهي تہ مان تنهنجي ماءُ آهيان!"

"جنهن قيامت مان، مان گذري رهيو آهيان تنهن ۾ ڪافي ناهي." چيو

# هڪ لاش ۽ راتين جا روڪ

اڄا جهونجهڪڙو هو راتوڪي اوجاڳي جو ٿڪ نہ لٿو هو در کڙڪيو.
مون پاسو ورايو فردوس پنهنجو بدن چادر ۾ ويڙهيندي چيو "ڪهڙو حرامي هِن مهل آيو آهي."

"ڪير وارو هوندو." مون ڪرسيءَ تان گائون کڻي پائيندي وراڻيو.
فردوس ڪير وارن کي ڪچي گار ڏني ۽ پاسو ورائي، وِهاڻي کي ياڪر پائي سمهي پيئي.

ٻيهر در کڙڪيو.
فردوس بيزاريءَ وچان چيو "وڃ کڻي، سوئر جو ٻار ٿو ڪري"
پلنگ هيٺان پير سان چمپل ڳولي پاتم. اکيون مهٽيندو در وٽ پهتس. اوٻاسي ڏيئي، ڪڙو لاهي، در کي وٽي ڪيم.

ڏٺم، ڏاڪڻ جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ جمنا بيٺي هئي. هراسيل هئي ۽ سهڪي رهي هئي.

مُنهن تي ڦڪي مرڪ آڻيندي چيم، "توکي تہ خبر آهي جمنا، تہ اڄڪر رات مان......"

جمنا منهنجو جملو پورو ٿيڻ نہ ڏنو. چيائين، "هيٺ ڏاڪڻ وٽ فٽ پاٿ تي هڪ لاش پيو آهي."

"لاش!"

"ها."

"ڪنهنجو آهي؟"

"ڪو مرد آهي،" جمنا چيو "چادر ڏي تہ ڍڪي ڇڏيانس."
جمنا کي ڏاڪڻ ۾ ترسايم.
هڪ ئي چادر هئي، جيڪا فردوس تي پيئي هئي. پيرانديءَ کان چادر جي ڪنڊ جهلي، متانئس ڪسڪائي لاهي ورتم.

مقدار گهٽ ٿي ويندو آهي ۽ هر طرف ماٺ ڪائنات کي ڳُڙڪائي ويندي آهي. پوءِ اوچتو ڪا ترام ٽن ٽن ڪندي، ڊوڙندي ۽ گوڙ ڪندي، گوديءَ مان نڪري ايندي آهي. ماٺ جي هنياءَ ۾ جڻ ٻڙڇي لڳندي آهي ۽ سندس اندر مان ٽريفڪ جو گوڙ گهمسان راڪاس وانگر رڙيون ڪندو اُٿلندو ايندو آهي.

ٻه چار اونها ساهه کڻڻ کان پوءِ بالڪونيءَ تي ٺونيون رکي، مان هيٺ نهاريندو آهيان، جتي جمنا جهڪي فٽ پاٿ ۽ سڙڪ تي ٻوهارو ڏيندي رهندي آهي. جمنا ۾ جنسي ڪشش جو مقناطيس آهي. صبح ويل هوءَ جنهن انداز سان چيلهه تي هٿ رکي سڙڪ تي ٻوهارو ڏيندي آهي، تنهن ويل جيڪڏهن ڪو مايوس ۽ نااميد نوجوان يا شوقين پوڙهو ڪيس هڪ نظر ڏسي وٺي ته جيڪر رڙ ڪري جوان ٿي پوي. مان جوان آهيان، پيسي وارو آهيان ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته نج سنڌي آهيان. لهِ تپي لوهه ٿي ويندا آهن، تڏهن سيٽي وڄائيندو آهيان. جمنا بالڪونيءَ ڏانهن ڏسندي آهي. مان اک پٽيندو آهيانس ۽ هوءَ ٻوهارو ڏاڪڻ وٽ رکي، مٿي هلي ايندي آهي.

هوءَ ڪچي گاڏڙ سنڌي ڳالهائي سگهندي آهي. اچڻ شرط ٻانهون منهنجي ڪنڌ ۾ وجهي پڇندي آهي، "ڪيم ڇي تماچي."

جمنا مون کي تماچي سڏيندي آهي. پهرين دفعي جڏهن سندس وٽيل سڻيل جسم کي ياڪر ۾ سوگهو ڪيو هوم، تڏهن کيس چيو هوم، "جمنا، جيڪڏهن ڄام تماچيءَ جي شاهي سواري بندر روڊ تان لنگهي ها ۽ هو توکي ڏسي وٺي ها ته هوند توکي پنهنجين راڻين جي آرميءَ جي ڪمانڊر اِن چيف ڪري ها، يعني پٽ راڻي ڪري ها."

جمنا ٽال ڪندي پڇيو هو "اهو مئو تماچي وري ڪير آهي؟"

"تماچي سنڌ جو بادشاهه هو." جمنا کي ٻڌايو هوم.

پڇيو هئائين، "هو به تو وانگر عورتن کي تاڙيندو هو ڇا؟"

"هرڪو "نر سنڌي" ڄام تماچي آهي ۽ ٿَرَ جي ڪابه غريب حسين عورت نه ڇڏيندو آهي." جمنا کي ٻڌايو هوم، "ڪينجهر تي سير ڪندي ڄام تماچيءَ جي نظر نوري مهاڻيءَ تي پئجي ويئي هئي، جيڪا تو وانگر سيڪسي هوندي هئي. ڄام تماچي جا لاهه نڪري ويا. نيٺ نوريءَ کي پنهنجين راڻين جي پلٽڻ ۾ شامل ڪري دم پٽيائين."

جمنا پڇيو هو "ڄام تماچيءَ کي نوريءَ مان ڪِڪي ڏپ نه ايندي هئي؟"

ايندس.“

”ٻہ چار آنا ڪاڏائين تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي پيئي،“ فردوس چيو ”تنهنجي ڪهڙو هڙان ٿو وڃي.“

”تہ ڪنهن جي هڙان ٿو وڃي؟“

”جڻ سڄي حلال جي ڪمائي اٿئي،“ فردوس ڪلندي چيو.

”بلڪل حلال جي ڪمائي آهي،“ فردوس کي سمجهايو ”اِهو اسان جي ملڪ جو Unwritten قانون آهي تہ هرڪو سمجهدار شخص صراط المستقيم تي هلندو رهي ۽ هذا من فضل ربي ڪندو رهي.“

”اڇا،“ فردوس منهنجين اکين ۾ اکيون وجهندي چيو ”تہ تون صراط المستقيم تي هلي رهيو آهين.“

”ها، سو في صدي،“ کيس ٻڌايم. ”هيءَ اُها راهہ رباني آهي، جنهن تي اعليٰ آفيسرن کان وٺي ميونسپالٽيءَ جي ڀنگين تائين هرڪو هلي رهيو آهي.“

فردوس ٿهڪ ڏيندي چيو ”ڪمايو خوب ڪمايو. اسان جي مقدر جي روزي آهي. اڄ کان پوءِ توسان رعايت ختم. پورا ڏيڍ سو وٺندي مانءِ.“

اسان ٻئي ٿهڪ ڏيئي کلي پياسين.

فردوس چيو ”تنهنجو بورچي منهنجي پيءُ جهڙو آهي.“

”تنهنجو پيءُ بہ بورچي آهي ڇا؟“

”نہ،“ فردوس وراڻيو ”منهنجي پيءُ ڇَڪ خيران نال ۾ منهنجين ننڍين ڀينرن کي تو جهڙن لاءِ تيار ڪري رهيو آهي.“

فردوس جي جواب جي ڪڙاڻ پنهنجي نڙيءَ ۾ محسوس ڪيم.

هن پڇيو ”تنهنجي بورچيءَ کي گهڻا ٻار آهن؟“

”اِن جي خبر دوست محمد چاچڙ کي هوندي.“

”ڇو هو تنهنجي بورچيءَ جو مائٽ آهي ڇا؟“

”ڇو تي دوست محمد کي گار ڏئين،“ چيم. ”هو ٺٽي باگي جو زبردست زميندار آهي. هڪ معمولي ۽ ٺڪي جو بورچي هن جو مائٽ ڪيئن ٿي سگهندو!“

”تہ پوءِ بورچيءَ جي ٻارن جي خبر ڪيئن پيس؟“

”دوست محمد چاچڙ ڪو عام رواجي نڙڪائو رئيس ڪونهي، رئيس جو پٽ بہ آهي،“ فردوس کي مٿي ۾ ڳالهہ ويهاريم. ”دوست محمد کي

جنهن عورت سان مان نهندس، تنهن کي هو پنهنجي پاڃائي سمجهندو.“

فردوس چيو ”مان تو کان سواءِ ٻين وٽ به تہ ويندي آهيان. دوست محمد کي غيرت نہ ايندي آهي؟“

”نہ.“

”ڇو؟“

”ڇو جو سندس غيرت جو جذبو اسان جي دوستيءَ جو محتاج آهي. هُن سڄي جڳ جو ٺيڪو نہ کنيو آهي.“ جواب ڏنم. ”هونءَ ڪڏهن ڪڏهن اسان ٻئي هڪ رن بہ گهرائيندا آهيون. اُن سان اسان مان ڪو بہ ياري نہ رکندو آهي.“

فردوس ڪوپ خالي ڪري ٽيبل تي رکيو.

ڪانئس پڇيم، ”رات تون ڪڏهن آئي هئينءَ.“

”ساڍا ٻارهن ڪن ٿيا هئا.“

”ان وقت ڪو شخص اسان جي ڊاڪٽر وٽ تہ نہ ويٺو هو.“

”نہ“ فردوس بيزار ٿيندي پڇيو ”تون اهڙيون ڳالهيون مون کان ڇو ٿو پڇين.“

”ان لاءِ تہ پوليس جا عزرائيل ٿوري دير ۾ اچي نازل ٿيندا ۽ لاش جي باري ۾ ابتا سبتا سوال شروع ڪندا.“

فردوس جي مستي ڍري ٿي ويئي. چيائين، ”مان وڃان ٿي. اجايو پوليس کي وَر چڙهي ويس تہ بڻ وڃائي ڇڏيندا.“

چيم، ”ترس، نيرن ڪري وڃجانءِ.“

”نہ بابا،“ فردوس ڪنن جون پاپڙيون جهليندي چيو ”مون کي پنهنجو خانو خراب ڪرائڻو ناهي.“

”اوهو تون تہ صفا ڇري آهين.“

”نہ مان وڃان ٿي.“

”پنجابي تہ ڏاڍا بهادر هوندا آهن،“ ڪيس ٽوڪ هنيم.

”تون ڪجهہ بہ چئہ مان نہ ترسنديس،“ هوءَ پلنگ تان اُٿي، ڪرسين ۽ صوفي تان سلوار قميص، رئو وغيره ڪٺا ڪرڻ لڳي.

چيم، ”تون پرواهہ نہ ڪر فردوس، اسان وٽ اسان جو دوست انقلابي شاعر غلام حسين آزاد ويٺو آهي. هو پوليس جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيندو.“

”هن حراميءَ جو منهنجي سامهون نالو نہ کڻ،“ فردوس ڪراهت وچان

جمالو ڳائيندو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو هو.

فردوس باٿ روم مان چيو "تنهنجي دوست کي ماٺهوءَ مان ڦيرائي ڪتو نه ڪريان ته منهنجو نالو به فردوس ڪونهي."

ڪيس جواب نه ڏنم.

ڪمري مان نڪري بالڪونيءَ ۾ وڃي ويٺس. ٻاهر اجا جهونجهڪڙو هو. پاڃيءَ ۽ ٻجريءَ سان ڀريل ٽرڪون رستي تي نڪري آيون هيون.

جمنا بارنيس اسٽريٽ تي ٻوهارو ڏيئي رهي هئي. هيٺ فٽ پاٿ تي لاش پيو هو. لاش جي ڀرسان ماڻهن جو ميڙ گڏ نه ٿيو هو. جيڪي جيئرا هئا ۽ فٽ پاٿ تي سمهيا پيا هئا، تن ۾ ۽ مئل ماڻهوءَ ۾ فرق محسوس ڪرڻ ناممڪن هو.

مان ڪمري ۾ موٽي ويس. ورانڊي واري در کي وٺي ڪري مسوءَ کي چيو ته دوست محمد چاچڙ کي مون ڏانهن موڪل.

ٿوري دير کان پوءِ دوست محمد اکيون مهٽيندو آيو. اوٻاسي ڏيئي پڇيائين "ڇا هي؟ ٽڪ لاهڻ به نٿو ڏئين."

"ٻُڌندين ته سمورو ٽڪ لهي ويندوءِ."

ڊريسنگ ٽيبل تي فردوس جو پرس ڏسندي پڇيائين، "ڪٿي آهي."

مون غسلخاني ڏانهن اشارو ڪيو.

هن چيو "رنَ ته ناهي، جنسي مائو آهي مائو. تنهنجي ڪري مُڙي ويو آهيان. پاڻي ته پنجاب جو."

پڇيو مانس، "رات ڪڏهن موٽيو هئين؟"

"شايد ٽي يا ساڍا ٽي ٿيا هئا،" هن جي چپن تي مرڪ تري آئي.

"ڪٿي هئين؟"

"پنهنجي اولڊ پليس – ليڊو."

"اڪيلو هئين يا ؟ "

هن جملو پورو ٿيڻ نه ڏنو. چيائين، "سردار خان کي ته سڃاڻين نه."

"نه."

"اڙي! سردار خان کي نٿو سڃاڻين،" دوست محمد چيو "جيڪو گذاريل سال اسان وٽ اچي رهيو هو."

"ياد نٿو اچي."

"جنهن وٽ 1966 جي فورڊ آهي،" دوست محمد هڪ هڪ لفظ تي

گم ٿي ويس. ننڍا ڪڙيون اڪيون دهشت ۾ گول ٿي ويس.

نڙيءَ مان سنهڙو چيڪلو ۽ گهٽيل هڪ لفظ نڪري سگهيس. ”لاش.“

”ها. لاش.“

”ڪير آهي؟“

”هن مرڻ کان اڳ بيان نه ڏنو هو.“

”نه نه.“ هن جو آواز ڪنبڻ لڳو. ”منهنجو مطلب آهي ته “

”مرد آهي.“

هن منهنجي منهن ۾ ڏنو. پوءِ چيائين. ”يار ڪنهن ڏچي ۾ نه پئجي وڃئون.“

”ڏڪين ٿو؟“

”ڏڪڻ جي ڳالهه به ته آهي.“ هن وراڻيو ”پرديس ۾ پوليس جي ور چڙهي وياسين ته لاهه ڪڍي ڇڏيندا.“

ڪجهه دير سوچڻ کان پوءِ چيائين. ”ڳوٺ هجي ها ته اُلوڪو ئي نه هو. ڏهه ماڻهو مارائي درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيون. تڏهن به ڪو ٻڙڪ نه ڪُڇندو.“

”رات جڏهن تون موٽيو هئين. تڏهن ڏاڪڻ وٽ ڪنهن کي ڏٺو هيئه؟“ ڪانئس پڇيم.

”مان ذري گهٽ ”آئوٽ“ هئس.“ هن هٻڪندي وراڻيو ”پر پاڻيان ٿو ته ڪو شخص ڏاڪڻ وٽ سمهيو پيو هو.“

”ٿوري دير کان پوءِ پوليس جاچ تي ايندي.“

”هان.“ دوست محمد جو وات کلي ويو. پريشاني ٿلهي منهن مان بکڻ لڳس. هڪدم پڇيائين. ”ڇا ڪرڻ گهرجي.“

منهنجي جواب کان اڳ چيائين. ”هَلُ ته ايڪسپريس ۾ پيجي هلون.“

وراڻيم. ”تون زميندار آهين. مان ٽينڊر ڪلارڪ آهيان. اسان ٻئي موڳا مٽر آهيون. آزاد کان صلاح وٺڻ گهرجي.“

دوست محمد وراڻيو ”آزاد سرمائيدارن جي خلاف آهي. اسان کي مصيبت ۾ ڏسي خوش ٿيندو.“

”هو اسان جو سنگتي آهي. ضرور سٺي صلاح ڏيندو.“

”هو اهڙي ته انڌي صلاح ڏيندو جو پاڻ ٻئي به ٽنگا ٽاتا پيا هونداسين ۽ هو آجو ٿي ويندو.“

سرمائيدارن جي گروپ جو ميمبر سمجھندو آهي ۽ ٽروپي گاريون ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي، توهان سيئي سرمائيدار آمريڪا جا ايجنٽ آهيو.

وراڻديءَ ۾ دوست محمد چيو "آزاد پنهنجو انقلابي شعر ٻڌائڻ کان اڳ اسان جي ڳالهه هرگز نه ٻڌندو."

"ڪيس ٽارڻ جي ڪوشش ڪنداسين." وراڻيم.

جڏهن آزاد جي ڪمري ۾ داخل ٿياسين، تڏهن اسان ٻنهي کي گڏ ڏسي پڇيائين، "ڇو؟ اڄ وري ملڪ ۾ ڪو انقلاب آيو آهي ڇا؟"

هڪدم ڪانئس پڇيم. "رات ڪٿي هئين؟"

آزاد جي پڇين پيل اکين ۾ روشني تري آئي. چيائين. "اِهو ته پُڇ پاپي، دل تان نه لهي لاپي."

"شاعري ڇڏ. نثر ۾ ڳالهاءِ."

"رات هڪ نئين ۽ جديد شي ٺاهي اٿم." آزاد چيو. "اول اُها ٻڌو."

"اول ٻڌاءِ ته رات ڪٿي هئين؟" مون پڇيو.

"اول شعر ٻڌ. آزاد نظم آهي." هن آزاد نظم ٻڌائڻ شروع ڪيو.

"هن مشيني ملڪ جي ماڻهن جي ذهنن تي،
پئجي ويا آهن تالا
عقل جي ٽتي پيئي آهي مالا،
پريشان آهي مٿو بالا،
هر طرف رقصان آهن سايا.
ماڻهو فٽ پاٿ تي سمهي پيا آهن
۽ موٽرون گيراج ۾ ڪونگهرا هٽي رهيون آهن.
هوٽل جا بيرا ڪتن سان گڏ هڏا چٻاڙي،
ٿوڪاري، ٿڪجي سمجهي پيا آهن،
۽ هڪ شرابي خالي بوتل ڏسي ٻهڪي ويو آهي،
پليٽ ۾ آمليٽ بيچين آهي."

"خدا جي واسطي بس ڪر." دوست محمد ڪنن تي هٿ رکندي چيو "مان بيهوش ٿيڻ تي آهيان."

"تون ظالم سرمائيدار آهين." آزاد اکيون ڳاڙهيون ڪري دوست محمد ڏانهن نهاريو.

پڇيومانس، "رات ڪٿي هئين."

ڪمينو آهين. ڪنهن سنڌيءَ جو تہ بنهہ پت ناهين."

"چو؟" هن حيرت مان پڇيو.

"چو" چيم، "توکي ڇڻ خبر ئي ڪونهي. جمنا سان منهنجي ياري آهي. توکي ايتري بہ تميز ڪونهي. تون بدڪار آهين. وحشي آهين. ڪميونسٽ آهين."

"ان ۾ بدڪاريءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي،" هن سرد لهجي ۾ ورائيو.

دوست محمد چيس، "نئو ڇڏين ڪاليج جون ڇوڪريون، نئو ڇڏين ينگياٽيون."

"مان توهان ٻنهي وانگر سرمائيدار نہ آهيان،" آزاد چيو "مان "ڪال گرل" "افورڊ" ڪري نٿو سگهان. سرڪار سڳوريءَ چڪلا بہ بند ڪري ڇڏيا آهن. اسان ڪيڏانهن وڃئون."

چيم، "هينئر انهن ڳالهين جو وقت ڪونهي. هڪ مصيبت سر تي اچي پيئي آهي."

"ڇا جي مصيبت؟" آزاد پڇيو "سي - آءِ ڊي صاحب منهنجي انقلابي شاعري جي ڏپ سنگهندو اچي هٿِ پهتو آهي ڇا؟"

"ڊاڪٽر وٽ فٽ پاٿ تي هڪ لاش پيو آهي،" ڪيس ٻڌايم.

"لاش مئل آهي يا جيئرو؟" هن پڇيو.

"ڇا؟" اسان ٻنهي حيرت مان ڏانهس نهاريو.

هن ٻيهر پڇيو "لاش مئل آهي يا جيئرو."

"لاش تہ هميشہ مئل هوندو آهي،" مون چيو.

"اسان جو ملڪ لاشن جو ملڪ آهي،" آزاد چيو "فٽ پاٿ تي ننڊ ۾ غلطان جيئرا لاش اسان جي خوشحاليءَ جو نادر نمونو آهن."

"يار تون سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهيون ڪر،" ڪيس چيم "اسان کي اجايو منجهاءِ تہ نہ."

"حڪم ڪريو" هن نهٺائيءَ مان پڇيو.

"ڊاڪٽر وٽ فٽ پاٿ تي لاش پيو آهي،" جملو ورجايم.

چيائين، "مئل لاش جي پرواهہ نہ ڪريو. جيئرو لاش هجي ها تہ فڪر ڪريون ها."

دوست محمد چيو ادا مون توکي اڳ ئي چيو هو تہ هيءَ ڪابہ ڪم جي صلاح نہ ڏيندو."

”هون، جمنا کي کھڙي خبر تہ انسان ڪڏھن مرندو آھي ۽ ڪڏھن جيئرو ٿيندو آھي،“ آزاد چيو ”ڪالھہ رات جڏھن جمنا مون وٽ آئي ھئي، تڏھن ماٺھن فٽ پاٿ تي سندس پيءُ کي لاش سمجھي مٿس ڪپڙو وجھي ڇڏيو ھو.“

مون کي آزاد جي اھا ڳالھہ پسند نہ آئي.

مان پنھنجي ڪمري ۾ موٽي آيس.

فردوس ميڪ اپ ڪري، پاڻ کي چمڪائي تيار ٿي ويٺي ھئي. اک ۾ نہ اوجاڳو ھوس ۽ نہ ئي منھن مان ٿڪ جي لڪا پئي پيس.

ڊريسنگ ٽيبل تان پرس کڻندي چيائين، ”مان وڃان ٿي.“

منھنجي جواب جو انتظار ڪرڻ کان اڳ در کولي ڏاڪڻ لھي ويئي.

مان وڃي بالڪونيءَ ۾ ويٺس. اڃا سج نہ اڀريو ھو پر ٿنھن ھوندي بہ ڪا اٿڏني روشني اوندھہ کي مات ڪري رھي ھئي. ھيٺ فٽ پاٿ تي لاش پيو ھو.

فردوس ڏاڪڻ لھي، فٽ پاٿ تي آئي. لاپرواھيءَ سان لاش کي ٺوڪر ھنيائين ۽ اڳتي وڌي ويئي.

لاش چادر لاھي، فردوس جي ڪڍ ھلڻ لڳو.

ان وقت مون کي آزاد جو جملو ياد آيو تہ ڪنھن ڪنھن وقت، ڪجھہ انسان ٿوري دير لاءِ مري ويندا آھن ۽ پوءِ جيئرا ٿي پوندا آھن.

گھڻن ڏينھن کان پوءِ جڏھن فردوس سان ٻيھر ملاقات ڪيم، تڏھن ڪانئس لاش جي باري ۾ پڇا ڪيم. فردوس چيو: منھنجو مڙس رات جو مري ويندو آھي ۽ صبح جو جيئرو ٿي پوندو آھي.

اُن رات وري ھڪ لاش اسان جي ڏاڪڻ وٽ فٽ پاٿ تي پيو ھو جنھن تي ماڻھن چادر وجھي ڇڏي ھئي. ■

مان اها دعويٰ نہ ڪندس تہ بدرالدين پنڊاري منهنجو ڪو معتقد هو يا منهنجو مريد هو. نہ ئي هن سان منهنجو ڪو رت جو رشتو هو. هن سان منهنجي ملاقات بہ حيران ڪندڙ حالتن ۾ ٿي هئي. اوهان کي ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو. هيءَ ڪجهہ ورهيہ اڳ جي ڳالهہ آهي. مان ٿائيليني جي سکوٿائي ٿيما ٿيرت يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن ۾ ايم اي ڪرڻ ۽ اتي ڪجهہ سال پڙهائڻ کان پوءِ ڪراچي موٽي آيو هوس. سچ ٻڌايانءَ موٽي اچڻ لاءِ منهنجو قطعي ڪو ارادو نہ هو. مان ٿائيلينڊ ۾ خوش هوس. مون کي ساهہ کڻڻ ۾ هوست محسوس نہ ٿيندي هئي. مختلف يونيورسٽين ۾ دعوت تي ليڪچر ڏيڻ دوران اندر جو حال اوريندي دل ڪنبي نہ ويندي هئي. مولوين ۽ ايجنسين جو ڊپ ورائي نہ ويندو هو. ننڊ نہ ڦٽندي هئي. هڪڙي ڏينهن ڪراچيءَ مان ايشين ايڊورٽائيزنگ ڪارپوريشن جي مينيجنگ ڊائريڪٽر انور تيجاڻيءَ جو تفصيلي خط آيو. لکيو هئائين تہ چيف ڪانسيپٽ رائيٽر جي پوسٽ خالي ٿي آهي. تون هڪدم اچي سنڀال. اجا ٻڌتر ۾ هوس جو مٿان انور تيجاڻيءَ جي ٽيليفون ڪال آئي. هڪدم پڇيائين، "ڪڏهن ٿو اچين؟"

چيم، "سوچيان پيو."

"سوچين ڇا پيو!" انور تيجاڻي ۽ مان بي وي ايس پارسي اسڪول ۾ ست سال ڪلاس ميٽ رهيا هئاسين. هڪ ئي بينچ تي ويهندا هئاسين. ميٽرڪ بہ گڏ ڪئي هئي سين. وڏا ٿي ڪرت ڪار سان لڳاسين تڏهن بہ هڪٻئي تي حجت هلائي سگهندا هئاسين. انور تيجاڻيءَ چيو، "اينڊڙ سومر تي اچي جوائن ڪر."

مان ڪراچيءَ موٽي آيس. ايشين ايڊورٽائزنگ ڪارپوريشن ۾ وڃي شامل ٿيس. ٻئي ڏينهن انور تيجاڻيءَ مون کي پارڻ ڪارپوريشن طرفان ليز تي ورتل فليٽ تي وٺي آيو. جنهن ۾ اڳوڻو چيف ڪانسيپٽ رائيٽر رهندو هو ۽ هڪڙي ڏينهن پراسرار نموني ڌهين ماڙ تي فليٽ جي بالڪونيءَ مان هيٺ سڙڪ تي ڪري مري ويو هو. سندس زال ڪارپوريشن کان گريجوئٽي ۽ انشوئرنس جا لکين رپيا وٺي ٻارن سميت آمريڪا هلي ويئي هئي.

مون کي فليٽ ۾ رهندي ڏهہ پندرهن ڏينهن کن مس ٿيا هئا جو هڪڙي ڏينهن ٽي چار معتبر قسم جا ماڻهو مون سان ملڻ آيا. بلڊنگ مينيجمنٽ جا ميمبر هئا. مون کين اندر آڻي ويهاريو. مون کان ٿائيلينڊ جا

منهنجي ڳالهہ هنن کي قطعي سمجهہ ۾ نہ آئي. ويندي ويندي پڇيائون، "ان جو مطلب آهي تہ ڇڙو آهين."

ان رات مون پاڪستان موٽي اچڻ واري پنهنجي فيصلي تي ڏاڍو پڇتايو. ايترا سال ٿائيلينڊ ۾ رهيس. پر ڪنهن اِن قسم جي آڏي پڇا مون کان نہ ڪئي هئي. ڪنهن کي بہ منهنجي باري ۾ سوچڻ جي فرصت نہ هئي تہ منهنجي زال ڪٿي هئي، منهنجا ٻار ڪٿي هئا. مان ڪنهن مندر ۾، ڪنهن گرجا ۾، ڪنهن مسجد ۾ چو نہ نظر ايندو آهيان.

ٻئي ڏينهن بلڊنگ ڪاميٽيءَ طرفان انور تيجاڻيءَ کي خط مليو جنهن ۾ لکيو هئائون. "وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي جو اوهان ٻارن ٻچن واري بلڊنگ ۾ ڇڙي لفنگي کي آڻي رهاٽيو آهي. هيءُ شريفن جو محلو آهي. اوهين مهرباني ڪري ڇڙي بدران پنهنجي فرم جي ڪنهن ٻارن ٻچن واري ملازم کي رهايو ۽ هن کي هڪدم اٿاريو."

ان کان علاوه خط ۾ ٻيا ڪجهہ اعتراض اٿاريل هئا. مثلاً هن کي ڪڏهن بہ نماز پڙهندي نہ ڏٺو ويو آهي. اڌ رات کان پوءِ گهر موٽندو آهي، يعني اڌ رات تائين آواره گردي ڪندو آهي. صبح جو تمام دير سان ننڊ مان اٿندو آهي. تنهن جو مطلب آهي تہ رات جو شراب پيئندو آهي. وغيره.

انور تيجاڻيءَ پنهنجي لا فرم مان هڪ وڪيل کي گهرايو ۽ بلڊنگ ڪاميٽيءَ ڏانهن قانوني جواب موڪليو. جواب موڪلڻ کان اڳ هن خط مون کي ڏيکاريو هو. لکرايو هئائين، "فليٽ اسان جي فرم جي ملڪيت آهي. اسان جي فرم ۾ اعليٰ اخلاق ۽ اعليٰ تعليم يافتہ ماڻهو ڪم ڪندا آهن. اسين پاڻ ٻارن ٻچن وارا ماڻهو آهيون. ڪنهن بہ غلط قسم جي ماڻهوءَ کي فليٽ الاٽ نہ ڪنداسين. پاڪستان جي آئين ۾ ڪٿي بہ لکيل ڪونهي تہ ماڻهو کي ڪڏهن سمهڻ گهرجي، ڪڏهن گهر اچڻ گهرجي ۽ ڪڏهن ننڊ مان اٿڻ گهرجي. باقي جيستائين نماز پڙهڻ يا نہ پڙهڻ جو سوال آهي تہ اهو ا ۽ سندس بندي جي وچ جو معاملو آهي جنهن ۾ ڪنهن کي بہ ٽنگ اڙائڻ نہ گهرجي.

خط روانو ڪرڻ کان پوءِ انور تيجاڻيءَ مون کي چيو. "گهبرائجانءِ نہ. اجايو اڌايو اٿائون تہ بلڊنگ اصل ۾ دائود ابراهيم جي آهي. جيڪڏهن هجي بہ تہ اسان کي پرواهہ ناهي. فليٽ فرم جي نالي ليز ٿيل آهي. بلڊنگ ڪاميٽيءَ جي دٻاوَ ۾ هرگز نہ اچجانءِ."

دفعو ڊپ محسوس ڪيو. الاءِ ڇو مون کي پڪ هئي ته مون کي ماريندا نه. پر جٺ ضرور ڪندا. اهڙي سيکٽ ڏيندا جو ٻئي جهاز ۾ تائيلينڊ موٽي ويندس. نه رهندس پاڪستان ۾.

هٿيار بند ٻن ڪمرن مان ڦيرائيندا مون کي هڪ وڏي هال ۾ وٺي آيا. سامهون صوفي تي هڪ جانٺو جوان پلٽي ماري ويٺو هو. طاقتور ۽ لاپرواهه پئي لڳو. پريان رکيل ڪرسيءَ طرف اشارو ڪندي چيائين، "ويهي رهه."

مون سيني ۾ دل کي ايتري قدر تيزيءَ سان ڌڙڪندي اڳ ڪڏهن محسوس نه ڪيو هو. خشڪ چپن تي زبان ڦيرايم. چپ ريگمال محسوس ٿيا.

"هن کي پاڻي پيئاريو." طاقتور شخص پنهنجن ماڻهن کي چيو.

هنن مون کي پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڏنو. مان ڍڪ ڏيئي يڪ ساهي سمورو پاڻي پي ويس. گلاس موٽائي هڪ هٿياربندکي ڏنم. ساهه ۾ ساهه پيو. ان وقت مون کي قربانيءَ جو ٻڪر ياد آيو. جنهن کي ڪهڻ کان اڳ پاڻي پيئاريندا آهن.

جانٺي جوان مون ڏانهن ڏسندي چيو "انور تيجاڻيءَ جو لاش پوليس کي سياڻي گورا قبرستان مان ملندو."

"نه نه. ائين نه ڪجانءِ مسٽر دائود ابراهيم." ڪرسي ڇڏي مان هن ڏانهن وڌي ويس.

"وڃ، وڃي ڪرسيءَ تي ويهي رهه." هن سخت لهجي ۾ چيو "مان بدرو پنڊاري آهيان."

"مان پهرئين جهاز ۾ هيءَ ملڪ ڇڏي هليو ويندس." مون بدرو پنڊاريءَ کي ويجهو وڃي هٿ جوڙيندي چيو "اوهين انور تيجاڻيءَ کي نه مارجو."

بدرو پنڊاريءَ جون پيرون ڳتجي ويون. اکيون جنجهيون ڪري هو مون ڏانهن ڏسندو رهيو. مان هٿ ٻڌي ٻاڏائيندو رهيس. "انور تيجاڻيءَ کي نه مارجو. مان پاڪستان ڇڏي هليو ويندس. بس انور کي نه مارجو."

بدرو پنڊاري ڪجهه سوچيندي، مون ڏانهن ڏسندي صوفه تان اٿيو. قداور ۽ ڪسرتي هو. اک مون مان نه ڪڍيائين. مون ڏانهن وڌندو آيو. وڪ کن تي بيهي رهيو. سندس ڳتيل پرون ڍريون ٿي ويون. مون کي تعجب ٿيو. ڪجهه هيٺ جهڪي منهنجي منهن ۾ ڏٺائين. سندس سخت چهري تي نرمي ظاهر ٿي پيئي. منهنجو ساڄو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهليائين، سڙٻاٽن ۾ اندر جي ڇڪ کي روڪيندي چيائين. "سر، سر عدم!"

جي دنيا کي ڪاروبار وانگر هلائڻ واري کي ڏاڍ سڏيندا آهن.

ٻئي ڏينهن آفيس ۾ ان ڳالهه جو ذڪر مون انور تيجاڻيءَ سان ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو. اِن لاءِ مون وٽ ڪو خاص سبب بہ نہ هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ انور جڏهن پڇيو. ”بلڊنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر تنگ تہ نہ تا ڪرنئي؟“

تڏهن وراڻيو هيم. ”نہ. قطعي نہ.“

انور ٺهڪ ڏيندي چيو هو ”هيءَ قوم ڏنڊي جي زبان سمجهندي آهي. سڌري ويا نہ!“

بلڊنگ ڪاميٽيءَ جي رويي ۾ آيل تبديليءَ جو اصل سبب مون تڏهن بہ تيجاڻيءَ کي نہ ٻڌايو. هن کي پنهنجن ڊاڪٽرن ۽ وڪيلن تي وڏو مان هو. مون کيس خوشفهميءَ ۾ رهڻ ڏنو.

انن ڏهن ڏينهن کان پوءِ اڌ رات ڌاري بدرو پنڊاري مون سان ملڻ آيو. وينو نہ. وري بہ منهنجو ساڄو هٿ ٻنهي هٿن ۾ جهليندي مون کان معافي گهريائين. ”سر. مون کي خبر نہ هئي. اصل خبر نہ هئي. مون کي معاف ڪري ڇڏجو.“

هيڏو سارو ڪسر تي جانئو جوان مون کي ننڍڙو ٻار محسوس ٿيو. مون کيس مٿي تي هٿ رکي پيار ڪيو تہ جهڄي پيو. گوڏن ڀر ويهي رهيو. منهنجو ساڄو هٿ اکين تي لائي چمندو رهيو. ان کان پوءِ منهنجيون انيڪ ملاقاتون بدرو پنڊاريءَ سان ٿيون. جن ۾ توري پيار ملڻ سان هو هيبتناڪ ڏاڍ مان پريشان ٿي ويل ٻار تي پوندو هو. انهن ملاقاتن ۾ هن پنهنجو اندر اوري وڌو. مون کان ڪجهہ نہ لڪايو.

بدرو پنڊاري وزيرن جا ڪم ڪندو هو. اسيمبلين ۽ سينيٽ جي ميمبرن جا ڪم ڪندو هو. جن پڏن ڪمن ۾ پوليس سندن ساٿ ڏيڻ کان ڪيٻائيندي هئي. اهي ڪم ڪين بدرو پنداري ڪري ڏيندو هو. مرٽ ۾ هن کي ذري گهٽ ملڪي سطح تي سرڪاري تحفظ مليل هو. وزير. ڪبير. ڪامورا. بزنس مين هن جا هم پيالہ ۽ هم نوالہ هئا. وڏا وڏا ڪڙپيل پوليس آفيسر سندس سلامي هئا. هو پوليس آفيسرن جون بدليون ڪرائي سگهندو هو. بدليون روڪرائي سگهندو هو. ڪين پروموشنون ڏياري سگهندو هو. سندس ڪمن جي فهرست ڏاڍي پوائتي هئي. غريب غربن کي اباڻن ڪکن مان بي دخل ڪرڻ تہ جيئن اتي اميرن ڪبيرن جون پلازائون

جهڪي گمراهہ گيانيءَ جا پير چهيائين. چيائين، "مان شيطان کي ناس ڪري ڇڏيندس."

وچڻ لاءِ در ڏانهن وڌيو تہ گمراهہ گيانيءَ ڪائنس پڇيو 'خبر اٿئي تہ شيطان ڪٿي هوندو آهي؟"

"ها، مون کي خبر آهي." بدروءَ چيو "مان شيطان کي تباهہ ڪري ڇڏيندس."

بدروءَ ڪُڙي تڙي پاسپورٽ ناهرائي ورتي. سعودي عرب جي ويزا وٺڻ ۾ بہ دير نہ لڳس. ان ڪان پوءِ هڪ راڪيٽ لانچر ۽ بہ چار راڪيٽ پاڻ سان کڻي وڃڻ جي منصوبي تي ويچار ڪيائين. جيئن جيئن ويچار ڪندو رهيو تيئن تيئن کيس راڪيٽ لانچر ۽ ڪجهہ راڪيٽ پاڻ سان کڻي وڃڻ امڪان کان ٻاهر لڳو. ان ڪم ۾ اميگريشن، ايئر پورٽ سيڪيورٽي ۽ پوليس جي عملدارن سندس مدد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چيائون، "جوکم جو ڪم آهي."

بدرو پنڊاري سولائيءَ سان مايوس ٿيڻ وارن مان نہ هو. هن شيطان کي پاڙون پٽي ڪيڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو. دبئي، شارجہ ۽ ابو ظهبيءَ ۾ هن پنهنجن ايجنٽن سان رابطو ڪيو. ڪوبہ کيس سعودي عرب ۾ ڪنهن بہ قسم جا هٿيار پهچائي ڏيڻ تي راضي نہ ٿيو. هو ڪيسي ۾ ٽڪيٽ وجهي بي صبريءَ وچان پٽڪندو رهيو. ڪا مهل اهڙي بہ آئي جو برطانيہ وڃي، اتان پاڻيءَ جي جهاز ۾ راڪيٽ لانچر ۽ راڪيٽ کڻي عربستان جي بندر تي لهڻ جو سوچيائين. منصوبو بہ ناهيائين، پر برطانيہ مان خاطر خواهہ موٽ نہ مليس.

نيٺ روانگيءَ جو ڏينهن سر تي اچي پهتس. دل من هٽندي ايئرپورٽ پهتو اميگريشن ۽ ايئر پورٽ جي ٻئي عملي کيس کلي کيڪاريو. کيس مان ڏنائون جهاز ۾ چڙهڻ جي اعلان کان اڳ هو ڊپارچر لائونج جي نويڪلي ڪنڊ ۾ گم سم ويٺو رهيو. بس، ڪنهن ڪنهن مهل منيون پڪوڙي، وري ڍريون ڪري ٻئي ڇڏيائين. جهاز ۾ داخل ٿيڻ جو اعلان ٿيو. بدرو پنڊاري سڀني مسافرن کان آخر ۾ جهاز لاءِ روانو ٿيو.

جهاز ۾ داخل ٿيل. سيٽ بيلٽ ٻڌي پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيو. اڍائي ٽن ڪلاڪن جي سفر ۾ بدروءَ نہ ڪجهہ کاڌو ۽ نہ پيتو. نہ ئي هن ڪنهن سان ڳالهايو. چپ چاپ ويٺو رهيو. جدي جي ايئرپورٽ کان هوٽل جي مرسيڊيز گاڏي کيس مڪ مڪرمہ وٺي آئي هوٽل ۾ سندس ڪمرو

ڪري اوهان کي ٻڌائي سگهيو آهيان جو گمراهه گيانيءَ ڪيس روزانو ڊائري لکڻ جي هدايت ڪئي هئي، جيڪا ڪيس آئيني جو ڪم ڏيندي هو جڏهن ڊائري اٿلائيندو تڏهن ڊائريءَ جي آئيني ۾ ڪيس پنهنجي اصلي شڪل نظر ايندي. بدرو پنهنجي وصيت مطابق سموريون ڊائريون مون کي ڏيئي ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو تفصيل سان مان سندس احوال اوهان کي ٻڌائي سگهيو آهيان.

سعوديه ۾ رهڻ لاءِ بدرو پنڊاريءَ وٽ پنڌرهن ڏينهن جي ويزا هئي. هو پنڌرهن ڏينهن لاڳيتو هوٽل جي ڪمري ۾ نيرن ڪري ڳوٿري کڻي شيطان کي سنگسار ڪرڻ لاءِ روانو ٿيندو هو. شيطان کي ڪچيون گاريون ۽ پوندا ڏيئي جنون ۾ نلهه کي پٿر، پٿريون ۽ پادر هڻي، پگهر ۾ شل ٿي، هيٺو ساٺو ۽ ٿڪل بدرو سڄ لٿي کان پوءِ هوٽل جي ڪمري ۾ پهچي ڪپڙن سميت ٿڌي پاڻيءَ جي شاور هيٺان وڃي بيهي رهندو هو.

ويزا جو مدو پورو ٿيو. بدرو پنڊاري واپس ورڻ لاءِ جهاز ۾ سوار ٿيو. ڪراچي پهچڻ تائين نه ڪجهه کاڌائين نه پيتائين، ۽ نه ئي ڪنهن سان ڳالهايائين. گم سم ويٺو رهيو. ٿڪل اهڙو جو ويٺي ويٺي ننڊ کڻي پئي ويس. ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ تي اميگريشن وارا ۽ ٻيو عملو بدروءَ کي بدحال ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو. سيني کي بيحد ٿڪل پئي لڳو. هن ايئرپورٽ تي ڪنهن سان نه ڳالهايو. پنهنجن ماڻهن سان روانو ٿي ويو.

بدروءَ جي باري ۾ وڏيڪ فڪر سندس ساٿين کي ٿي پيو. هن پنهنجي ڪم ۽ ڪاروبار جي باري ۾ ڪنهن کان ڪجهه نه پڇيو. ڪنهن ٻڌائڻ به چاهيو ته هن کي چپ ڪرائي ڇڏيائين. سندس طبيعت ۾ آيل تبديليءَ سيني کي پريشان ڪري وڌو. پنجين ڏينهن هڪ وفاقي وزير گهرايس. عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس مبارڪون ڏنائين. ۽ پوءِ چيائين، ”ڪورنگي ڪريڪ پرسان تو جيڪو ڳوٺ خالي ڪرايڻ هو تنهن ۾ ڪجهه ڪٽنب ٻارين ٻچي موٽي آيا آهن. منهنجن انجنيئرن کي ڪم ڪرڻ نه ٿا ڏين.“

بدروءَ ڪجهه سوچيندي چيو ”سرڪار مون اِهو ڪم ڇڏي ڏنو آهي.“

”چريو ٿيو آهين ڇا. ڪم ڪار ڪو ڇڏبو آهي ڇا؟“ وفاقي وزير چيو ”عمره ڪرڻ جو مطلب اِهو ناهي ته تون ڪم ڪار ڇڏي، هٿ هٿ تي رکي ويهي رهين. ميان هوش ڪر. اسان جا ڪروڙين رپيا اِن پروجيڪٽ

بدرو وائڙو ٿي ويو. اتان بنا موڪلائڻ جي هليو ويو. پنهنجي سيني تي مڪون هڻندو رهيو. پنهنجا وار پٽيندو رهيو. پاڻ کي گهرڙي پوندا ڏيندو رهيو. اڌ رات ڌاري مون وٽ آيو. هٿ ۾ ٻوٽري هئس. ان مهل به پاڻ کي سيني تي مڪون پئي هنيائين.

”هن ۾ منهنجيون ڊائريون آهن.“ چيائين، ”موڪلائڻ آيو آهيان، وڃان ٿو.“

پڇيو مانس، ”ڪيڏانهن؟“

وراڻيائين، ”پنهنجي وجود ۾ ويٺل شيطان کي سنگسار ڪرڻ.“

پڇيم، ”ڪڏهن موٽندين؟“

چيائين، ”شيطان کي ناس ڪرڻ کان پوءِ.“

منهنجو هٿ چمي، مون کي پيرين پئي بدرو پنڌاري هليو ويو. ان ڳالهه کي ورهيه وهامي ويا آهن. ڪنهن کي خبر ڪونهي ته بدرو پنڌاري ڪٿي آهي. ■

تماتا، پتاتا ۽ بصر ڳوليندا هئاسين.“

”ڳيري جي مرڻ کان پوءِ به اسين ٿتل تماتا، پتاتا ۽ بصر، سڙيل پاڄين جي ڍير مان ڳوليندا آهيون.“

”ان جو مطلب آهي ته، ڳيري جي مرڻ جو اسان جي زندگيءَ تي ڪو اثر ڪونهي!“

”نه. ڳيري جي مرڻ جو اسان جي زندگيءَ تي ڪو اثر ڪونهي.“

”ڀلا ٻڌاءِ ته جڏهن گولي نه هوندي هئي، تڏهن ڳيري کي ڪيئن ماريندا هئا؟“

”تڏهن ڪمان مان تير ڇوڙي ڳيري کي ماري وجهندا هئا.“

”۽ جڏهن تير ڪمان ايجاد نه ٿيو هو تڏهن؟“

”تڏهن، غليل مان پٿر هلائي ڳيري کي ماريندا هئا.“

”۽ ان کان اڳ؟“

”ان کان اڳ ڳيري کي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي، پوءِ ماري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن گهٽو ڏيئي، ۽ ڪڏهن ڇُريءَ سان ڪُهي.“

”مطلب ته ڳيري کي مارڻ جو ماڻهوءَ جڻ قسم کنيو آهي!“

”ها. مرڻ ۽ مارڻ انسان جي فطرت ۾ آهي.“

”هن ڳيري کي مارڻ لاءِ ڏاڍي ترقي ڪئي آهي!“

”ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي.“

”سموري سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقي ۽ ايجادون ڳيري کي مارڻ لاءِ ڪيون ويون آهن.“

”چنهبائي پٿر کان وٺي، راڪيٽن، ميزائيلن ۽ ايٽمي بمن ۽ هٿيارن تائين، سموري ترقي ڳيري جو موت آهي.“

”انسان، ڀلا ڪڏهن به، ڳيري کي، جيئڻ نه ڏيندو؟“

”نه. ڪڏهن به نه.“

”آخر ڇو؟“

”ڇو جو انسان جي فطرت ۽ جبلت ۾ ڳيري لاءِ موت لکيل آهي.“

”ان جو مطلب آهي، اسين قيامت تائين سڙيل پاڄين جي ڍير مان ٿتل تماتا ۽ بصر چونڊي کائيندا سين؟“

”ها. قيامت تائين اسين سڙيل پاڄين جي گند مان ٿتل تماتا ۽ بصر ڳولي کائيندا سين.“

# گامون سچار جي پٽ جو انٽرويو

امتحان جا نتيجا نڪرڻ جي موسم موتي آئي. اخبارن جا خاص نمبر ۽ سپليمينٽ شايع ٿي رهيا هئا. نتيجا هڪ ٻئي جي ڪڍ نڪري رهيا هئا. تنهن ڪري اخبارن جا ڪالم ۽ صفحن جا صفحا انگن سان چيچجي رهيا هئا. هونئن جو روزانو ٻن چئن پنگين، پيلن ۽ مينگهواڙن جي مسلمان ٿيڻ جون خبرون ۽ تر جي واٽياٽين جو اسلامي اصولن کان متاثر ٿي ڪنهن مسلمان وڏيري سان راضي – خوشيءَ ۽ بنا ڪنهن دٻاءُ دوس جي شادي ڪرڻ ۽ اسلام قبول ڪرڻ جا اعلان ساڄي آڱوٺي سان شايع ٿيندا هئا. شايع ٿيڻ بند ٿي ويا. سياسي ۽ بين الاقوامي خبرن جي اهميت گهٽجي ويئي. ڏک وچان پوڙهن ۽ نوڙهن سياسي مدارين في الحال حالتن آڏو هٿيار اُڇلي ڇڏيا ۽ خاموشيءَ جي ٻرن ۾ گم ٿي ويا.

مان عالمگير اخبار جو سياسي نمائندو آهيان. منهنجو ڪم آهي سياسي جلسا قلمبند ڪرڻ ۽ سياسي پارٽين کان پوءِ ڊنرن يعني رات جي مانيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ. مون کي گهڻو ڪري جلسن بدران رات جي ماني، يعني ڊنر ۾ شامل ٿيڻ سان گهڻي دلچسپي آهي. سنڌ جي سياسي طوائف جي پڳ هميشه کان سرمائيدارن جي هٿ ۾ رهي آهي. سياسي رن اسان جهڙن ڪنگالن جي ور نه چڙهي آهي جو دال – مانيءَ تي، ۽ ڪڏهن بکن ۾ پاهه ٿيڻ ني هريل هجي. سنڌ جي سياست – چلهه ۽ چورو مزو ئي مزو. تنهن ڪري سياسي گڏجاڻين کان پوءِ جيڪا ڪچهري ٿيندي آهي، تنهن ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿيندو آهي، جيڪو ٻئي هنڌ نه ٿيندو آهي.

جڏهن نتيجن نڪرڻ جي موسم نازل ٿي، تڏهن سياسي ليڊرن جي بيان بازي بند ٿي ويئي، سندن اوطاقن ۽ بيٺڪن جا در جيڪي اڳ صحافين لاءِ کليل هوندا هئا، بند ٿي ويا. پرائيويٽ ڪم چالو رهيو.

هڪڙي ڏينهن اسان جي روزاني اخبار "عالمگير" جي ايڊيٽر

”ڪُرو آئي ٻاپ.“ هن مون کان پڇيو.

عرض ڪيم، ”سائين اوهان ياد فرمايو بندو گندو حاضر آهي، ڪو حڪم، ڪو احڪام.“

هو سوچ ۾ گم ٿي ويو. پوءِ هڪدم جڻ ڪيس الهام ٿيو. چيائين، ”اري ٻاپ مقت جو تنخواه کائين ٿو ڪرو؟“

”سائين بندي گندي کان ڪا غلطي ٿي ويئي آهي؟“

”اي ڪم ڪر، ٻاپ، ڪم ڪر.“ هن سنهڙي هٿ سان منهنجي منهن ۾ اشارو ڪندي چيو.

”سائين ڪم ڪندو آهيان.“

”اي سندي ماٺو ڪم ڪر ٻاپ، ڪم ڪر.“ هو پنهنجو هڏائون هٿ منهنجي نڪ تائين کڻي آيو.

”سائين“، کيس ٻڌايم، ”اڄڪلهه سياستدانن جي توتڙي خاموش آهي.“

”اري ٻاپ،“ هن مٿي تي هٿ رکندي چيو ”شياشتدان جي ٻولتي بند آئي، تہ ني توکي تنخواه مقت جي ملدي، ڪُرو.“

”سائين ڇا ڪيان؟ ليڊر سڳورا ڳالهائڻ شروع ڪندا، تہ پوءِ مان بہ خبرون آڻڻ شروع ڪندس.“ هيٺ ڪنڌ ڪري آهستي ورائيم.

اڄ ڪلهه روزي خدا جي هٿ ۾ نہ، پر سرڪار جي هٿ ۾ آهي. سوچيم هيءَ ڪاٺياواڙي سيٺ جيڪڏهن ڪاوڙجي پوي، تہ جيڪر هن ڏرتيءَ تي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏي مون کي رڻ ۾ رولي ماري، پوليس ۾ سي — آءِ — ڊي کان جيڪر منهنجا لاهہ ڪڍرائي ڇڏي، مان روح تائين ڪنبي ويس.

”سائين“، عرض ڪيم، ”اڄ — سيان ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ضرور ڪو جلسو ٿيندو مارا ماري ٿيندي، ۽ اخبار لاءِ هڪ بهترين خبر ملي ويندي، نوڙها پوڙها سياستدان وڌيڪ انتظار ڪري نہ سگهندا.“

سيٺ صاحب گهور ڪري منهنجي منهن ۾ نهاريو. بيڙيءَ جو ڪش هڻي، دونهون منهنجي منهن ۾ ڇڏي پڇيائين، ”ڪم ڪرٹو آهي؟“

”ها سائين.“

”ڪم ڪرٹو آهي؟“

”ها سائين.“

”ڪم ڪرٹو آهي؟“

نور محمد سليماني پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي، منهنجي پرسان اچي ويٺو. پنهنجي نونٽ ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکي، ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏيئي، منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو.

ڪجهه دير کان پوءِ چيائين، ”تنهنجي منهن ۾ فلم ايڪٽر ٿيڻ جا آثار آهن.“

”يار مشڪري ڇڏ.“ ڪيس پري ڪندي چيم. ”مان سخت پريشان آهيان.“

نور محمد سليمانيءَ ڇاتيءَ تي هٿ هڻندي چيو ”جنهن ڏينهن مان پروڊيوسر — ڊائريڪٽر ٿيندس، تنهن ڏينهن توکي فلم انڊسٽريءَ جو سڀ کان ڪامياب آرٽسٽ ثابت ڪندس.“ پوءِ منهنجي پٺي ٺپيندي چيائين، ”تنهنجي منهن ۾ پڪا فلم ايڪٽر ٿيڻ جا آثار آهن.“

”جيستائين فلم ناهين، تيستائين عالمگير اخبار جو فلمي صفحو ناهيندو رهه. سمجهيئه. هاڻي اُٿ هتان.“ ڪيس ڇڙٻ ڪڍيم.

نور محمد سليماني پنهنجي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو ۽ گلاس ۾ بچيل چانهه جا ڍڪ پيرڻ لڳو.

مان پنهنجي ڪئبن مان نڪري نيوز ايڊيٽر جي ڪمري ۾ آيس. نيوز ايڊيٽر پنجونجاهه سالن جو پوڙهو آهي، پر پاڻ کي نوجوان سڏائيندو ۽ لکرائيندو آهي. عالمگير اخبار جي عملي ۾ اچڻ کان اڳ هو جنن ۽ ڀوتن، ڏائڻن ۽ راڪاسن، ديون ۽ جادوگرن جا ڀوائتا ۽ سنسني خيز افسانا لکندو هو ۽ پڙهندڙن جي ننڊ ڦٽائيندو ۽ سندن هانوَ ڦاڙيندو هو.

مان جنهن وقت نيوز ايڊيٽر جي ڪمري ۾ پهتس، ان وقت هو ٻئي ڏينهن جي اخبار لاءِ هڪ سنسني خيز خبر جي سرخي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ٽي — چار ڏاڍا ڇرڪائيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ جملا سندس آڏو رکيا هئا، جن جي هو چڱيءَ ريت ڇڪاس ڪري رهيو هو. جهڙوڪ: هڪ هوائي جهاز جو سرڻ سان تصادم، هوائي جهاز اٺتيهه هزار فوٽن جي بلنديءَ تان ڪِري پاش پاش ٿي ويو. اٺتيهه ماڻهو موت جو شڪار. ٻي خبر هن ريت هئي: شتر مرغ جي آني مان هاٿيءَ جو ٻچو ڦُٽي نڪتو قدرت جو ڪرشمو انڌن لاءِ ايمان جو لمحو. ٽين خبر هئي: هڪ برباد عاشق جي ريل گاڏيءَ آڏو خودڪشي ڪرڻ جو دردناڪ واقعو ريل گاڏي پٽڙي تان لهي ويئي، چار سئو چوويهه ماڻهو زخمي.

”نهيو پٽ. تون وڃي الغوزا وڄاءِ.“

”يار منهنجي مدد ڪر.“ ڪيس عرض ڪيم.

”هوءَ سامهون جيڪا ڪاري ڪاري شيءِ رکي آهي، ڏسين ٿو؟“ هن ميز ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

”ها.“

”سڃاڻين ٿو تہ اها ڪاري شيءِ ڪهڙي آهي؟“

مون کي ڪاوڙ وٺي ويئي. چيم، ”اها ڪاري ڪاري پُراسرار شيءِ هوائي جهاز آهي.“

”هي هوائي جهاز آهي!“ هن کان رڙ نڪري ويئي.

”نہ، ٽينڪ آهي.“

هن کي ٻچان لڳي. چيائين، ”ائين نخرا بيٺو ڪندين تہ ٻي ڪنهن اخبار جو نمائندو گهامڻ جو انٽرويو وٺي ڇڏيندو ۽ تون بيٺو جهانجهہ وڄائيندين.“

”تہ پوءِ تون بہ سڌي طرح ڳالهاءِ نہ.“ وراڻيم. ”اجايو رابرٽ بليڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڇو ٿو ڪرين.“

چيائين، ”ٽيليفون تي يونيورسٽيءَ جي ايگزيمينيشن ڊپارٽمنٽ مان گهامڻ جي ايڊريس هٿ ڪر. ۽ هڪدم روانو ٿي وڃ نہ تہ هٿ مهٽيندين. سمجهيئہ.“

مون کي نيوز ايڊيٽر جي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. يونيورسٽي وارن کان گهامڻ جي ايڊريس گهريم.

ايڊريس هٿ ڪري، قلم پينسل تيار ڪري، نوٽ بوڪ کيسي ۾ وجهي، پنهنجي صحافت جي زندگيءَ جو سڀ کان اهم ۽ انوکو تجربو ڪرڻ لاءِ عالمگير اخبار جي آفيس مان نڪري دل ۾ درود شريف پڙهندو گهامڻ جي گهر ڏانهن روانو ٿيس.

سوا ڪلاڪ جي جستجو کان پوءِ مان گهامڻ جي گهٽيءَ ۾ پهتس. گهامڻ پنهنجي گهٽيءَ ۾ ڪنهن فلم ايڪٽر وانگر مشهور هو.

رات ٿي وئي هئي. گهٽيءَ جي دڪانن جا ميرانجهڙا بلب ٽمڪي رهيا هئا. هڪ ڏيڍ فوٽ جو ٻار مون کي گهامڻ جي گهر تائين وٺي آيو. در ڏانهن هٿ سان اشارو ڪندي چيائين، ”هتي گهامڻ رهندو آهي.“

”مهرباني پٽ.“ مون ڏهہ پيسا کيسي مان ڪڍي ڏانهس وڌائيندي

سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ.“

”فلمي سنڌي“ مون حيرت مان ڏانهس نهاريو.

”ها، ها فلمي سنڌي.“ هن چيو ”يعني آسان سنڌي زبان ڳالهاءِ.“

سندس ڳالهه سمجهندي ورائيم، ”مان عالمگير اخبار جو سياسي نمائندو آهيان.“

”هون.“ هن پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌل ناس جي ڊبليءَ جهڙي واچ ۾ وقت ڏسندي پڇيو ”رات جو اٺ لڳي اُٺونجاهه منٽ ۽ ٽيويهه سيڪنڊن تي هتي ڇو آيو آهين؟“

چيم، ”مان گهامڻ صاحب سان ملڻ آيو آهيان.“

”گهامڻ اسٽوڊنٽ ليڊر نه آهي، ۽ نه ئي ڪنهن سياسي پولي جي پڇ ۾ ٻڌل آهي. ڇا هُن ڪڏهن بک هڙتال جو اعلان ڪيو آهي؟“

”سائين.“ مون کي پنهنجو ساهه مُٺ ۾ محسوس ٿيو. جامڙو جوان اُتان ٿي آيو جتان ڪوڙو نه موٽي. ڏاڍيءَ آزايءَ وچان چيم، ”ائين برابر آهي ته مان عالمگير اخبار جو پوليٽيڪل ڪريسپانڊنٽ ۽ رپورٽر آهيان، پر مان گهامڻ صاحب سان ٻئي مسئلي تي ڳالهائڻ آيو آهيان.“

”ڪشمير جي مسئلي تي؟“

”نه.“

”مسجد اقصيٰ جي مسئلي تي؟“

”نه.“

”ته پوءِ رات جو اٺ لڳي پنجونجاهه منٽ ۽ ٻائيتاليهه سيڪنڊن تي تون ڪهڙو مسئلو کڻي آيو آهين؟“

مون کي جامڙي تي ڪاوڙ پئي آئي. مون کي پنهنجو انٽرويو تيار ڪري ڏهين لڳي ٽائين نيوز ايڊيٽر آڏو رکڻو هو ۽ جامڙو منهنجو وقت برباد ڪري رهيو هو.

مون جامڙي کان پڇيو ”سائين، اوهان ڪير آهيو؟“

جامڙي چيلهه تي هٿ رکي، سينو ڦوڪيندي چيو ”گامون سچار جي پيءُ جو پوٽو آهيان.“

”يعني، مطلب ته“ مان هبڪيس.

”مطلب ته مان گامون سچار جو پٽ آهيان.“ هن پنهنجو ننڍڙو هٿ اڳتي وڌائيندي چيو ”منهنجو نالو گهامڻ آهي.“

فرسٽ ۾ پاس ڪيم.“
منهنجو وات قاتل ڏسي هن چيو ”در اصل مان ڏاڍو هوشيار آهيان. ممتحن بدبخت جڏا آهن. تنهن ڪري مون کي حسد وچان فيل ڪندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن انصاف ملي ويندو آهي، جيئن هن دفعي ٿيو آهي.“
”برابر برابر،“ لکندو ويس، ”ڪير ڪيستائين ڪنهنجو حق ماريندو.“
”هتي روشني گهٽ آهي، پان واري جي دڪان وٽ ٿا هلي ويهون،“ هن چيو ”اجايو ڪا غلط سلط خبر نہ لکي ويهين.“
اسان پان واري جي دڪان وٽ اچي ويٺاسين.
مون گهامڻ کان پڇيو ”سائين پنهي امتحانن لاءِ اوهان گهڻا ڪلاڪ روزانو پڙهندا هئا.“
”هڪ منٽ بہ نہ.“
”ڇا؟“
”ها،“ هن ورائيو ”هڪ منٽ بہ نہ.“
”تہ ٻوءِ ٻنهي امتحانن ۾ پوزيشن ڪيئن کٽي سگهيا آهيو؟“
”مان پاڻ سان امتحان هال ۾ ڪتاب کڻي ويندو هوس.“ هن چيو ۽ ”ٻيو تہ سوالن جو پيپر اڳواٽ مون کي ملي ويندو هو.“
مان لکندو رهيس، ۽ هو ڳالهائيندو رهيو ”امتحان هال ۾ نگرانن بہ ڏاڍي مدد ڪئي. واري واري سان منهنجي ڪاپي ٻاهر کڻي ويندا هئا، ۽ جواب لکي، يا لکارائي ايندا هئا.“
”ڪڏهن ڪا تڪليف درپيش آئي؟“
”ها. ڪڏهن ڪڏهن ڪو مغز ڦريل نگران منهنجي ڪم ۾ رخنو وجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.“
”ان لاءِ اوهان ڇا ڪندا هئا؟“
”مان پاڻ سان ٻانهن جيڏو چاقو کڻي ويندو هوس، ۽ امتحان هال ۾ کولي پنهنجي آڏو ڊيسڪ تي کوڙي ڇڏيندو هوس.“
”اُن چاقوءَ سان اوهان پينسل گهڙيندا هئا؟“
”نہ. پٽاٽا چليندو هوس،“ هن رکائي وچان جواب ڏنو.
”چاقو ڏسي چڱا چوکا نگران بہ مون کي ويجهو نہ ايندا هئا.“
”اوهہ. سمجهيم.“

"مان نوڪري ڪندس." هڪدم چيائين. "سرڪاري نوڪري. "ماشاءَ الله. قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندوءِ."

گهامڻ مون کي پيٽ ۾ آڱر هڻين. مون ڏانهس نهاريو. هو ٻئي پاسي هوا ۾ ڦيرائيندي چيو "مان گامون سچار جي پيءُ جو پوٽو آهيان. يعني گامون سچار جو پٽ آهيان. تنهن ڪري مري پوندس. پر ڪوڙ هرگز نه ڳالهائيندس."

"ته ڇا، توهين ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪرڻ نٿا چاهيو؟"

"نه. ميان پنهنجي پنهنجي آل اولاد جي خذمت ڪندس."

"ته پوءِ سرڪاري نوڪري ڇو پسند ڪئي اٿوَ!"

"ڇو جو سرڪار جو بيڙو ٻوڙڻ ڪاٻي هٿ جو ڪم آهي."

"ڪيئن؟"

هن گهڙي کن سوچڻ کان پوءِ چيو "انجنيئر ٿيندس. سرڪاري سيمنٽ جون ڳوڻيون گدامن مان ڪڍائيندس، سرڪاري لوهه وڪڻندس، ناقص عمارتون تعمير ڪرائيندس، ۽ ٺيڪيدارن سان ملي جُلي لکن جون گهوٻيون هڻندس."

مون اچرج مان ڏانهس نهاريو. تڏهن ڏاڍي نهٺائيءَ سان چيائين، "پاڪستان پڪو اسلامي ملڪ آهي، تنهن ڪري منهنجو ايمان به هاذا من فضل ربي ۾ آهي."

"۽ ڊاڪٽر ٿي ڇا ڪندا؟"

"مان اول ايف – آر – سي – ايس جو ڪٿان نه ڪٿان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندس." گهامڻ چيو. "پوءِ مان سرڪاري اسپتال ۾ مريضن کي ڇيري ڦاڙي ماري ڇڏيندس ۽ پرائيويٽ اسپتال ۾ ڪانئن وڏيون رقمون وٺي ڏاڍي ڏيان سان سندن علاج ڪندس. دوائون ۽ انجيڪشن وغيره سرڪاري استعمال ڪندس."

گهامڻ ڪجهه سوچي ڪلڻ لڳو. مون کي اک هڻندي چيائين، "ڪنهن اسپتال جو سپريڊنٽ ٿي پيس ته پوءِ نرسن مان دوستن سميت ڏوَ ٿي هوندس."

ايترو ڳالهائڻ کان پوءِ گهامڻ خاموش ٿي ويو.

مون نوٽ بوڪ کيسي ۾ وجهندي چيو "گهامڻ صاحب اوهان جا لک

سيڪنڊ ٿيا آهن. هتان هڪدم هليو وڃ، يا مون کي هڪ موهني تماڪ وارو پان کاراءِ.“

مون گامون سچار جي پٽ گهامڻ کي هڪ موهني تماڪ وارو پان وٺي ڏنو. هو پان چٻاڙيندو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو. گهر جي در وٽ ترسي، منهن ورائي مون ڏانهن ڏنائين ۽ پوءِ پانهن مٿي ڪري لوڏي، در کولي اندر هليو ويو. ■

نهاريو هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لان تي طرحين طرحين جا تـوهـر آسمان ڏانهن ٻانهون اُپيون ڪري بيهي رهيا هئا. ڪمري ۾ لڳل اسپيڪر مان محمد جمن جي ڳايل ڪلام جو آواز آيو هو ”او ڪنهن ڪي دلڙي ڏيڻ ڪنهن کان ڏار ٿيڻ.“ ان شام کان پوءِ هر رات اوجاڳي جي رات آهي. ورهيه ٿيا آهن جو ننڊ نيڻن کان رنل آهي. هينئر جڏهن ٻـ سمهبو تـ اهڙي نموني سمهبو جو اُها ننڊ حياتيءَ جي آخري ننڊ هوندي. سجاڳي ٻئي جنم ۾ ٿيندي.

”چا پيو سوچين!“ سنڌوءَ جو آواز ٻڌم. سوچ جي مراقبي مان ڪنڌ کڻي ڏانهس ڏٺم.

جيڪي دل چاهيو سو نـ چيم. ڪانئس پڇيم، ”گهر ويئي هئين ڇا؟“

”ها.“ چيائين، ”تنهنجي گهر ويئي هيس. چيني ٻڌايو تـ تون ٽيڪسيلا ويو آهين. مون کي پڪ هئي تـ تون جوليان جي عبادتگاهـ ۾ ملندين.“

”ڪيئن آهين؟“ ڪانئس پڇيم.

”ٺيڪ آهيان.“ پڇيائين، ”تون هتي ڇا پيو ڪرين!“

”ڇا پيو ڪريان!“ تعجب وچان ڏانهس ڏٺم. چيم، ”نهايت خطرناڪ ڪم ڪري رهيو آهيان.“

پڇيائين، ”مها آتما گوتم ٻڌ جو مجسمو چورائڻ آيو آهين ڇا!“

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيم، ”نـ.“

پڇيائين، ”تـ ڇا سڪندر اعظم ۽ اشوڪ جي پوريل خزانن جي تلاش ۾ آهين؟“

چيم، ”تمام خطرناڪ ڪم ڪري رهيو آهيان.“

هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي چيائين، ”سچ کي دفن ڪرڻ آيو آهين ڇا!“

”ها، برابر. اهو بـ خطرناڪ ڪم آهي.“ چيم، ”پر مان دنيا جو سڀ کان خراب ۽ خطرناڪ ڪم ڪري رهيو آهيان.“

گهڙي کن ترسي پڇيائين، ”سِڄ کي بم گولو هڻڻ آيو آهين ڇا!“

”تمام خراب ڪم جو مرتڪب ٿي رهيو آهيان، سنڌو.“ چيم. ”ڏاڍو خطرناڪ ڪم ڪري رهيو آهيان.“

خفي ٿي پيئي. چيائين، ”ڪا ڇوڪري اغوا ڪرڻ جو پروگرام رٿي رهيو آهين ڇا!“

”اهو ڪم تنهنجي ملڻ کان اڳ ڪندو هوس.“ چيم، ”پر مان تـ دنيا

سوچ جون ريکائون پيشانيءَ تي پکڙجي ويس. پختي آواز سان چيائين، "ڪا بہ محبت هڪ طرفي نہ ٿيندي آهي."

"تون برحق آهين. تون ازل کان آهين." چيم، "توکي چاهڻ جي ڏوهہ ۾ مان ڪڏهن سورين تي، ۽ ڪڏهن صليبن تي لٽڪندو رهيو آهيان. سنڌو منهنجي زندگي، منهنجي بندگي، منهنجي محبت هڪ طرفي آهي."

هوءَ اُداس ٿي پيئي.

هن منهنجي تصور کي پنهنجي بي پناهہ ۽ بي غرض محبت سان آباد ڪري ڇڏيو آهي. تڪليفن ۽ آزمائشن ۾ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ هن منهنجو ساٿ نہ ڇڏيو آهي. هوءَ منهنجي شڪتي آهي. هوءَ منهنجي طاقت آهي. هوءَ منهنجو شعور آهي. هوءَ منهنجو استحڪام آهي. مون سندس محبت کي پنهنجين رڳن ۾ رت بدران ڊوڙندي محسوس ڪيو آهي. مون سندس چاهت کي پنهنجي ساهہ سان هلندي، ۽ دل ۾ ڌڙڪندي محسوس ڪيو آهي. اسان ٻنهي چاهتن جي نئين رسم جي شروعات ڪئي آهي. مان جڏهن بہ هڪ طرفي محبت جو ذڪر ڪندو آهيان، سنڌو بيحد اداس ۽ اُباٽڪي ٿي پوندي آهي. ان ڏينهن بہ ائين ئي ٿيو. مون هڪ طرفي محبت جو ذڪر ڪيو ۽ هوءَ اُداس ٿي پيئي.

مان سوچ سمنڊ جي پاتال ۾ گم ٿي ويس. زمان ۽ مڪان جون پابنديون ختم ٿي ويون. مون باب الطق ۾ ابن منصور الحلاج کي سنگسار ۽ شهيد ٿيندي ڏٺو. منصور الحلاج جو عضوو عضوو ڪپي ڌار ڪرڻ کان پوءِ جڏهن جلاد سندس اکيون ڪڍڻ آيا، تڏهن هن آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ ا سان مخاطب ٿيندي چيو "هي بي خبر آهن. هي جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهن، تنهنجي راهہ ۾، ۽ تنهنجي خوشنوديءَ لاءِ ڪري رهيا آهن. هنن کي پنهنجي رحمت کان محروم نہ ڪجانءِ."

مون منصور الحلاج جو رت آسمان ڏانهن اُڏامندي ڏٺو. مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

سنڌوءَ پڇيو "ڇا پئي سوچيئہ؟"

"الاءِ ڇا پئي سوچيم." چيم، "منهنجي هر سوچ تي تنهنجي سوچ حاوي هوندي آهي."

"ڳالهہ ٽارڻ جو استاد آهين."

"ڪهڙي ڳالهہ؟"

کان سواءِ چيم، ”توکي چاهڻ کان پوءِ مون کي ٻيو ڪجهہ چاهڻ کان مڪتي ملي ويئي آهي.“

هڪدم پڇيائين، ”تہ پوءِ ايڏي شدت سان مون کي ياد ڇو ڪندو آهين؟“

جوليان ٽڪريءَ جي ترائيءَ ۾ قديم، پوڙهي ۽ گهاتي ٻڙ ڏانهن ڏٺم. ڏندڪٿا آهي تہ ڀڪشوءِ ٻيا گوتم جا گياني جوليان جي عبادتگاهہ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ پوڙهي ٻڙ هيٺان هڪ رات لاءِ چلو ڪاٽيندا هئا.

”مان توکي ياد نہ ڪندو آهيان، سنڌو.“ پوڙهي قديم ٻڙ ڏانهن ڏسندي چيم، ”تون مون کي ياد رهندي آهين. هر لمحي، هر گهڙيءَ، وقت جي وهنوار ۾، ساهہ جي اچڻ ۾، ساهہ جي وڃڻ ۾، تون مون سان هوندي آهين.“

جواب نہ ڏنائين. چيم، ”هڪ ڳالهہ پڇانءِ سنڌو؟“

وراڻيائين، ”مون کان ڪجهہ پڇڻ لاءِ توکي اجازت جي ڪڏهن کان ضرورت پيئي آهي؟“

”تو آخري ڀيري چيو هو ڪجهہ دير کان پوءِ منهنجو نڪاح پئجي ويندو ۽ مان هن حياتيءَ ۾ وري شايد توسان ملي نہ سگهنديس.“ ساهہ روڪي پڇيم، ”تہ پوءِ اڄ مون سان ويرانن ۾ ملڻ ڇو آئي آهين؟“

”مان توسان ملڻ ڪٿي آئي آهيان، گوتم.“ مون سنڌوءَ جو واضح آواز ٻڌو. چيائين، ”مان تو وٽان ويئي ڪٿي آهيان، جو توسان ملڻ اچان.“

مون منهن ورائي پوئتي ڏٺو. اتي سنڌو نہ هئي. سامهون گيان ۾ ويٺل گوتم جي مورتي هئي. ■

ڏسجين. منهنجي ڳالهه ٻڌ. مان گولين جي وسڪاري ڪان متاثر ٿيل ماڻهن جا تفصيل گڏ ڪري رهيو آهيان. تون مون کي پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ."

هو تڏهن بہ خاموش رهيو. اک آسمان ۾ اٽڪيل هئس. جڻ اڏامي ويل خوابن ڏانهن ڏسي رهيو هو. سوچيم، سودائي آهي، جيڪي ٿي گذريو آهي تنهن تي پڇتائي رهيو آهي، يا پڇتاءَ جي احساس کان آزاد ٿي ويو آهي. پر، خاموش رهي هو پنهنجو نقصان ڪري رهيو هو. سرڪار طرفان مئل ۽ زخمين لاءِ معاوضي ۾ وڏي رقم رکيل هئي. مون وڏي واڪ چيو "آسمان ڏانهن ڏسڻ سان ڪجهہ هٿ حاصل نہ ٿيندوءِ. ڪجهہ ڳالهاءِ. ڪجهہ ٻڌاءِ."

جڻ پٿر جو بت هو. خاموش. جواب نہ ڏنائين. ۽ نہ ئي ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏنائين.

"يار، تون بہ ڪو عجيب قسم جو متاثر ٿيل ماڻهو آهين!" مون ڪجهہ ڪجهہ ڪاوڙ وچان رڙ ڪندي چيو. "اڙي تون ٻوڙو تہ ناهين؟"

هن آسمان مان اک ڪڍي، ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺو.

"ان جو مطلب آهي تہ تون ٻوڙو ناهين." چيم، "تون مون کي پنهنجي باري ۾ تفصيل سان ٻڌاءِ."

هو چُپ چاپ مون ڏانهن ڏسندو رهيو.

ڪيس سرڪار طرفان معاوضي جي رقم جا تفصيل ٻڌائيندي چيم، "گولين جي وسڪاري ۾ جيڪڏهن تون مري ويو آهين، تہ توکي پنجاهہ هزار رپيا ملندا."

هن جي ويران چپن تي اُداس مُرڪ ليئو پاتو ۽ غائب ٿي ويئي. مون کي پنهنجي جملي جي حماقت جو احساس ٿيو.

چيم، "جيڪڏهن تنهنجي هڪ ٽنگ ضايع ٿي ويئي آهي تہ توکي ڏهہ هزار رپيا ملندا، ۽ جيڪڏهن تنهنجيون ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون آهن تہ پوءِ توکي پنجويهہ هزار رپيا ملندا."

هڪ دفعو ٻيهر هن جي اُداس چپن تي سياري جي اُس وانگر مرڪ ليئو پاتو ۽ غائب ٿي ويئي. ڏٺم تہ هن جون ٻئي ٽنگون سلامت هيون.

هڪدم چيم، "ضايع ٿيل ٻانهن جو معاوضو سرڪار ڏهہ هزار رکيو آهي."

ساڳي، سانجهيءَ جهڙي اُداس مُرڪ هن جي چپن تي تري آئي.

هن جا سمورا عضوا سلامت هئا. هٿ، پير، ڪن، نڪ، اکيون!

پٽ مارجي ويو آهي.“

منهنجو تجسس وڌي ويو. مان هن جي ويجهو ڌرتيءَ تي ويهي رهيس. هڪ ڪاغذ ڏانهنس وڌائيندي چيم، ”تون جيڪڏهن ڳالهائي نہ ٿو سگهين تہ هن ڪاغذ تي پنهنجي روئداد لکي ڏي — باقي پورائو مان پاڻ ڪندس.“

هن ڪاغذ نہ ورتو. ڪاغذ ڏانهن ڏسندو رهيو.

رفيق گنجي چيو ”هن جي پاسي ڪان اهڙي نموني نہ ويهہ. بيوقوف. اعليٰ آفيسرن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي.

سمجهندا، معاوضي جي رقم مان گهوري هڻڻ جي ترڪيب پيا سوچيون.“

رفيق گنجو مون کي ٻانهن کان ڇڪيندو رليف ڪيمپ ۾ وٺي آيو. چيائين، ”ٻيا ماڻهو بہ ويٺا آهن. وڃي پنهنجو ڪم ڪر.“

ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ مون ڪيمپ کان ٻاهر ڏٺو. جوڳين جهڙو شخص پٿر جي بت وانگر ويٺو هو ۽ آسمان ڏانهن نهاري رهيو هو.

تڏهن، مون محسوس ڪيو تہ اِن وچ ۾ ڪافي ماڻهو منهنجي ميز جي چوطرف گڏ ٿي ويا هئا. گولين جي وسڪاري ۾ ڪنهن جو پٽ مري ويو هو ڪنهن جي ڌيءَ، ڪنهن جو ڀاءُ، ڪنهن جي ڀيڻ! گولين جي وسڪاري ۾ هر رشتو مري ويو هو!

هڪ شخص هڪ روئيندي عورت کي وٺي آيو. هوءَ هڏڪين سان روئي رهي هئي. ان شخص چيو ”هن جي ماءُ گولي لڳڻ سان مري وئي آهي.“

عورت سُڏڪن ۾ چيو ”مون کي ڪجهہ نہ گهرجي، ڪجهہ نہ گهرجي. مان ماءُ جو معاوضو نہ وٺنديس.“

”بيوقوف نہ ٿيءُ، فرخنده“ مرد ڪجهہ سخت لهجي ۾ عورت کي چيو ”تون معاوضو وٺين، يا نہ وٺين، تنهنجي ماءُ ٻيهر جيئري نہ ٿيندي“

عورت آهستي آهستي هڏڪين سان روئيندي رهي.

مرد مون ڏانهن ڏسندي چيو ”تون تفصيل لِکُ، ۽ پوءِ، هن مون کي مري ويل عورت جا تفصيل ٻڌايا — عمر ستر سال، گهر نمبر فلاڻو. گهٽي نمبر فلاڻي، گهريلو عورت، ٻئي پاڙي ۾ ماڻهن جا ٽانوَ ٽپا مليندي هئي، ۽ ٻوهاري پوچو ڪندي هئي. موٽندي، گولين جي وسڪاري جو شڪار ٿي وئي. وارث فرخنده، ڌيءَ.

مون تفصيل رجسٽر ۾ لکي ڇڏيا.

پڇيم "پيءُ تہ سچو پچو هين نہ؟"

وراڻيائين، "ويچارو معذور هو اڌ رنگ جو مريض هو. هي چاريئي مشتنڊا کيس روزانو صبح جو پير سائينءَ جي درگاهہ تي چڙهي پاڻ ستيبازيءَ تي نڪري ويندا هئا."

چيم، "ڇوَن تا تہ گولين جي وسڪاري دوران مري ويو هو."

سليمان چيو "ها، گولين جي وسڪاري دوران ٽڙنديءَ ڀڄندي پير سائينءَ جي درگاهہ وٽان اٿيو هيو ۽ گندي پاڻيءَ جي ناليءَ ۾ ڪري، مري ويو هو."

"هي شودا آهن، يا نہ آهن. ان ڳالهہ کي ڇڏي ڏي" چيم، "اول مون کي ٻڌاءِ تہ معاوضي لاءِ گوليءَ جو لڳڻ ضروري آهي، يا نہ آهي."

وراڻيائين، "رفيق گنجي کان تا پڇئون. افلاطون قسم جو نوڙهو آهي."

اسين رفيق گنجي وٽ آياسين. ڪائنس صلاح ورتي سين. رفيق چيو "گولين جي وسڪاري دوران مري وڃڻ ڪافي ناهي - گوليءَ جو لڳڻ ضروري آهي."

اسين ٽيئي نوجوانن وٽ آياسين. مون نوجوانن کي چيو "ساري، معاوضي لاءِ توهان جي پيءُ جو مرڻ فقط ڪافي ناهي. کيس گوليءَ جو لڳڻ ضروري آهي."

نوجوانن هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. جنهن نوجوان جي نڪ هيٺان هيبتناڪ مڇون هيون، تنهن چيو "مون کي خبر هئي تہ توهان جهڙا پوڪ کونہ کو قانوني نقطو ضرور اٿاريندا."

ٽين ٽن ڄڻن کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن چيو "منهنجي ڀائرن کي بہ خبر ڪونهي. هي ڏس. مون پوسٽ مارٽم ۾ لکرايو آهي تہ گولي کائڻ کان پوءِ اسان جو پيءُ گندي پاڻيءَ جي ناليءَ ۾ ڪري پيو هو ۽ مري ويو هو."

مون پوسٽ مارٽم رپورٽ ڏٺي. برابر. لکيل هو گولي لڳڻ کان پوءِ پوڙهو گندي پاڻيءَ جي ناليءَ ۾ ڪري پيو هو ۽ مري ويو هو.

مون نوجوانن کي چيو "برابر. توهين معاوضي جا حقدار آهيو."

مون رجسٽر ۾ پوڙهي جا تفصيل لکي ڇڏيا.

مڇن واري نوجوان پڇيو "معاوضي وارو چيڪ ڪڏهن ملندو؟"

وراڻيم، "عنقريب ڪو نہ ڪو امير، وزير، ڪبير، اخباري نمائندن

ڪندا آهن. پر لڳندو آهي جڻ سڀ ڪجهه ڪندا آهن. ڪيتري قيمت رکي آهي. پولڙن انسان جي سموري ضايع ٿيڻ جي، ۽ سندس عضوي عضوي جي؟"

بنا ڪنهن سبب جي مون کي هن کان ڏپ محسوس ٿيڻ لڳو. مون هٻڪندي هٻڪندي، ڪيس تفصيل ٻڌايا. "سموري مئل ماڻهوءَ جو معاوضو آهي. پنجاهه هزار رپيا. ضايع ٿيل هڪ ٽنگ جا ڏهه هزار، ٻنهي ٽنگن لاءِ پنجويهه هزار. هڪ ٻانهن جا ڏهه هزار، ٻنهي ٻانهن لاءِ پنجويهه هزار."

هڪدم پڇيائين، "ضايع ٿيل نڪ جي ڪا قيمت لڳائي اٿائون؟"

ڏڄندي ڏڄندي چيم، "قيمت نه معاوضو مقرر ڪيو اٿائون."

"ٺهيو ڇمڇا، اجايو سياڻو نه ٿيءُ." هن ڪاوڙ وچان چيو "ضايع ٿيل نڪ جو ڪيترو معاوضو رکيو اٿائون؟"

سموري ڪيمپ ۾ بيٺل ماڻهو ڪنڌ ورائي اسان ڏانهن ڏسڻ لڳا، سواءِ ڪيمپ کان ٻاهر ويٺل شخص جي. هو پٿر جي بت وانگر خاموش ويٺو هو ۽ خلائن ۾ نهاري رهيو هو. رفيق گنجو پنهنجي سيٽ تان اٿي آيو. سڙٻاٽن ۾ چيائين، "ٽڙيل ٿو ڏسجي. وڏيڪ نه ڳالهاءِ. جند ڇڏاءِ."

"اڙي او جارج پنجان. ڇمڇي کي کھڙي پٽي پيو پڙهائين." رڙ ڪندي توائي شخص چيو "وڃ، وڃي پنهنجي سيٽ تي ويهه ۽ رجسٽرن جو پيٽ ڀر."

رفيق گنجو گنج ڪنهندو هليو ويو.

ان کان اڳ جو مان ڪجهه چوان، هن چيو "اِن جو مطلب آهي ته اسان جي معاشري ۾ نڪ جي ڪا به قيمت نه آهي - اسان جي معاشري، نه نه توهان جي معاشري ۾ نڪ جي ڪا به قيمت نه آهي - نڪ جي ڪا به قيمت نه آهي؟"

مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. هن جو بظاهر نڪ سلامت هو.

هن جڻ منهنجين اکين ۾ سوال پڙهي ورتو. عجيب قسم جي ڪيفيت سندس چهري تي تري آئي. مون زندگيءَ ۾ اڳ ڪڏهن به ڏک، ڪاوڙ ۽ بغاوت جو گڏيل اظهار اهڙي نموني نه ڏٺو هو. ڳالهايائين، ته آواز ٻوري، پڙاڏي جهڙو ۽ غفائن مان ايندي محسوس ٿيو. چيائين، "منهنجي ڌيءَ ميٽرڪ ڪئي هئي. ڏاڍي خوش هئي. پنهنجي لاءِ نوان ڪتاب وٺڻ ويئي هئي. تڏهن، تڏهن، جڏهن هوءَ ڪتاب وٺي دڪان مان نڪتي هئي،

هو اُتي موجود نہ هو جتي مون کيس صبح کان وينل ڏٺو هو.

مان چرڪ ڀري اُتي بيٺس. ذري گهٽ ڊوڙندو رليف ڪيمپ کان ٻاهر نڪري ويس. واٽڙو تي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم. ڊوڙندي ڪليل ميدان ۾ وڃي بيٺس، جتان مون کي آسمان تمام ويجهو محسوس ٿيو. تڏهن اوچتو اگربتين ۽ لوبان جي دونهي سان ڍڪيل جهڙي ماحول ۾، مون کيس ڏسي ورتو. هن جي آڳر هڪڙي تمام ننڍڙي ٻار جي هٿ ۾ هئي، ۽ هو ٻئي لهندڙ سج جي واٽ تي وڌندا پئي ويا.

”ترسو ترسو.“ مان هنن جي ڪڍ ڊوڙڻ لڳس، ۽ ڪين سڏيند و رهيس، ”ترسو ترسو.“

هو نہ بيٺا. لهندڙ سج جي واٽ تي وڌندا رهيا.

مان ڊوڙندو ٻنهي کان اڳ نڪري ويس. ڦيرو ڪائي، ٻنهي جي سامهون ٿي بيٺس. سهڪي رهيو هوس. مون کي آمهون سامهون ڏسي هو ٻئي بيهي رهيا. وياڪل شخص جي آڱر ٻار جي مُٺ ۾ هئي، ۽ اڳ وانگر خلائن ۾ نهاري رهيو هو.

”تون ڪير آهين.“ مون ذري گهٽ ليلائيندي، ڪانئس پڇيو ”گولين جي وسڪاري ۾ تنهنجو وڏو ڪو نقصان ٿيو آهي. تون پنهنجي نقصان جا تفصيل مون کي چوڻ تو ٻڌائين.“

هن جواب نہ ڏنو. اڳ وانگر خاموش رهيو.

”مان تنهنجي نقصان کان سرڪار کي آگاهہ ڪندس. توکي تنهنجي نقصان جو معاوضو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندس.“ کيس ايلاز ڪندي چيم، ”تون ڳالهائين چو نہ تو.“

هن نہ ڳالهايو.

مون ڳالهايو. چيم، ”تون ڀلي نہ ڳالهاءِ پر ايترو تہ ٻڌاءِ تون ڪير آهين.“

”تون هن کي نہ تو سڃاڻين؟“ ٻار ڳالهايو.

مون چرڪي ٻار ڏانهن ڏٺو. ٻار جي عمر مشڪل سان چار پنج سال هئي، پر سندس لهجو ڏاهن وانگر، گنڀير هو. ٻار پڇيو ”تون سچ پچ هن کي نہ تو سڃاڻين؟“

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيم،“ نہ. مان هن کي نہ تو سڃاڻان.“

ٻار چيو ”هيءُ عشق جو پيغمبر آهي.“

ڪجهہ نہ سمجهندي، احمقن وانگر پڇيم، ”گولين جي وسڪاري ۾

# ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي موت

ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي، قومي اسيمبليءَ جي عين سامهون، جتي خوفناڪ ڪرينون، بلڊوزر ۽ روڊ رولر رستو وڏائي ۽ ويڪرو ڪري رهيا آهن، مان مري ويو آهيان. اسيمبلي بلڊنگ کان اورتي، سوين مزور، ٺيڪيدارن جي نظرداريءَ ۾ لوهي شيخن جو مضبوط لوڙهو ڪانڪريٽ ۽ سيمنٽ جي بنيادن ۾ بيهاري رهيا آهن. جنهن رفتار سان ڪم هلي رهيو آهي، مان سمجهان ٿو ٺيڪيدار ڪجهه ڏينهن اندر لوهي شيخن جو لوڙهو اسيمبلي بلڊنگ آڏو بيهاري ڇڏيندا.

مان ڏاڍي عجب نموني مري ويو آهيان! مري وڃڻ جي باوجود مان پوري يقين سان محسوس ڪري سگهان ٿو ته ڪجهه دير اڳ مان جيئرو هوس، ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺل هوس. ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي ڦهڪو ڪري، ڪِري پوڻ، ۽ مري وڃڻ کان اڳ مون پنهنجي ماروٽ موليٰ بخش ڪاري لاءِ واجهايو هو. پُراسرار نموني، اوچتو ئي اوچتو هُو ڪيڏانهن غائب ٿي ويو هو. هلندي چلندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي هو گم ٿي ويو هو! مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو هو. ڪن لاءِ سمجهيو هوم ته شايد جهنگ جي خيال سان جهنگ ڏانهن هليو ويو آهي. پر پوءِ، ڪافي دير تائين انتظار ڪرڻ جي باوجود جڏهن موليٰ بخش موٽي نه آيو تڏهن، مون جهنگ ڏانهن منهن ڪري ڪيس سڏ ڪيو هو. موليٰ بخش هو هو هو!

موليٰ بخش ڪاري بدران جهنگ مان ٻه چار بگهڙ نڪري آيا هئا. منهنجو ساهه سُڪي ويو. چپ خشڪ، ۽ نرڙ آلو آلو ٿي پيو. مون زندگيءَ ۾ اڳ ڪڏهن به ڪنهن بگهڙ کي ڏٺو نه ڏٺو هو. اکيون خوانخوار – رت هاڻيون، ڏند چنهنبائي ۽ تکا، ڪن ڪڙا، نڪ جون ناسون ڦونداريل، وات کليل، هٿ جيڏي جيڀ ٻاهر نڪتل! هو مون ڏانهن جوهه وجهي ڏسي رهيا هئا. اُتان کسڪي وڃڻ ۾ مون پنهنجي عافيت ۽ خيريت سمجهي هئي.

منجهائن هڪ ٿلهي ڪمانڊو نما شخص، جنهن مون کي سڀ کان وڏيڪ گاريون ڏنيون هيون، ۽ پاسراٿين ۾ لانگ بوٽ جون لتون هَنيون هُيون، ڏاڍي ڊرامائي انداز ۾ مون کان پري ٿي ويو — اُبتي پير هٽندو ويو ۽ رڙيون ڪري پنهنجن برجستن ساٿين کي بہ پري ٿيڻ جي تلقين ڪندو ويو. "هتي وچو پري ٿيو پري ٿيو هٽو هٽو."

سندس ساٿين هڪدم هٽڻ شروع ڪيو. هڪ ڄڻي ٿلهي ڪمانڊو کان پڇيو "خير تہ آهي! ڳالھ ڇاهي؟"

ڪمانڊي سهڪنديءَ مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو "اِهو شخص دشمن جو ايجنٽ آهي — ٽائيم بم قسم جو ايجنٽ آهي. سمورو بارود سان ڀريل آهي. ڪنهن بہ وقت وڏي ٺڪاءَ سان ڦاٽي پوندو ۽ وڏي تباهي مچائيندو."

اها ڳالھ ٻڌڻ شرط سمورا طاقتور ۽ صحتمند ڪمانڊو هڪدم ڌرتيءَ تي ليٽي پيا هئا، ائين، جيئن بمباريءَ کان اڳ زمين تي ليٽي پئبو آهي.

"توهين ٽائيم بم تي نظر رکو." ٿلهي ڪمانڊو چيو "مان بم ڊسپوزل يونٽ کي اطلاع ڪري اچان ٿو."

ٿلهو ڪمانڊو ڊوڙندو اسيمبلي بلڊنگ ڏانهن هليو ويو هو.

مون کان سڏ پنڌ تي ليٽيل ڪمانڊو نما شخص منهنجي باري ۾ قياس آرايون ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا هئا.

"سامهون پيل ٽائيم بم، جهڙو ماڻهو!"

"سائنس ڏاڍي ترقي ڪئي آهي!"

"هو ٽائيم بم ناهي. هو ٽائيم بم قسم جو ماڻهو آهي."

"هو ماڻهو ناهي. هو ماڻهوءَ جهڙو يا ماڻهوءَ جي نسل جهڙو ٽائيم بم آهي."

"اُستاد چيو پئي تہ هو بارود سان ڀريل آهي، ۽ ڦاٽي پوڻ کان پوءِ وڏي تباهي آڻيندو."

"استاد چيو پئي تہ هو ڪنهن دشمن ملڪ جو ايجنٽ آهي!"

"ممڪن آهي."

"ڪهڙي ملڪ جو؟"

"هندستان جو اسرائيل جو."

"آمريڪا جو بہ ٿي سگهي ٿو."

"آمريڪا سان اسان جا ڏاڍا دوستاڻا ناتا آهن."

ايم اي ڪري ويئو. ان دوران هن ڳوٺ جي ماني ماحول ۾ عجيب قسم جي بيچيني پکيڙي ڇڏي. بظاهر ڪجهه نه ڪندو هو. پنهنجي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري ڪرت سان ڪم رکندو هو. بس، روزانو شام جو بس اسٽاپ جي پرسان صديق جي ڊرائيور هوٽل ۾ وڃي ويهندو هو ۽ محفل مچائيندو هو. ماڻهن کي اخبارن مان خاص خاص خبرون پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ پوءِ ڳوٺڙيءَ مان ڪو ڪتاب ڪڍي پڙهي ٻڌائيندو هو. ڪتاب انگريزي يا ٻئي ٻوليءَ ۾ هوندو ته تڙي ڪڙي ترجمو ڪندو ويندو هو. الاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب ماڻهن کي پڙهي ٻڌائيندو هو. انهن ڏينهن ۾ مان نوڪريءَ سانگي ڳوٺ کان ٻاهر ڌڪا کائيندو هوس، ۽ پوءِ ڌڪا کائيندي کائيندي اسلام آباد کان اچي نڪتو هوس. ٻڌو هوم ته موليٰ بخش خبيث قسم جي ڪتابن جا ترجما ڪري ماڻهن کي پڙهي ٻڌائيندو هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڳوٺ جا ماڻهو اُهي ماڻهو نه رهيا، جيڪي صدين کان هئا. سندن سوچ بدلجي ويئي. ڳوٺ جي چئن چڱن ۽ بيئلن کي موليٰ بخش ڪاري جي اها حرڪت پسند نه آئي. پڇنديءَ وارا هئا. هنن هٿ پير هٽي موليٰ بخش کي نه فقط نوڪريءَ مان ڪڍرائي ڇڏيو پر ڪيس علائقي جو ناپسنديده شخص قرار ڏياري، پوليس جي مدد سان ڳوٺ مان دربدر ڪرائي ڇڏيو. انهن وارداتن جي خبر مون کي ڳوٺ مان ايندڙ چنين چپاٽين مان پوندي رهندي هئي. ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن موليٰ بخش ڪارو پاڻ اسلام آباد کان اچي نڪتو — انصاف جي تلاش ۾، پر گم ٿي ويو.

قومي اسيمبليءَ جي سامهون. ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي مان اونڌي منهن مئو پيو هوس. سڏ پنڌ تي ڪمانڊو قسم جا برجستا ڪجهه ماڻهو مون تي نظر رکي فوجي انداز ۾ زمين تي ليٽيا پيا هئا. تڏهن، سندن اُستاد بم ڊسپوزل، يعني بمن کي ناڪارو ڪرڻ واري جٿي سان ظاهر ٿيو. جيئن ئي بم ڊسپوزل ڪرڻ وارا ڪارندا منهنجي ويجهو پهتا، ڪمانڊو قسم جا جاننا زمين تان اُٿي، هڪدم اُتان هليا ويا. فقط سندن اُستاد موجود رهيو.

بم ناڪارو ڪرڻ وارن مان هڪ ڄڻو ڊڄندي ڊڄندي، ڏاڍي خبرداريءَ سان منهنجي ويجهو آيو. ٻئي طرف کان هڪ ٻيو ڄڻو هوبهو ساڳئي انداز ۾ منهنجي ويجهو آيو. اهو تماشو مون کي ڏاڍو دلچسپ محسوس ٿيو هو. سندن چرچائين جهڙي چال تي مون کلڻ چاهيو هو پر، پوءِ محسوس ڪيو هوم ته مري وڃڻ کان پوءِ ماڻهو سوچي ته سگهندو آهي،

پندرهن سال گذري ويا آهن، بلڪ گذري ويا هئا. تنهن ڪري ڳوٺ هڻ ڪڻ خاشخيليءَ ۾ منهنجن مائٽن کي پڪ هئي تہ مان اهڙو ڪو وَيَل نہ هوندس، ۽ موليٰ بخش ڪاري کي انصاف وٺي ڏيڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندس: ڪيس انصاف ڪيسي ۾ وجهي اسلام آباد مان روانو ڪندس! پر، انصاف کي تہ ڇڏيو مان تہ مرڳو موليٰ بخش ڪاري کي صحيح سلامت واپس ڪرڻ جهڙو بہ نہ آهيان! مان مري ويو آهيان. ڪلاڪ ڏيڍ کان ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي، اسيمبلي عمارت جي عين سامهون، رستي تي مئو پيو آهيان. موليٰ بخش ڪارو ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي. عجيب ماجرا آهي!

موليٰ بخش ڪارو ڊپٽي ڪمشنريءَ لاءِ درخواست کڻي اسلام آباد نہ آيو هو. هُو پرائمري ماستري موٽائي وٺڻ ۽ پنهنجو نالو علائقي جي ناپسنديده ماڻهن جي لسٽ مان ڪڍائڻ جي درخواست کڻي آيو هو. ڪُجهہ ڏينهن کان مون وٽ رهيل هو. وڏي جاکوڙ کان پوءِ اسان پنهنجي ڳوٺ هڻ ڪڻ خاشخيليءَ جي ايم اين اي، يعني قومي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ جي طرفان چونڊائي موڪليل ميمبر کي ڳولي هٿ ڪيو هو. جڏهن بہ وٽس وياسين، هو اسان کي ڏاڍو مصروف نظر آيو هو — ملڻ ۽ اسان سان ڳالهائڻ کان پڙ ڪيدي بيٺو هو. هُو ايتريقدر مصروف نظر ايندو هو جو اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ويهڻ جي بہ کيس فرصت نہ ملندي هئي. شروعات ۾ هو جڏهن ڳوٺ هڻ ڪڻ خاشخيليءَ مان چونڊجي آيو هو، تڏهن بہ ٽي دفعا اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيو هو. هڪ دفعي چَوَن ٿا تہ اسيمبليءَ جو اجلاس هلندي کيس ننڊ کڻي ويئي هئي. ان کان سُتت پوءِ، هو ڏاڍو مصروف ٿي پيو هو بلڪ آهي، مصروف ٿي پيو آهي، ۽ اسلام آباد ۾ مصروف زندگي گذاريندو آهي. هن موليٰ بخش ڪاري سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ کان بنهہ انڪار ڪري ڇڏيو هو.

اسين بہ سندس در جي چانئٺ جهلي ويهي رهيا هئاسين. هڪڙي ڏينهن مصروفيت دوران الاءِ ڇو ٻاهر نڪتو. اسان ٻنهي تي نظر پيس تہ ٻاهہ ٿي ويو. رڙ ڪندي پڇيو هئائين، "اڙي بدبختوءَ! ڪير آهيو جو منهنجي لاءِ ڇچڙ ٿي پيا آهيو؟"

اول مون ڳالهايو هو چيو هيم، "سائين، مان ڳوٺ هڻ ڪڻ خاشخيليءَ جي مشهور ۽ معروف قاصائيءَ مراد جو پٽ آهيان، ۽ پندرهن سالن کان قوم جي خدمت ڪري رهيو آهيان."

ملنديون رهيون آهن - سنڌ ۾ لڳندڙ ڏاڙن پنيان تنهنجي ماروٽ جو هٿ آهي. هليا وڃو - نڪري وڃو - ٻيهر هن طرف آيا آهيو ته ٽيپ ڪارائيندو مانوَ."

ميمبر صاحب در ڦهڪائي اندر هليو ويو هو ۽ وري ڏاڍو مصروف ٿي ويو هو.

موليٰ بخش ڪارو اُٿي بيٺو هو. هُن ڪنڌ جهڪائي ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي هلڻ شروع ڪيو هو.

واٽ تي مون ڪانئس پڇيو هو. "موليٰ بخش، تو ڳوٺ هڻ ڪڻ خاشخيليءَ جي ماڻهن کي ڇا چيو آهي؟"

هن جواب نه ڏنو هو.

مون ڪانئس پڇيو هو "تو ڳوٺ وارن کي اِهو ته نه ٻڌايو آهي ته، سج نه اوير مان ايرندو آهي، ۽ نه اولهه ۾ لهندو آهي - ڌرتي پنهنجي گردش سبب ڪڏهن اونده جو ۽ ڪڏهن روشنيءَ جو سفر ڪندي آهي! سج اٽل آهي."

موليٰ بخش ڪاري ڪو جواب نه ڏنو هو. ڪنڌ جهڪائي، هو ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي هلندو رهيو هو.

مون موليٰ بخش کان پڇيو هو "تو ڪٿي ڳوٺ وارن کي اهو ته نه ٻڌايو آهي، ته ڳوٺ جي شڪل ڪوهه ۾ سڄ پڃ پاٽي ڪونهي —۽ توهر پوڪي ڏاڙهونءَ ۽ صوف جي اُميد نه لڳائبي آهي!"

تڏهن، موليٰ بخش ڪارو هلندي هلندي عين اسيمبليءَ جي عمارت آڏو بيهي رهيو هو. هن ڏاڍي عجيب، پڙاڏي جهڙي آواز ۾ چيو هو "ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي، جو پوکبو ته ڏاڙهون ۽ صوف جو ٻج آهي، پر موٽ ۾ توهر ملندو آهي."

موليٰ بخش ڪاري جو آواز منهنجي روح ۾ لهندو ويو. منهنجو وجود ڪنبڻ لڳو. مون پنهنجي اندر انيڪ آوازن جا انيڪ پڙاڏا ٻڌا، "ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي، جو پوکبو ته ڏاڙهونءَ ۽ صوف جو ٻج آهي، پر موٽ ۾ توهر ملندو آهي."

مان ڦهڪو ڪري، ڪِري پيس. ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي مري ويس. موليٰ بخش ڪارو هڪدم الوپ ٿي ويو.

مون کي مُئي به ڪلاڪ کن گذري ويا آهن. ڪجهه راهگير بيهي رهيا آهن، ۽ اچرج وچان مون ڏانهن ڏسي رهيا آهن. لڳي ٿو هنن سڙڪ

# اڄ اُسهان ٿو پرائي ديس

24 ـ مارچ 1843 ع جي نماشام، ڪا رواجي نماشام نـہ هئي. اولهہ طرف عرش ڪي ڄڻ باهہ جا ڀنيٺ ورائي ويا هئا. سنڌ جي آسمان تي لهندڙ سج رت جي لام ڇڏي ڏني هئي. هيٺ ڌرتيءَ ڪي سنڌڙيءَ جي سپوتن ۽ سرڪش جوڌن رت جو ريج ڏنو. ماحول موت وانگر ماٺ ۾ گنڀير هو. سج اڳ بہ لهندو هو پر ان شام جهڙو اداس ۽ المناڪ نہ لڳندو هو. شهيدن جي شام ڇا آئي، ڄڻ غيب مان روحن جي آخري سفر جي صدا آئي. فلڪ ۽ ملڪ حيرت وچان دٻي ۾ اکيون اٽڪائي ويهي رهيا.

دٻي جو ميدان، جتي ٽيهريءَ تائين موت ۽ زندگيءَ جو معرڪو لڳو هو اتي نماشام تائين مڪليءَ جهڙي ماٺ اچي واسو ڪيو. سڄو ميدان عضون جو ڪوس ـ گهر هو. هر طرف لاشن جا انبار هئا. منظر اهڙو جو دلير دهلجي وڃن ۽ ڏونگر ڏري پون! قبرستان جهڙي خاموشي وايو منڊل کي اڳري ويئي. هوائون ساهہ روڪي ويهي رهيون.

....تڏهن، ميجر جيڪب جي ڪيمپ ۾ سر چارلس نيپيئر جو ڪٽڪ اچي پهتو. نيپيئر جو فتح جو سهرو پنهنجي سر تي رکڻ لاءِ آتو هو. هن اچڻ شرط جام ڇپن تي آندو ۽ بيوگل وڄائڻ جو حڪم ڏنو چار سپاهي ميجر جيڪب جي تنبوءَ ٻاهران اچي بيٺا. بيوگلن جو رخ رت آلود آسمان ڏانهن ڪري، ڦڦڙن ۾ ساهہ ڦوڪي، فتح جو آواز آلاپيائون. آواز تکو ۽ طويل هو ۽ سنگينن وانگر سنڌ جي سيني ۾ لهي ويو.

سنڌ پاسو ورايو. موت جو فرشتو امان گهري پري ٿي بيٺو. هوشوءَ رت – هاٽيءَ جي مٽيءَ مان منهن مٿي ڪيو.....

بيوگل جو آواز ٻڌي، سندس اتاولو روح سانوڻ جي سنڌوءَ وانگر بيقابو ۽ شهزور ٿي پيو. هن ڪاٻي ٻانهن وڌائي هڪ ڪهاڙي ڪٽي ورتي. ڪهاڙيءَ جي ڳن کي قابو ڪري، ڪوڙي، آهستي آهستي، هو ڪارڙو ۽

لڙڪندڙ ساڄي ٻانهن ڪلهي کان ڌار ڪري ڇڏي.

انگريزن کان دانهن نڪري ويئي. سر چارليس نيپيئر حيرت مان، وچ ميدان ۾ بيٺل سنڌي سورمي ڏانهن ۽ پوءِ ميجر جيڪب ڏانهن ڏٺو.

ميجر جيڪب چيو ”هيءُ هوشو آهي. اجوڪيءَ جنگ ۾ هڪ ڊيميٽرس کان سواءِ رايل برٽش آرميءَ جا سيئي جوڌا هوشوءَ سان زور آزمائي، مري مات ٿيا آهن.“

جنگجو پهلوان ڊيميٽرس مٿي کان پيرن تائين لوهه جي زره ۾ جهنجهيل هو هو ٿنهي وٽ اچي بيٺو.

ميجر جيڪب چيو ”مان سترهن جنگين ۾ وڙهيو آهيان، مون هوشوءَ جهڙو بي ڊپو ۽ سرڪش جرنيل نه ڏٺو آهي. سندس بي پناهه بهادري ڏسي، مون کي ساڻس نفرت ٿي ويئي آهي.“

ڊيميٽرس مانيٽي لهجي ۾ چيو ”هوشو جيڪڏهن آسماني ڪتابن کان اڳ پيدا ٿئي ها ته سندس نالو حضرت شمعون سان گڏ لکيو وڃي ها. هن جي دليريءَ جا داستان ڏند ڪٿائن وانگر سنڌ ۾ صدين تائين ٻڌايا ويندا.“

”مونکي خبر آهي،“ سر چارلس نيپيئر چيو ”مون کي اها خبر آهي ته اڄ رڻ تتي جڏهن هوشوءَ جي توب جو بارود ختم ٿي ويو هو، تڏهن هن لوهي توپ ياڪر ۾ پري، ڦيرائي، اسانجن سپاهين تي اُڇلائي هئي.“

ميجر جيڪب ڪيپٽن رچرڊسن ڏانهن ڏسندي چيو ”ڪئپٽن، هوشوءَ اجوڪي هڪ ڏينهن ۾ اسان جا ايترا ته جوڌا ماريا آهن جو ڳڻڻ کان ٻاهر آهن. مان توکي حڪم ٿو ڏيان ته ڪيس ماري، سندس سر سنگين تي چاڙهي، سر چارلس نيپيئر آڏو اچي پيش ڪر.“

ڪئپٽن رچرڊسن، پنهنجي جنگجو پهلوان ڊيميٽرس کي وٺي، ميدان ۾ ڪاهي پيو. هو ٻئي لاشن کي اورانگهيندا پيگل هٿيارن کي لتاڙيندا، وچ ميدان ڏانهن ڊوڪيندا ويا، جتي هوشو هماليا جبل وانگر ڳاٽ اوچو ڪيو بيٺو هو.

اجا هو ٻيئي هوشوءَ کان ڪجهه پريرو هئا ته زره ۾ جهنجهيل ڊيميٽرس چيو ”ڪئپٽن رچرڊسن، هوشوءَ جي بهادريءَ جو ذڪر منهنجي بزدليءَ جو اعتراف نه آهي.“

ڪئپٽن رچرڊسن منهن ورائي ڊيميٽرس ڏانهن ڏٺو.

ڊيميٽرس چيو اجوڪيءَ جنگ ۾ هوشوءَ جتي جتي پير رکيو تي، اتي

محسوس ٿيو. هن کهري لهجي ۾ ڊيميٽرس کي چيو ”ڊيميٽرس مان، رايل برٽش آرميءَ جو ڪئپٽن رچرڊسن، توکي حڪم ٿو ڏيان تہ هوشوءَ تي حملو ڪر!“

ڊيميٽرس سڌو ٿي بيٺو. مياڻ مان تلوار ڪڍندي چيائين، ”مان رايل برٽش آرميءَ جو معمولي پگهاردار سپاهي، تنهنجو حڪم مڃان ٿو. مان پنهنجي قيامت ڪاري ڪريان ٿو. هڪ گهايل ۽ زخمي سورمي تي وار ڪري، مان پنهنجيءَ ماءُ کي لڄايان ٿو.“

ڊيميٽرس وک کڻي هوشوءَ ڏانهن وڌي آيو. هڪ پگهاردار سپاهيءَ وانگر، تلوار سڌي ڪري هوشوءَ تي وريو.

هوشو ڪهاڙيءَ جي ٻن تي مٺ مضبوط ڪري، رهيل سهيل طاقت بدن ۾ پري، ٻانهن اُڀي ڪري، ڪهاڙي ڊيميٽرس کي اُڇلائي هنئي. ڪهاڙي ڪنوڻ وانگر ڪوندي، زره کي ڪاغذ وانگر ڪپيندي، ڦر سميت، اڌ ٻن تائين ڊيميٽرس جي سيني ۾ لهي وئي. ڊيميٽرس جي هٿ مان تلوار ڇڏائجي ويئي. وات وحشت مان ڦاٽي پيس، پر رڙ نہ نڪتس. هو ڪري پيو. مٽيءَ جي بوتي وانگر پري پيو.

ڪئپٽن رچرڊسن بنا دير جي، اک ڇنڀ ۾، زهريلو ڀالو زخمي ۽ ٻي هٿيار هوشوءَ کي سموريءَ سگهه سان اُڇلائي هنيو. ڀالو هوشوءَ جي سيني کي چيريندو پٺيءَ تائين پار ٿي ويو. ڀالو هوشوءَ جي سيني ۾ کپي پيو.

هوشوءَ جي وات مان صدا بلند ٿي:

”مرسون مرسون، سنڌ نہ ڏيسون!“

هوشوءَ پنهنجو هٿ ڀالي ۾ وجهي، ستَ ڏيئي، سيني مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ورتو. ڪئپٽن رچرڊ سن جو ساهہ خوف کان سڪي ويو. هن هوش نہ سنڀاليو هو جو هوشوءَ اُهو ڀالو ڇتائي ۽ ڪپائي، ڪئپٽن رچرڊسن جي ڪوپر تي وهائي ڪڍيو. ڪئپٽن جي ڪيبراٽي ذريون ذريون ٿي ويئي. هو رڙ ڪري، پهڻ وانگر ڌرتيءَ تي ڪريو ۽ برف وانگر ٺري ويو.

هوشوءَ اُجهامندڙ اک سان آسمان ڏانهن ڏٺو. آسمان تي لهندڙ سج رت —هاڻي لام ڇڏي ڏني هئي.

هوشوءَ ڌرتيءَ تي دان ڏٺو. سندس هاڻ مان وهندڙ ۽ ٽمندڙ رت ڏسي، جا لڪيءَ چشما بند ٿي ويا. سنڌونديءَ جو وهڪرو ماٺ ۽ سانت ۾ سڪندو ويو. ڪير ٿر جون سر بلند چوٽيون جهڪنديون — هڪ طويل

**حق تان صدقي ٿيندس:**
**مان ايندو رهندس،**
**مرندو رهندس،**
**مري، وري مان جيئندس،**
**پر اڄ اُسهان ٿو ديس پرائي،**
**جتان وري مان ورندس.“**

هوشوءَ پنهنجيءَ بيپناهه بهادريءَ ۽ بيمثال حب الوطنيءَ سان ڏهي جي شڪست کي سنڌ جي سڀ کان وڏي فتح ۾ بدلائي ڇڏيو.

جنهن وقت ڪائنات مڪمل اونده ۾ گم ٿي رهي هئي، ۽ جنهن وقت انگريزن جي ڪيمپ مان ڪئپٽن رچرڊسن ۽ جنگجو ڊيميٽرس جي موت تي ٽرمپيٽ جي دردناڪ صدا بلند ٿي رهي هئي، تنهن وقت جنرل هوش محمد شيديءَ پنهنجي زندگيءَ جا آخري ساهه کنيا ..... ۽ پوءِ، ٽڪل ٽٽل ٻار وانگر، جيجل سنڌ جي هنج ۾ منهن رکي سمهي پيو. ■

هاري لڙڪ لاڙي، آليون اکيون ويهاڻي جي ڇوَ سان اُگهي دائيءَ ڏانهن ڏٺو هئائين. دل تي بار هلڪو ۽ درد جي پيڙا کان پاڻ کي آجو ٿيندو محسوس ڪيائين. دائيءَ ڏانهس ڌيان نہ ڏنو ۽ پنهنجي ڪم ۾ رُڌل رهي. هوءَ گذريل پنجويهہ سالن کان عورتن کي ويم ڪرائيندي ۽ ڪنوارين جا حمل ڪيرائيندي رهي هئي. پنهنجي هنر ۽ فن جي ماهر هئي. ڪيس ڄاڻ هئي تہ مئل ٻار جي ڄمڻ تي يا ڄمي هڪدم مري وڃڻ تي هر ڪا عورت اهڙي نموني ئي هنجون هاريندي ۽ آهہ و زاري ڪندي آهي. جيئن ليليٰ ڪئي هئي. ٻار جي لاش تي جڳ مان پاڻي پيئيندي هن منهن ورائي ليليٰ ڏانهن ڏٺو.

ليليٰ ٿڪ ٻڏي گينديءَ ۾ پاسيرو پيل ٻار جو لاش ڏسي رهي هئي. ٻار جون ٻئي اکيون ٻوٽيل، گوڏا سيني سان لڳل ۽ بند هٿن جون مٺيون ڪاڏيءَ هينان هئس. ڪڪا وار رت ۾ ڳوهجي ٻار جي نرڙ ۽ لوندڙين کي چنبڙي پيا هئا.

”ڇگو جو مري ويو.“ ليليٰ جي هڪ جملي دائيءَ جي تجربن جو بنياد اُٿلائي ڇڏيو.

”ڇو؟“

”ڇوا!“ ليليٰ دائيءَ ڏانهن ڏسندي چيو ”وار اُس ۾ تہ اڇا نہ ڪيا ٿئي.“

دائيءَ ٻار جي وارن مان رت جا ٿهہ ڇڏائيندي وراڻيو ”جن ماڻهن جا وار اُس ۾ اڇا ٿيندا آهن، سي سيئي بيوقوف ڪونہ ٿيندا آهن، ليليٰ. ۽ جن جا وار چانوَ ۾ اڇا ٿيندا آهن، سي سيئي سياڻا نہ هوندا آهن.“

”تنهنجون ڳالهيون ڪاري ڳڏهہ جا تَٽ آهن، دائي ساران.“ ليليٰ چيو ”جيئرو رهي ڇا ڪري ها! سور ۽ سختيون سهي ها. ڪير بہ ڪيس پير ۾ ويهڻ نہ ڏي ها.“

”ڇو؟“

”ڇو جو رنڊيءَ جو پٽ سڏائي ها، حرامي سڏائي ها. ڪوبہ سندس پيءُ نہ هجي ها.“

”حضرت عيسيٰ کي بہ پيءُ نہ هو.“ دائي ساران جا لفظ ٺٺوليءَ ۾ ٻڏل هئا. سندس جملو دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڇيندڙ نفرت مان ڦاٽ ڪائي نڪتو هو.

”حضرت عيسيٰ خدا جو پٽ هو ساران.“

”ڪفر تي ٻڪين لئي،“ ساران جي سجيل منهن تي شرارت آميز مرڪ نمودار ٿي.

پنهنجي پيانڪ ۽ داغدار ماضيءَ جو پاڇو پنهنجي ٻار تي پوڻ نہ ڏينديءَ پوءِ پنجون مهينو لڳنديئي هن پيشو ڪرائڻ ڇڏي ڏنو. سينين ۾ سرڪاري آفيسرن جون موٽرون در تان موٽائي ڇڏيائين. هر وقت، هر گهڙي ڪنهن ويچار ۾ گم، اميدن جي ريگستان ۾ خيابانن جو تصور ڪٽي مرڪندي رهندي هئي — امڙ منهنجي پياري امڙ، تون منهنجي لاءِ ايڏي محنت نہ ڪندي ڪر. ڏس، تنهنجي هٿن ۾ لڦون پئجي ويون آهن. تنهنجي آڱرين جا ڏوڏا گسي ويا آهن. هوءَ جواب ۾ مرڪندي، پيار ڪان بيتاب ٿي پنهنجي پٽ جو چهرو چمڻ لڳندي هئي ۽ هڪ ڏينهن، هڪ ڏينهن هو ٻوڙندو ايندو امڙ، مان..... مان، يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو آهيان. هينئر توکي محنت نہ ڪرڻي پوندي، هينئر مان ڪمائيندس، محنت ڪندس دنيا جو هر هڪ سک سميٽي، ميڙي، گڏ ڪري تنهنجي آڏو اچي رکندس. هوءَ کلندي، پنهنجي لال کي سيني سان لڳائيندي، سندس چهرو چمڻ لڳندي، هوءَ ائين ئي سوچيندي رهندي هئي. اميدن جي ريگستان ۾ خيابانن کي تلاش ڪندي رهندي هئي. موت ۾ ڪيس ملي ريگستان جي رڃ ۽ سچ، ساٿو ڪندڙ اُڃ. موت ۾ مليس هڪ هلڪڙي رڙ هڪ دانهن، جنهن کي هوءَ جهٽي نہ سگهي.

”آءُ وڃان ٿي ليليٰ.“ ساران جي آواز تي ليليٰ جي خيالن جو سلسلو ڇڄي پيو.

”ڪيڏانهن؟“

”گورا قبرستان جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لاش ڦٽائينديس.“ دائي ساران ٻار جو لاش توال ۾ ڇهائي، ڪاري ڪپڙي ۾ ويڙهي پنهنجي ڳوتريءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو. هوءَ وڃڻ لاءِ تيار هئي. ليليٰ جي دل رکڻ لاءِ چيائين ”تون دلجاءِ ڪر ليليٰ.“

دلجاءِ! دل ليليٰ جي وس ۾ نہ هئي. رکي رکي اُدما پيي ڪاڏائين. دل خيالن جي سمنڊ ۾ لڙهندي رهيس. ويچارن جي وير سندس سڪون جي ڪنارن کي لتي ڇڏيو ۽ هوءَ وهمن ۾ وڪوڙجي وئي - ٻار جي لاش تي ڳجهن کي لهندو ڏٺائين - چِتن ڪتن کي ٻار جون ٻوٽيون ڇٻاڙيندي ڏٺائين - وهمن جي ڪارن ڪوهن تان ٻہ ڪانو اُڏامندا آيا - ڪيڪون ڪندا آيا - ٻار جي سيني تي ويهي پنهنجيون ڪاريون نوڪدار چهنبون ٻار جي اکين ۾ تنبي، چڪي ٻاهر ڪڍيائون - ٻار جا تارا ڪانون جي چنهنبن ۾ هئا.

”تہ منهنجو ٻار ڪنهن ڪڏ يا گند جي ڍير تي ڍونڍ تي سڙهندو رهي.“

”تون ڇا ٿي چاهين؟“

”مان نٿي چاهيان تہ منهنجو ٻار مرڻ کان پوءِ بہ اڌ وال ڌرتيءَ کان محروم رهي.“

”ناجائز ٻارن جا لاش دفنائبا ناهن. فقط اُڇلائبا آهن.“

”ڇو؟“

”ڇو جو انهن ٻارن جو بہ حضرت عيسيٰ وانگر پيءُ نہ هوندو آهي.“

ساران جي منهن تي پُراسرار مرڪ ڦهلجي وئي. زندگيءَ ۾ جيڪي لاتعداد تجربا تحفي طور مليا هئس، تن ۾ هوءَ پنهنجي ميگهواڙ گهراڻي مان هڪ هندو سيٺ جي پٽ سان پچي وئي هئي، جنهن کيس چڱي طرح چوڙيو ماٽيو ۽ کيس واٽياٽي ڪري ٽر ڏانهن گم ٿي ويو. ميرپورخاص ۾ هڪ ملان کي هٿ لڳي وئي، جنهن کيس مسلمان ڪري ساڻس نڪاح وجهي پنهنجي چوٿين زال ڪري پنهنجي گهر وني ويو. ساران کي اها ڳالهہ نہ وڻي هئي ۽ ملان کي چيو هئائين، تنهنجو گهر آهي يا چڪلو! هڪ مرد تي چئن عورتن سان عيش ٿو ڪرين. مان بہ چئن مردن سان هڪ مهل شادي ڪنديس.“ ملان نهہ پهہ کيس طلاق ڏيئي ڇڏي. ان کان پوءِ حيدرآباد جي هڪ گرجا ۾ پينگياٽي تي ڪم ڪرڻ لڳي، جتي گرجا جي فادر سان 6 مهينا کن ناجائز تعلقات رکڻ کان پوءِ سندس ئي چوڻ تي، ڪرستان ٿي هئي. حيدرآباد ۾ هوءَ هڪ دفعو ٻيهر جنت جي لالچ ۾ امام دين نالي هڪ چرسيءَ جي چوڻ تي مسلمان ٿي ڪراچيءَ کان وڃي نڪتي. ڪراچيءَ ۾ امام دين ڪائنس برنس روڊ جي هڪ فليٽ ۾ پيشو ڪرائيندو هو. هڪڙي ڏينهن امام دين نشي ۾ چور لڏندو لمندو آيو ۽ ٽرام کي مڇر سمجهي هلندڙ ٽرام کي ٽڪر هڻي ڪيڍيائين ۽ ٽڏي تي مري ويو. تڏهن کان ساران پنهنجي فليٽ تي ”زچہ خانہ جو بورڊ هڻي ٻار ڄڻائڻ ۽ ڪيرائڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ اڃا تائين ڪندي ايندي آهي.

ليليٰ جي ٻار جو لاش کڻي هوءَ در ڏانهن وڌي وئي. ليليٰ کيس سڏ ڪري روڪيو ”ڪجهہ بہ ٿي پوي ساران، مان پنهنجي ٻار جو لاش ڪتن جي حوالي نہ ڪرائينديس.“

دائي ساران ڳوٿري در وٽ رکي ليليٰ ڏانهن وڌي آئي. هڪ پير پلنگ تي رکندي کهري آواز ۾ چيائين، ”مغز تہ خراب نہ ٿئي ليليٰ؟“

"اهو ڪم مون کان نہ ٿيندو. آءُ پاڻ کي قانون سامهون نئي آٽيان هرو پرو آفيسرن ۽ پوليس ۾ عزت ويندي رهندي."

"اهو ڪم مان ڪنديس، ساران."

"تون!"

"ها، مان."

"چري نہ ٿيءُ."

"تبليغ نہ ڪر."

"آءُ توکي ڏيءُ وانگر چاهيندي آهيان. ڪيئن نہ سمجهايائين."

"تون ڪوڙي آهين، ڏڪٽي آهين ساران."

"ليليٰ!"

"منهنجو بار منهنجي پير ۾ رکي هتان هلي وڃ."

ساران جا پير ڏرتيءَ کي چنبڙي پيا. سچو تجربو ڪنن مان سيٽيون وڄائيندو نڪري ويس. زبان تارونءَ سان وڃي لڳس.

"ڏسين ڇا ٿي،" ليليٰ ڪاوڙ منجهان چيو "دير نہ ڪر. بار منهنجي پير ۾ رکي هتان هلي وڃ."

"ليليٰ."

"نڪري وڃ، ۽ وڃي پنهنجن ڏڳڙن کي سلام ڏي."

ساران ڳوڙهيءَ مان ڪاري ڪپڙي ۾ ويڙهيل بار جو لاش ڪڍي ليليٰ جي پير سان پلنگ تي رکي، تڪڙا قدم کڻندي ٻاهر هلي وئي.

ساران جي وڃڻ کان پوءِ ليليٰ ڪجهہ دير تائين لاڳيتو ڪمري جي ڇت کي گهوريندي رهي. دل جي اڙٻنگائي ۽ دماغ جي چنتا سندس ذهن کي ولوڙي ڇڏيو. ڏسنديئي ڏسندي ڇت ڪوهيڙي وانگر ڏنڊ جا ڪڪر ناهي ٻيهي رهي. ليليٰ جون نگاهون ڇت جي ڪوهيڙي مان پار ٿينديون ويون. اڳتي وڌنديون ويون. ڏوڪينديون ويون. لامحدود خلائن ۾ تحليل ٿينديون ويون. ليليٰ جي اکين آڏو سڄي ڪائنات هڪ طويل، بي انت بيان ۾ بدلجي وئي هن پاڻ کي واريءَ جي پٽن ۾ اڪيلو ڏٺو. هر طرف نگاهہ جي پهچ تائين چلڪندڙ واري ۽ واريءَ جا دڙا سندس تنهائيءَ جو احساس وڌي ويو. ريگستان جي خاموشيءَ ۾ هوائن جا سيسڙاٽ. واريءَ تي رج، نڙيءَ ۾ اُڃ، مٿان جلندڙ سج جو گولو. اوچتو خاموش فضا ۾ واريءَ جي طوفان جو گهمسان جاڳي اٿيو. اک ڇنڀ ۾ جبل جيڏا واريءَ جا دڙا پنهنجي

ليٽاياائين. مٿس چادر وجهي ڇڏيائين. جنهن ڪم جي هام پري هڻائين، سو مرحلو مشڪل نظر آيس. ڪير آهي جيڪو ٻار کي قبرستان تائين کڻي ويندو ـ ڪير آهي جيڪو مناسب جاءِ تي قبر کوٽائيندو. ڪير آهي جيڪو ٻار جي جمڻ ۽ مرڻ جو اطلاع اختياريءَ وارن کي ڏيندو — ڪير آهي، ڪير بہ نہ، ڪو بہ نہ.

هوءَ بيچين ٿي اُٿي ڪمري جي هر ڪا شيءِ سندس نظرن جي دائري ۾ ينواٿيون ڪائڻ لڳي. دل ڪنهن ڏهڻ ۾ لهندي ويس. جنهن بيپناهہ درد مان جان آجي ڪرائي هئائين، تنهنجي تڪليف وساري ڇڏيائين. پلنگ جي پاتيءَ تي ويهي، ٻئي نونيون گوڏن تي رکي، منهن ٻئي هٿن ۾ جهلي سوچ ۾ غرق ٿي وئي.

تڏهن ٿٽل خيالن جا سلسلا ٻيهر جڙڻ لڳس. پنهنجي ٻار کي رسم مطابق دفنائڻ جو ارادو سندس ذهن ۾ پختو ٿي ويو. سوچيائين: پنهنجي ٻار جي لاش کي سپرد خاڪ ڪرڻ لاءِ اهو ڪي ڪندي جڻ ٻار ڄمندي نہ مئو هو بلڪ ڦوهہ جوانيءَ ۾ اجل سان وڃي مليو هو. ٻار کي غسل ڏياريندي، ڪفن ۾ ويڙهيندي. لاش تڏي ۾ نہ پر انجمن اسلامي جي ڏولي ۾ قبرستان موڪليندي. جنهن وقت هجوم ماڻهن جو جنازي کي ڪلهو ڏيندو قبرستان ڏانهن روانو ٿيندو تڏهن هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئي پوندي، سڏڪا پريندي پريندي سندس ساهہ درد جي ٿوهر سان وچڙي پوندو.

خيالن جي سلسلي جون ڪڙيون هڪ هنڌ اچي ٿي پيس. هن منهن ورائي ٻار جي لاش تان چادر لاهي ڇڏي. ڪجهہ دير تائين بنا اک ڇهنڀڻ جي ٻار جي ڪومايل منهن ۾ ڏسندي رهي. هيٺ جهڪي، ٻار جي سرد ڳل تي چمي ڏيندي چيائين: تون حضرت عيسيٰ نہ آهين منهنجا لال، دنيا جي هر عورت تنهنجي ماءُ، هر ٻار تنهنجو پياءُ آهي.

ٻار تي ٻيهر چادر وجهندي ليليٰ فيصلو ڪيو تہ هوءَ پنهنجي حسن ۽ جوانيءَ جو خيال نہ ڪندي، هر رات انن انن گراهڪن وٽ ويندي، پنهنجو هڏ گڏ پائمال ڪرائيندي ۽ دولت گڏ ڪندي رهندي. هڪ ڏينهن پنهنجي لال جي قبر تي تاج محل اڏائيندي.

خيالن جي ان سلسلي کي ٻار دفنائڻ جو مسئلو ڳڙڪائي ويو. ڪو تہ هوندو جيڪو منهنجي مدد ڪندو هن ذڪئي وقت ۾ منهنجي ڪم ايندو. هن سوچيو. هن تصور ۾ هر ان مرد جي تصوير آڻي مِٽائي ڇڏي جنهن سان

هڪ رات لاءِ فقط هڪ سو رپيا ڇو ونندي آهين پياري؟“. اهو منهنجو ريت آهي. ”تنهنجو ريت تمام گهٽ آهي“. پروفيسر سو رپيا وصول ڪندي چيو هو ”مون کي ڪتابن سان عشق آهي. پر اڄ والله دل گهري ٿي ته هن لائبريريءَ جا سمورا ڪتاب وڪڻي موڙي تنهنجي مٿان قربان ڪري ڇڏيان.“

ليليٰ کي پروفيسر ياد آيو. پروفيسر جو جديد ديني نظريو ياد آيس. سوچيائين، هو مسجد جي ملن وانگر دقيانوسي نه آهي، ماڊرن مولوي آهي، ڪمپليٽ سوٽ، فليٽ هيٺ ۽ تاءِ سان اسلام ۾ جديد لاڙن جو پرچار ڪندو آهي. هو فقط هو منهنجي مدد ڪندو.

پروفيسر کان پوءِ ٻين جي باري ۾ به سوچيائين، پر ڪنهن تي به قوي اميد رکي نه سگهي. هڪ ميجسٽريٽ، هڪ وڪيل، حد جي صوبيدار جي باري ۾ به سوچيائين، پر سيئي ڪيس مطلبي نظر آيا. هو سيئي سو رپيا ڏيئي ڪيس ڏيڍ سو رپين جيترو استعمال ڪندا هئا.

ان سوچ ۾ سڄو ڏينهن ڳاري ڇڏيائين. سج لهي ويو سانجهي آئي، تڏهن به هوءَ پروفيسر دين محمد کي ٻين جاتل سڃاتل گراهڪن سان ڀيٽيندي رهي. ائين ڪرڻ سان دل ۾ اميد پوري ٿيڻ جي پڪ مضبوط ٿيندي وئي. آخر، رات جي نائين لڳي هن پاڻ ۾ هلڻ جي تورڙي سگهه ساري. پروفيسر سان ملڻ جو پڪو پهه ڪري وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويٺي. اٿڻ وارن تي به چار دفعا ابتي سبتي ڦٽي ڦيرائي، هوءَ آهستي آهستي وک کڻندي ڪمري مان نڪري ورانڊي ۾ وڃي ويٺي. ورانڊي مان منهن ڦيرائي لاش ڏانهن ڏنائين.

شهيد ملت روڊ تان ٽيڪسي ڪري، پروفيسر دين محمد سان ملڻ لاءِ سولجر بازار ڏانهن وئي.

پروفيسر جي فليٽ جو در کڙڪائي، پٺ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهي. ٽنگن مان ست نڪري ويو هئس. دل سيني ۾ جهڪي ٿيندي پئي ويس. ڪمزور هئي. پاڻ کي چڳي طرح شال ۾ ويڙهي ڇڏيائين..... به چار پاڙي جا ڇوڪرا ڏاڪڻ لهندي ليليٰ کي گهوريندا هيٺ هليا ويا. هنن اڪثر ليلا کي پروفيسر جي فليٽ تي ايندي ڏٺو هو. پروفيسر پاڙي وارن کي پڪ ڏياري ڇڏي هئي ته هوءَ سندس شاگردياڻي هئي، ۽ ڪانئس ٽيوشن وٺڻ ايندي هئي.

پروفيسر ٿوري دير کان پوءِ در کولي وٺي مان ليئو پائيندي چيو ”ڪير آهي، يا اخي؟“

اڪيلي آهيان، اهو ڪم مان ڪري نہ سگهنديس.“

پروفيسر دين محمد ليليٰ کي جواب نہ ڏنو. ڪرسيءَ جي ٻانهن تان اٿي، ٽيبل جي ڪنڊ تي وڃي ويٺو.

ليليٰ چيو ”مان چاهيان ٿي پروفيسر، تہ منهنجي ٻار جو لاش اسلامي دستور موجب دفن ٿئي.“

”تنهنجو مغز خراب آهي ليليٰ.“

”منهنجو مغز خراب آهي تہ پوءِ دنيا جي هر ماءُ جو مغز خراب آهي.“

اوچتو پروفيسر منهن ورائي ليليٰ جي هيڊ هاريل منهن ۾ چٽائي ڏنو. پائيپ جو ڪش هڻي لاپرواهيءَ مان چيائين، ”حرامي ٻارن جا لاش دفن نہ ٿيندا آهن.“

ليليٰ کي هيانءَ ۾ ٻرڇي لڳي. دل زخمي، روح گهائل ٿي پيس.

”منهنجي ڳالهہ نہ وٺي هوندءِ ليليٰ،“ پروفيسر سياست هلائيندي چيو ”پر. جيڪي ڪجهہ چيو اٿم سو سچ تي مبني آهي.“

”اسان رنڊين لاءِ سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ خيالي ديوار هوندي آهي، پروفيسر صاحب“، ليليٰ غصو دٻائيندي چيو ”جنهن مهيني مون کي پيٽ ٿيو هو تنهن مهيني جون اڪثر راتيون تو وٽ گذاريون هيون.“

”تنهنجو مطلب آهي تہ “

”منهنجو مطلب آهي تہ ٻار تنهنجو بہ ٿي سگهي ٿو.“

پروفيسر ڪان ڇرڪ نڪري ويو چيائين، ”تون هوش ۾ ناهين ليليٰ. مان ديني تعليم جو ماهر ۽ تون چئين ٿي تہ مان هڪ حرامي ٻار جو پيءُ آهيان! نعوذ بالله.“

”مان هوش ۾ آهيان، تون ئي هوش ۾ ناهين“، ليليٰ کيس چٽڀ ڏيندي چيو ”مان توکان پنهنجي ٻار لاءِ تنهنجي ملڪيت مان حصو وٺڻ نہ آئي آهيان.“

پروفيسر وڏي اچي ليليٰ جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ليليٰ ڏانهس نهاريو. پروفيسر چيو ”تون چري آهين، ليليٰ.“

”ها، مان چري آهيان. چري آهيان، تڏهن تہ اميد کڻي تو وٽ آئي آهيان.“ ليليٰ پريل آواز ۾ ڳالهايو.

”تون سمجهين چو نٿي ليليٰ“، پروفيسر کيس سمجهائيندي چيو ”تنهنجو ٻار ناجائز آهي.“

هٿائين، ان مرد جي بدليل نگاهن سندس اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. اندر ۾ ٻوسٽ محسوس ڪيائين.

چاهيائين تہ دنيا جي مردن کي هڪ ميدان ۾ ڪٺو ڪري ڪين خوب دل کولي گاريون ڏئي.

پوءِ ائين ٿي، بنا ڪنهن مقصد جي، نيو ٽائون ڏانهن وڃڻ لڳي. ٻنهي ڪلهن تي ڪاري شال چڱي طرح ويڙهي ڇڏيائين. سندس ذهن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مذهب خلاف نفرت ۽ ٻار کي دفن ڪرائڻ جو مسئلو پاڻ ۾ اُلجهي رهيا هئا. هوءَ پروفيسر کي دل ئي دل ۾ گاريون ڏيندي رهي.

جڏهن هر ڪا واٽ بند نظر آيس تڏهن ڪيس اوچتو ئي اوچتو سيٺ ٽيڪمداس ڏرمداس جيسانڻيءَ جو خيال آيو. نپل بدن ۾ ٻل محسوس ڪيائين. ساڻين تنگن ۾ ساهہ پيس، بلبن جون جهڪيون روشنيون سندس نگاهن ۾ جرڪي اٿيون.

هن هٿ جي اشاري سان ٽيڪسي بيهاري. ٽيڪسيءَ واري کي جوڙيا بازار ڏانهن هلڻ لاءِ چئي، پاڻ کي پوئين سيٽ تي ڇڏي ڏنائين. مٿو ٽيڪ سان لڳائي اکيون پوري ڇڏيائين. ٽيڪسي بندر روڊ تي ڊوڙڻ لڳي — نيان سائين جا اشتهار پوئتي ڇڏيندي وئي.

سيٺ ٽيڪمداس کي صابڻ ۽ بناسپتي گيهہ جا ڪارخانا آهن. وڏن وڏن آفيسرن ۽ پوليس سان گهاٽي دوستي اٿس. دوستيءَ جو حق دولت، ليليءَ جهڙين عورتون ۽ شراب جون بوتلون پيش ڪري ادا ڪندو آهي. سيٺ کي هڪ وٽيل سٽيل، ٿلهي، بندري زال آهي، جنهن مان ست پٽ ۽ اٺ ڌيئر آهنس. سيٺ پنهنجي زال کان ايترو ئي ڏڪندو آهي، جيترو انڪم ٽيڪس آفيسر کان. هوءَ ٻارن جي ڪيس ٻچ ڪندي رهندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ بہ چار ٻچا وهائي ڪيندي اٿس.

رات جو دير تائين بناسپتي گيهہ جي ڪارخاني ۾ ڪم جي نگراني ڪندو آهي. آفيس سينگاريل اٿس جنهن ۾ ليليءَ جهڙين عورتن کي گهرائيندو رهندو آهي.

هو ليليءَ کي ڪارخاني جي پوئين در کان آفيس ۾ گهرائيندو هو. ڪيس ٻولي ڪيل رقم کان بہ رپيا وڌيڪ ڏيندو هو پر ڪيس پنهنجي سامهون گوشت کائڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو. ان جو هڪ ڏينهن ليليءَ کائنس سبب بہ پڇيو هو جنهن تي سيٺ وراڻيو هئس، اري ٻائي مان ويشنو

سيٺ نڪ ڦنڊائيندي وراڻيو“ مون کي گگن ماءُ جي بت مان پيشاب جي بوءِ ايندي آهي.“

ليليٰ هڪ اُداس ٿهڪ ڏنو. جڻ تہ روئي پوندي.

”اڄ ڳالهيون ٻولهيون نٿي ڪرين؟“

”مان پريشان آهيان سيٺ.“

”پريسان ٿين تنهنجا دشمن“ سيٺ ليليٰ کي ياڪر پائيندي چيو ”پگوان ٿو ڄاڻي، توکان سواءِ اسان جون بيٺڪون بي مجي ٿي ويون هيون. اڄهو ويجهرائي ۾ انڪم ٽيڪس وارن اچي ستايو. تون هجين ها تہ سالن جو وات بند ڪري ڇڏيان ها.“

ليليٰ خاموش رهي. سيٺ جي ٻانهن ڪنڌ مان لاهي ڇڏيائين.

سيٺ ليليٰ جي سٿر تي هٿ ڦيرائيندي چيو. ”ڇو ناراج آهين ڇا؟“

”نہ سيٺ.“

”تہ پوءِ ڳالهائين ڇو نٿي؟“

”مان سچ پچ بيحد پريشان آهيان.“

”ڇو ڪير تہ آهي؟“

”مون کي تنهنجي مدد گهرجي سيٺ.“

سيٺ جو منهن لهي ويو. سڄو جوش ڍرو ٿي ويس.

مٺل آواز ۾ بيدليءَ سان چيائين، ”ڇئہ.“

”اول واعدو ڪر تہ ڪم ڪندين.“

”اري يائي تون ڇئہ ڪٿي.“

”منهنجو ٻار ڄمنديئي مري ويو“ ليليٰ ڳيت ڏيئي ڳالهايو.

”پاري اوري وارا. يا پوليس وارا ستائني ٿا ڇا؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ!“

”مان پنهنجي ٻار جو لاش ڪنهن قبرستان ۾ دفن ڪرائڻ چاهيان ٿي.“

”هري رام!“ سيٺ ليليٰ ڏانهن حيرت مان ڏسندي پڇيو ”توهان مشلمان حرامي ٻار کي بہ دفن ڪندا آهيو ڇا؟“

”حرامي ٻار جو ڪوبہ مذهب نہ هوندو آهي. سندس لاش ساڙي بہ سگهجي ٿو دفن بہ ڪري سگهجي ٿو.“ ليليٰ تلخ لهجي ۾ وراڻيو.

”ڪير، تون تہ پائي جور آهين. توسان ڪير پڄندو!“

”مان رنڍي آهيان وئشيا آهيان سيٺ صاحب.“ ليليٰ زهر اوتيو ”منهنجو ٻار حرامي آهي. نہ منهنجو نہ منهنجي ٻار جو ڪو مذهب آهي.“

”هي رام ڪلجڳ.“ سيٺ نڪ تي آڱر ڦيرائڻ لڳو.

”خدارا منهنجي مدد ڪر سيٺ.“ ليليٰ ڪيس عاجزي ڪندي چيو تون رهائيءَ وارو آهين، تنهنجي هر هنڌ پهچ آهي. ڪوبہ تنهنجو وار ونگو ڪري نہ سگهندو.“

”ڏس ٻائي ليليٰ“. سيٺ رکي لهجي ۾ ورائيو ”اسين آهيون هندو لوڪ تون مون کان ڪڏو ڪم ڪرائي شهر ۾ ڳڙٻڙ ڪرائڻ ٿي چاهين. رام رام ڪري هينئر تہ مس مس هڪڙي جنگ بند ٿي آهي، تون هڪ حرامي ٻار لاءِ ٻي جنگ لڳائڻ ٿي چاهين!“

ليليٰ خالي خالي نگاهن سان سيٺ ڏانهن ڏسڻ لڳي. سندس اکين ۾ ڪنهن بہ قسم جا جذبا نہ هئا. لڙڪ نہ ها. نفرت نہ هئي.

هوءَ پوئين پير سيٺ جي آفيس مان ٻاهر نڪري وئي. ڪارخاني جون مشينون واءُ ويلا ڪري رهيون هيون.

جوڙيا بازار رات جي خاموشيءَ ۾ گم ٿي ويندي آهي.

ليليٰ ڪارخاني مان ٻاهر اچي بيٺي. اليڪٽرڪ پول ۾ هڪ ميرانجهڙو بلب لٽڪي رهيو هو. هن موٽر رڪشا بيهاري ۽ شهيد ملت روڊ ڏانهن رواني ٿي وئي.

موٽر رڪشا ۾ ڪيس دائي، ساران ياد آئي. سوچيائين تہ ڪيس گهر مان وٺندي وڃي ۽ ٻار جو لاش سندس حوالي ڪري ڇڏي. هوءَ ان ڪم جي ماهر هئي هر مهيني ٻہ چار لاش گم ڪندي رهندي هئي.

ان خيال کي سندس ازلي ضد ڳڙڪائي ويو. ساڳي اوندهہ ڪيس وڪوڙي وئي، جنهن ۾ ڪابہ واٽ نظر نہ آيس. هوءَ راهہ تلاش ڪندي رهي.

هڪ راهہ ۾ ٿاٻا کائڻ کان پوءِ ٻيءَ راهہ ۾ فرار تلاش ڪيائين، ان راهہ ۾ رنڊڪون مليس تہ ٽين راهہ ۾ چوٽڪاري لاءِ واجهايائين. هڪ ڪٽيل راهہ ٻيءَ ڪٽيل راهہ ۾ داخل ٿي ڪيس منجهائيندي رهي.

ٿڪل ٽٽل، ساٽي ساٽي، هوءَ پنهنجي جاءِ تي موٽي آئي. در جو ڪلف کوليندي سوچيائين تہ اندر وڃي، اوڇنگارون ڏيئي روئي پوندي. پر جڏهن اندر داخل ٿي تہ چاهيندي بہ روئي نہ سگهي. چاهيندي بہ بہ لڙڪ لاڙي نہ سگهي.

# جنم

ڪولمبو ايئرپورٽ جي ڊپارچر لائونج ۾ داخل ٿيندي، مون سوچيو هو پوئتي منهن ورائي نہ ڏسندس. الوداع چوڻ وارن ۾ پنهنجي تئين وجود کي ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪندس. پر، مان ائين ڪري نہ سگهيس. مون شدت سان محسوس ڪيو ڇڻ ڪو آهي، جيڪو مون کي الوداع چوڻ آيو آهي. آخري دفعو هٿ لوڏي هميشہ لاءِ اوجهل ٿيڻو آهي. احساس جي شدت کي مون پنهنجي ظاهر ۽ باطن جي دليلن سان رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻہ چار ٻرانگهون کڻي مان اڳتي نڪري ويس. تڏهن، اوچتو محسوس ڪيم، تہ مان هڪ وک وڌيڪ کڻي نہ سگهندس. منهن ورائي پوئتي ڏسڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندس. جيڪڏهن ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، تہ پوءِ پنهنجي باطن ۽ ظاهر سميت پرزا پرزا ٿي ويندس، ڀري پوندس، ڀڄي پوندس.

مون منهن ورائي پوئتي ڏٺو. نہ تعجب ٿيو ۽ نہ ئي مون کي اچرج محسوس ٿيو: فقط تصديق جو احساس پختو ٿيو. رنجني ايپوادن الوداعي بالڪوني جي پرئينءَ ڪنڊ ۾، سيني کان پرپرتو بيٺي هئي. هميشہ وانگر اڇي ساڙهي ۾، وار ڪلهن کان هيٺ تائين کليل ۽ ڳچيءَ ۾ هيڊي رنگ وارن ٿلهن موتين جي مالها! دل چاهيو کيس چڱي طرح ڏسي ڇڏيان. جيءَ ۾ جڙي ڇڏيان. سوچيم، ڪجهہ دير کان پوءِ، جڏهن هوائي جهاز سري لنڪا جي ڌرتيءَ تان پرواز ڪندو تڏهن هوءَ ٻہ مراقبي ۾ ويٺل مها آتما گوتم ٻڌ وانگر مون کان پري ٿي ويندي ۽ زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن نظر نہ ايندي. اسين زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ڏسندا آهيون ۽ محسوس ڪندا آهيون، سو ڌرتيءَ جي حوالي سان ڏسندا ۽ محسوس ڪندا آهيون. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها، تہ پوءِ جيڪر پنهنجي تئين وجود کي مان ٽيڪسيلا ۾ ٻڌمت جي ويران کنڊرن، ۽ عبادتگاهن ۾ ضرور ڏسان ها. فقط

واڪ چيو هو: ”تون، منهنجي لاءِ دڪا (ڏک) جو سبب نہ آهين، رنجني!
تڏهن، ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ آواز آيو ”آنند!“
مون منهن ورائي ڏٺو منهنجي آڏو گيڙو ڪپڙن وارو ساڳيو ڀڪشو بيٺو هو. جنهن کي مون ويهہ ڏينهن اڳ پهرين دفعي ڪولمبو ايئرپورٽ جي ارائيول لائونج ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڏٺو هو.
ان کان اڳ جو چوان تہ مان آنند نہ آهيان، ڀڪشوءَ چيو ”فقط حسد، لالچ، دشمنيءَ، دولت ۽ دنيا سان دل لڳائڻ دڪا جو سبب نہ آهن.“
مون هڪدم ٻيهر منهن ورائي رنجنيءَ ڏانهن ڏٺو هوءَ اتي موجود نہ هئي، جتي گهڙي کن اڳ مون کيس ڏٺو هو.
”آنند!“ ڀڪشوءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون منهن ورائي کيس ڏٺو. هن چيو: ”هڪ لاحاصل محبت جي جستجو بہ دڪا جو سبب ٿي پوندي آهي، جنهن جي تلاش ۾ انسان هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين سفر ڪندو رهندو آهي ۽ نرواڻ ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ سگهندو آهي.“
”بريف ڪيس، پليزا!“ پٺيان سيڪيورٽي آفيسر جو آواز آيو. مون ڇرڪ ڀري سيڪيورٽي آفيسر ڏانهن ڏٺو. هو مرڪي رهيو هو. بريف ڪيس کيس ڏيئي ڇڏيم. هن بريف ڪيس اسڪينر ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مون کي برقي در مان لنگهڻ لاءِ چيو. بريف ڪيس جو عڪس، هر شيءَ سميت، اسڪينر اسڪرين تي نظر آيو. ان وچ ۾ مان برقي در مان نڪري، ٻئي پاسي وڃي بيٺس. سيڪيورٽي آفيسر بريف ڪيس کڻي مون کي ڏنو. ڊپارچر لائونج مان مون ٻاهر نهاريو. ڀڪشو مون کي نظر نہ آيو. ٻڏندڙ دل جي آخري خواهش تي مون وزيٽرس گيلري ڏانهن ڏٺو. وزيٽرس گيلري جي پوئين ڪنڊ ۾ رنجني بيٺي هئي. هوءَ گهڙي کن لاءِ اپسرائن وانگر مون ڏانهن ڏسندي رهي، ۽ پوءِ ٻئي هٿ جوڙي، عورتن ۽ مردن جي انبوهہ ۾ گم ٿي ويئي. تڏهن سُرٻاڻن ۾ مون ڀڪشوءَ جو آواز ٻڌو ”هڪ لاحاصل محبت جي جستجو دڪا جو سبب ٿي پوندي آهي. جنهن جي تلاش ۾ انسان هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين سفر ڪندو رهندو آهي، ۽ نرواڻ ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ سگهندو آهي.“
ڪجهہ دير کان پوءِ، پاڪستان ورندي، مون جهاز ۾ لکيو ”هڪ لاحاصل محبت جي جستجوءَ ۾ مان نرواڻ تان هٿ کڻان ٿو ۽ دڪا کي هميشہ لاءِ قبول ڪريان ٿو.“

چو هو مون کي سڃاتل سڃاتل محسوس ٿيو. هن پيهر چيو "آنند".

آنند! آنند. نالو مون کي ٻڌل ٻڌل محسوس ٿيو پر مان ته آنند نه آهيان. سوچيم: پڪ پليو آهي، پر ان کان اڳ جو چوانس ته منهنجو نالو آنند نه آهي، اميگريشن جي آفيسر مون کان پاسپورٽ ۽ سفر جا ٻيا ڪاغذ گهريا.

مون منهن ورائي اميگريشن آفيسر ڏانهن ڏٺو. هو مرڪي رهيو هو. مون بريف ڪيس مان پاسپورٽ ۽ گهربل ڪاغذ ڪڍي ڪائونٽر تي رکيا ۽ منهن ورائي پڪشوءَ ڏانهن ڏٺو. پڪشو موجود نه هو. مون هن لاءِ واجهائيندي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو. هو اک ڇنڀ ۾ اوجهل ٿي ويو هو.

اميگريشن ۽ ڪسٽم کان واندو ٿي، مان ارائيول لائونج کان ٻاهر آيس فاصلاتي تعليمي سرشتي جو هڪ آفيسر جياسندر مون کي وٺڻ آيو هو. هو منهنجو سڃاتل هو. سال کن اڳ هو اسلام آباد ۾ فاصلاتي تعليمي نظام جي باري ۾ سڏايل ڪانفرنس ۾ آيو هن مون سان ڳرانڊڙي پائي مليو. سرڪاري گاڏي ۾ آڻي ويهاريائين. چيائين: "تنهنجي رهڻ لاءِ ٻه بندوبست ڪيل آهن. گال روڊ تي هوٽل ريموڪا ۾ عارضي طرح هڪ ڪمرو بڪ ڪرايل آهي، ۽ ايگريرين هاسٽل ۾ ٻه هڪ ڪمرو تنهنجي نالي مخصوص ٿيل آهي، ڪٿي رهندين؟"

گال روڊ سري لنڪا جو سڀ کان مصروف رستو آهي. ڪراچي جي طارق روڊ يا ايلفي وانگر دڪانن، هوٽلن ۽ ريسٽورنٽن سان جهنجهايل رستو. مون جياسندر کان ايگريرين هاسٽل جي باري ۾ پڇيو.

چيائين: "ناريل جي گهاٽن وڻن ۾ وڪوڙيل سانتيڪي جاءِ آهي، بلرس روڊ جي پرسان آهي، جتان سموري شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ لاءِ بسون، ٽيڪسيون ۽ رڪشا ملي سگهندا آهن."

مون ٺهه پهه فيصلو ڪري ڇڏيو ته ايگريرين هاسٽل ۾ رهندس. پنهنجي فيصلي بابت ان وقت مون کي ڪو خاص سبب سمجهه ۾ نه آيو هو. هاسٽل متعلق جياسندر جو جملو مون کي وٺي ويو هو ته هاسٽل ناريل جي گهاٽن وڻن ۾ وڪوڙيل سانتيڪي جاءِ آهي، جياسندر پڇيو: "بور ته نه ٿيندين؟"

چيم، "نه" ۽ پوءِ وڌيڪ ڪجهه چوندي چوندي پاڻ کي روڪي ورتم. چوڻ پئي چاهيم، زندگي جڏهن گوڙ جي سمنڊ ۾ لڙهي ويندي آهي، تڏهن انسان ناريل جي گهاٽن وڻن ۾ وڪوڙيل ڪنهن سانتيڪي پناهه گاهه لاءِ

پڇيم، ”۽ مها آتما گوتم ٻڌ؟“

وراٽيائين، ”وڏيڪ پراڻو مجسمو نہ آهي. پنجاهہ سٺ کن سالن تائين ڪٿي سگھجي ٿو.“

بلرس روڊ ويڪرو صاف. ٻنهي طرفن کان ساوڪ وارو هو. ٻڙ ۽ پپر جي وڻن پٺيان قديم ۽ جديد عمارتن جو سلسلو هو. اقوام متحده. براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن، ٽيليويزن اسٽيشن. وزارت تعليم جو ڪريڪيولم ونگ لنگھي، جڏهن هڪ پنج ڪنڊي بيحد سهڻي عمارت وٽان لنگھياسين تہ مون ٻانهن وڌائي ڊرائيور جي ڪلهي تي هٿ رکيو. هن ڪار جي رفتار گھٽ ڪري ڇڏي. جياسندر ڪيس سنهالي ٻوليءَ ۾ ڪجھ چيو. هن پاسي کان ڪار بيهاري ڇڏي. منهنجيون نگاهون پنج ڪنڊي عمارت تي کُتل هيون. جياسندر چيو ”هي بندرا نائيڪي انٽرنيشنل هال آهي.“

ڪار مان ٻاهر نڪري هال ڏانهن ڏسڻ لاءِ مون موٽر جو در کولي ڇڏيو. بندرا نائيڪي هال رستي جي ساڄي طرف هو. اسين روڊ جي کاٻي پاسي کان بيٺا هئاسين. ڪنڌ جهڪائي ڪار مان ٻاهر نڪتس، فٽ پاٿ تي پير رکي ڪنڌ مٿي ڪيم تہ ذري گھٽ چرڪي ڪار سان وڃي لڳس. منهنجي آڏو گھٽ ۾ گھٽ ٽي چار فٽ ڊگھا پٿر جا قدم هئا. آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏسندو ويس. واڻڙو ٿي ويس. فٽ پاٿ سان لڳو لڳ بندرا نائيڪي هال جي بنھ سامهون، رستي جي ٻئي پاسي مها آتما گوتم ٻڌ جو اتڪل ٽيھ چاليھ فٽ قدآور بت بيٺو هو. ايڏو وڏو بت مون اڳ پنهنجي سموري ڄمار ۾ نہ ڏٺو هو.

”هيءُ اصلي مجسمي جو نقل آهي،“ جياسندر چيو ”اصلي مجسمو پالو نرودا ۾ آهي.“

”پالو نرودا!“

”ٻڌمت جي قديم آثارن مان هڪ هنڌ آهي.“

”ڪولمبو کان ڪيترو پري آهي؟“

”چاليھ کن ميل“

مان حيرت، تجسس ۽ اچرج وچان مها آتما گوتم ٻڌ جي قدآور مجسمي ڏانهن ڏسندو رهيس. بندرا نائيڪي انٽرنيشنل هال مون کان وسري ويو. سمجهان ٿو ڪيتريءَ دير تائين مها آتما گوتم ٻڌ جي بت ڏانهن ڏسندو رهيو هوس.

سري لنڪا ۾ اچڻ جي مقصد ۽ قيام جي عرصي متعلق ڪالمن ۾ اندراج ڪيو. چابين واري بورڊ تان هڪ چابي لاهي، مون کي ڏيندي مام چيو "تنهنجو ڪمرو ڏهون نمبر آهي."

"ڏهون نمبر!" چپن تي مرڪ تري آئي. چيم: "ڏهون نمبر اسان جي ملڪ ۾ پلسترن کي ڏنو ويندو آهي."

مام نهايت ڌيرج سان انگريزيءَ ۾ چيو: "عام طرح سان تيرهون نمبر بدنصيبيءَ جو نمبر سمجهيو ويندو آهي، پر ائين نہ آهي، نمبر مڙيوئي نمبر آهن. انسان پنهنجن اعمالن سبب پوڳيندو يا لاڀ حاصل ڪندو آهي."

چيم، "ان باري ۾ تفصيل سان ڳالهائبو."

سوٽ ڪيس ۽ بريف ڪيس کڻي جياسندر ۽ مان ڏهين نمبر ڪمري تي آياسين. ڏهون نمبر ڪمرو گرائونڊ فلور تي هو ۽ مام جي رسيپشن آفيس کان پري نہ هو. ڪمري کي اڳيان هڪ ننڍڙو باغيچو هو جنهن ۾ موسمي گلن کان سواءِ سڀ کان وڌيڪ نمايان هڪ قديم ٻڙ هو جنهن کي ڪپڻ بدران تعمير مهل عمارت جو حصو ڪيو ويو هو. ٻڙ جي ٿڙ سان لڳو لڳ سيمنٽ جي چبوتري تي پٿر مان تراشيل مها آتما گوتم ٻڌ جو سهڻو ۽ سڪون وارو مجسمو رکيو هئائون. چبوتري تي مها آتما جي قدمن ۾ گلن جون پنکڙيون ۽ لوبان جي رک پيئي هئي. ڪمري ۾ هڪ طرف تمام سادو پر سهڻو پلنگ پيو هو ۽ پلنگ جي پرسان لکڻ لاءِ ميز ۽ ڪرسي. ميز سان لڳو لڳ دري هئي. پردو هٽائي دري کولي ڏٺم، ٻاهران گهاٽو جهنگ هو ساوا ڇهڇ وڻ ۽ طرحين طرحين جا ٿوهر.

جياسندر پڇيو "ڪيئن ٿو پائين؟"

جهنگ ڏانهن ڏسندي چيم، "مون کي هڪ اهڙي ئي هنڌ جي تلاش هئي."

پڇيائين، "هوٽل رينوڪا وارو ڪمرو ڪينسل ڪرائي ڇڏيان يا رکان؟"

ڏانهنس ڏسڻ بنا چيم، "ڪينسل ڪرائي ڇڏ."

واچ ۾ وقت ڏسندي چيائين، "ڇهہ ٿي رهيا آهن. اڌ ڪلاڪ ۾ سج لهي ويندو. آرام ڪندين يا گال فيس تي سمنڊ جي ڪناري سان سير ڪرڻ هلندين؟"

چيم، "مان هاسٽل ۾ ئي ترسندس، في الحال ڪيڏانهن نہ ويندس."

هاستل ۾ هڪ ڪمرو بڪ ڪري ڇڏيائين.“

پڇيومانس، ”سنڌ جو نالو ٻڌي سوچ ۾ ڇو پئجي وئي؟“

وراڻيائين، ”شايد، موهن جي دڙي سبب.“ مون کي عجيب لڳو.

جياسندر اٿندي چيو ”تہ پوءِ مان وڃان ٿو ڊائننگ هال ۾ بہ تنهنجي ماني لاءِ پارٽ ڪري ٿو وڃان.“

پڇيم، ”ڇا جي پارٽ؟“

چيائين، ”تہ ماني توکي پليٽن ۾ ڏين.“

پڇيم، ”ورنہ ڇا ۾ ڏيندا آهن؟“

وراڻيائين، ”ڪيلي جي پن ۾ چانورن تي دال وجهي، مٿان پاڃي ۽ آچار رکي ڏيندا آهن.“

چيم، ”مان ڪيلي جي پن ۾ دال ۽ چانور کائيندس، ڊائننگ هال ۾ ڪنهن بہ قسم جي پارٽ نہ ڪجانءِ.“

ڪليو چيائين، ”مٿان موٽي وڃي اسان جي گلا ڪرين!“

مان نہ ڪليس، لهندڙ سج ۾ گهاٽي جهنگ ڏانهن ڏسندي چيم، ”جياسندر، مون کي سري لنڪا ۾ ويهہ پنجويهہ ڏينهن رهڻو آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو جو مان هتي هميشہ لاءِ رهي پوان.....“

جياسندر منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو پوءِ وڪ کن پري ٿي بيٺو. ٻئي هٿ جوڙي موڪلائيندي چيائين، ”صبح جو ساڍي اٺين لڳي، ورڪشاپ لاءِ توکي گاڏي کڻڻ ايندي.“

پوءِ هن مون کي پنهنجي گهر جو ۽ ڊائريڪٽر جياسيڪرا جي گهر جو ٽيليفون نمبر ڏنو ۽ هڪ دفعو ٻيهر هٿ جوڙي ڪمري مان نڪري ويو. سوٽ ڪيس کولي مان ڪپڙا الماڙيءَ ۾ رکي ڇڏيا. بريف ڪيس مان ورڪشاپ جا ڪاغذ ۽ ٻيا ڪتاب ڪڍي ميز تي جائيتا ڪيم.....پردو هٽائي دريءَ کان ٻاهر ڏٺم. سج ٻڏي ويو هو. آسمان مان اوندهہ لهي آئي هئي. مون چانهہ لاءِ ٻاڙ محسوس ڪئي. اول سوچيم تہ ڪمري ۾ ئي چانهہ گهرايان، پر پوءِ ڪمري مان نڪري ڊائننگ هال ۾ چانهہ پيئڻ لاءِ هليو ويس. ڊائننگ هال هاسٽل جي پرئين پاسي هو ۽ ريسٽورنٽ وانگر بہ استعمال ٿي رهيو هو. هاسٽل ۾ رهندڙ ڪجهہ مهمان اڳواٽ ڊائننگ هال ۾ موجود هئا ۽ چانهہ پي رهيا هئا. منجهائن ڪجهہ برمي هئا ۽ ڪجهہ جاپاني هئا. پوءِ خبر پئي تہ هو سيئي ٻڌمت جا پيروڪار هئا ۽ مها آتما

انوراڌا پورا ۾ مقدس بڙ جي چانو ۾ ويهي تو پاڻ اهو گيت آلاپيو آهي!

خالي مگ ميز تي رکي مان ڊائننگ هال مان نڪري ويس.

وراندين ۾ ڪاريڊارن جون بتيون ٻري پيون هيون. وراندي جي ڳاڙهين روغني سرن تي ڪاٺ جي شهتيرين ۾ ٿنڀن جا عڪس پراسرار لڳي رهيا هئا. ڪاريڊار ۾ لڳل بتيون، ٻنهي پاسن کان هڪ ٻئي جي سامهون نه هيون. وڇوٽي ڇڏي لڳايل هيون. ڪاريڊار مان لنگهندي، ٻن ڇئن ٻرانگهن کان پوءِ، منهنجو پاڇو کاٻي کان ساڄي ۽ وري ساڄي کان کاٻي پاسي تي پئي ويو. پوءِ مان ڪاريڊار ۾ اهڙي هنڌ بيهي رهيس، جتي منهنجو پاڇو نه ساڄي پاسي هو ۽ نه کاٻي پاسي هو. منهنجو پاڇو منهنجو ساٿ ڇڏي ويو هو. حسرت منهنجو مقدر ٿي پئي. ■

بابا پڇيو ”ساهہ چونہ ٿو کڻي سگهين.“

”مان سمجهان ٿو منهنجي نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ اٽڪي پيئي آهي.“

”پلي جو ڪنڊو لڳو هوندس،“ منهنجيءَ نانيءَ ڪنڊو وات مڇڪائيندي چيو. هوءَ هڪ سئو سترهن سالن جي آهي.

امان چيو ”پلو ڪاڏي پنڌرهن ڏينهن ٿي ويا اٿس.“

”تہ پوءِ نڙيءَ ۾ صوفي ٻير اٽڪيو اٿس،“ نانيءَ ڪنڌ لوڏيندي ڳالهايو. نانيءَ جو ڪنڌ هميشہ ناڪار ۾ لڏندو رهندو آهي.

”هن موسم ۾ صوفي ٻير ڪٿان آيا!“ امان چيو.

”تہ پوءِ نڙيءَ ۾ ناريل اٽڪيو اٿس.“

بابا کي نانيءَ جي ڳالهہ تي سخت ڪاوڙ آئي. چيائين، ”ناريل نہ نڙيءَ ۾ ڇانهي، يعني هنداٿو ڦاٿو اٿس. هونهہ!“

نانيءَ چيو ”ٿي سگهي ٿو.“

بابا منهنجو وات کولي نڙيءَ جي تلاشي ورتي. چڱي طرح ڏسڻ کان پوءِ چيائين، ”تنهنجي نڙيءَ ۾ مون کي تہ ڪابہ شيءِ اٽڪيل نظر نہ ٿي اچي.“

مون بوسٽ محسوس ڪندي چيو ”منهنجو ساهہ ٿو منجهي، بابا. منهنجيءَ نڙيءَ ۾ ضرور ڪا شيءِ اٽڪي پيئي آهي.“

”هان، هاڻي خبر پيئي!“ منهنجي ننڍڙي ياءُ جانوءَ چيو ”ڪالهہ کان منهنجي ريل گاڏيءَ جي انجڻ غائب آهي. ڳڍُ منهنجي انجڻ.“

بابا جانوءَ کي آنڪ ڏني. هو هليو ويو.

اِن وچ ۾ منهنجيءَ نڙيءَ جو لنگهہ سوڙهو ٿيندو ويو. ساهہ جو سلسلو تڪليف ڏيڻ لڳو. مون ڳچيءَ تي هٿ رکندي چيو ”منهنجو ساهہ ٿو منجهي، بابا.“

امان بيچين ٿي پيئي. پڇيائين، ”اوطاق واري ٻڙَ وٽ ٽُڪ تہ نہ اُڇلي اٿئي.“

تڪليف وچان وراڻيم، ”مون کي ياد ناهي.“

”ياد ڪر.“

”مون کي ڪجهہ ياد نہ ٿو اچي.“

”اوطاق وارو ٻڙ ڀُورو آهي،“ امان چيو ”مان سمجهان ٿي، تو اُتي ضرور ٽڪ اڇلائي آهي. مان هاجران مستانيءَ کي گهرائي ٿي وٺان. تنهنجيءَ نڙيءَ تي غيبات جو اثر آهي.“

اٿڪي پيئي آهي.“

پڇيائين، ”سگريٽ ڇڪيندو آهين؟“

وراڻيم، ”واڻ جي ڪٽ ڇڪڻ کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه ڇڪيندو آهيان.“

”اڪين آڏو ترورا ڏسندو آهين.“

”نه ڪجهه ڏينهن کان فقط ڏينهن جا تارا ڏسندو آهيان.

”ڪڏهن ڦيري آئي اٿئي.“

”سمجهه ته ڦيرين ۾ آهيان.“

ڊاڪٽر چيو ”اڳاڻو به تو بلڪل ساڳيا جواب ڏنا هئا.“

وراڻيم، ”اڳاڻو تو به بلڪل ساڳيا سوال پڇيا هئا.“

ڊاڪٽر صاحب اسٽيٿسڪوپ ڪڍندي چيو ”ساموهن ليٽي پئه.“

ساموهن پٽ وٽ ٽيبل جهڙين ٽنگن مان هڪ مستطيل تختي تي ڪير جهڙي اڇي چادر وڇايل هئي. اڇي اُجري چادر ڏسي مون کي مٽي پليد ٽيل ايفروايشين امن ياد آيو.

ڊاڪٽر چيو ”ڪهڙن پورن ۾ پئجي ويو آهين. جلد ڪر. ٻاهر مريضن جي لائين لڳي پيئي آهي.“

مان اڇي چادر تي بالم ٻڌجي ويهي رهيس. ڊاڪٽر چيو ”بوٽ لاهي ليٽي پئه.“

بابا پريان رڙ ڪئي، ”متان بوٽ لاٿو اٿئي.“ پوءِ ڊاڪٽر کي چيائين، ”منهنجي پٽ جي پيرن ۾ برباد ڪندڙ بدبوءِ هوندي آهي. بيڊ سميل (خراب بوءِ). رڳو ائي بوٽ لاهيندو ته تون رڙيون ڪري اسپتال مان ڀڄي ويندين.“

ڊاڪٽر ڪاوڙ مان ڪنڌ کي لوڏو ڏنو. پوءِ چيائين، ”چڱو بوٽ سميت ليٽي پئه.“

مان ليٽي پيس. بابا منهنجي پرسان اچي بيٺو. ڊاڪٽر کان پڇيائين، ”ننڍ تو ڪرائينس چا. ويل، گُڊي گُڊي (ڏاڍو چڱو).“

ڊاڪٽر ڪنن مان اسٽيٿسڪوپ ڪڍي، بابا ڏانهن نهاريندي چيو ”پوڙها، تون مهرباني ڪري وڃي ٻاهر ويهه. منهنجو وقت خراب نه ڪر.“

”ويل!“ بابا حيرت مان ڊاڪٽر ڏانهن ڏسندو ٻاهر هليو ويو. ڪمري ۾ ڊاڪٽر ۽ مان رهجي وياسين. ڊاڪٽر چيو ”قميص مٿي ڪر.“

مون قميص مٿي ڪري، پيٽ ۽ سينو ڊاڪٽر جي حوالي ڪري

رڪندي چيو ”ڪنگهه.“

”ڪنهن تي؟“

”ڪنگهه. ڪنگهڻ به نٿو چاهين!“

مون ڪنگهيو.

”اڙي بابا منهنجي منهن ۾ ڇو ٿو ڪنگهين.“ ڊاڪٽر ناراض ٿيندي چيو ”هٽي پاسي منهن ڪري ڪنگهه.“

مون ٻيهر ڪنگهيو پر ڏانهن منهن ڪري.

”اڙي ڪنگهين ٿو يا ٺٺولي ٿو ڪرين!“

”بي وقتو ڪنگهڻ بس ائين ئي هوندو آهي.“

”زور سان ڪنگهه. هيئن – ڪئون ڪئون، ڪئون ڪئون.“ ڊاڪٽر ڪنگهي ڏيکاريو.

مون ڊاڪٽر جي اهل ڪندي زور سان ڪنگهڻ شروع ڪيو. ڪنگهڻ جي دوران ڊاڪٽر مون کي ٿپاسيندو رهيو. ان وچ ۾ مون محسوس ڪيو ته منهنجي نڙيءَ ۾ ڦاٿل نامعلوم شيءِ نڙيءَ ۾ وڌيڪ پختي ٿيندي ويئي. ساهه منجهڻ لڳو.

ڊاڪٽر چيو ”ڪنگهڻ بند ڪر.“

مون ڪنگهڻ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنگهه زندگيءَ ۾ غمن وانگر اچڻ شروع ڪيو ته بس ايندي رهي.

”اڙي ڪنگهڻ بند ڪر.“

”ڪئون ڪئون، ڪئون ڪئون.“

”اڙي چيومانءِ ته ڪنگهڻ بند ڪر.“

”ڪئون ڪئون، ستل سور ۽ پُراڻي ڪنگهه کي نه جاڳائبو آهي، ڊاڪٽر صاحب.“

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي خاني مان هڪ گوري ۽ ٽيبل تان پاڻيءَ جو گلاس کڻي آيو. ان وچ ۾ مان زور شور سان ڪنگهندو رهيس. مون کي گوري ۽ پاڻيءَ جو گلاس ڏيندي چيائين، ”ڦڪ.“

”وات (ڇا ڦڪ!“ بابا منهنجي ڪنگهڻ جو آواز ٻڌي اندر هليو آيو.

چيائين، ”فرگيٽ ناٽ (وسار نه) منهنجي پٽ کي نڙيءَ ۾ ارٽميٽڪ، يعني حساب آهي. ساهه ته چڱي طرح کڻي ٿو گوري ناٽ پاسيبل ڪائيندو (گوري کائي نه سگهندو.)“

ڊاڪٽر ڪان پڇيم، ”ڊاڪٽر هڪڙي ڳالهه تہ ٻڌاءِ، مصيبت منهنجيءَ نڙيءَ ۾ آهي. منهنجو تو ساهہ منجهي، ۽ تون پيٽ جي تلاشي پيو وٺين. ائين ڇو؟“

هڪ چمڪندڙ چمٽو کڻندي چيائين، ”وات کول.“

مون وات نہ کوليو.

”وات کول.“

مون وات نہ کوليو.

”اڙي پوڪ، چوانءِ ٿو وات کول.“

چيم، ”جيڪڏهن تون ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهين، تہ ان جهرڪي چاپ چمٽي سان منهنجي نڙيءَ مان قاتل شيءِ ڇڪي ڪڍي وٺندين، تہ پوءِ پليل آهين.“

”اڙي، تون ماٺ ڪري وات کول،“ ڊاڪٽر ڪاوڙمان چيو.

پڇيو مانس، ”ڪٿي منهنجي زبان پٽڻ جا سانباها تہ نہ پيو ڪرين.“

”مريض تہ ناهين، اصل مٿي جو سور آهين،“ ڊاڪٽر بيزار ٿيندي چيو، ”وات کول خدا جي واسطي.“

عرض ڪيو مانس، ”اها زبان ئي تہ آهي، جنهن سان اندر جو حال اوري سگهان ٿو.“

ڊاڪٽر چيو ”چڱو پلا چئہ — الله.“

مون چيو ”الله.“

الله چوڻ سان وات کُليو تہ ڊاڪٽر بہ هڪدم چمڪندڙ چمٽو منهنجي وات ۾ وجهي ڇڏيو. چمٽي سان زبان کي زور ڏيئي، نڙ گهٽ ويڪرو ڪري، منهنجي وات ۾ جهاتي پاتائين. ٻئي هٿ سان ٽارچ ٻاري منهنجو اونداهو وات روشن ڪيائين. ڪجهہ دير تائين نڙي، نڙيءَ جو لنگهہ ۽ نڙ گهٽ جاچڻ کان پوءِ چَمٽو منهنجي وات مان ڪڍي، ٽارچ وسائي ڇڏيائين.

بابا پٻن تي هلندو ڪمري ۾ لنگهي آيو. ڊاڪٽر کان پڇيائين، ”منهنجي سن (پٽ) جي وڍ — ڪٽ يعني آپريشن تہ نہ پيو ڪرين.“

ڊاڪٽر وراڻيو ”تنهنجي پٽ کي ڪابہ ظاهري بيماري نہ آهي.“ پنهنجا اوزار رکندي چيائين، ”تنهنجي پٽ کي وهم آهي.“

”وات وهم!“

”وهم.“

سان مرڻ چاهيان ٿو.“

”ڊيٿ! نو نو ماءِ سن (موت! نہ منهنجا پٽ)“ بابا مون کي پيار ڀريل نگاهن سان ڏسندي چيو ”ڊونٽ اولڊ فادر ساري (پنهنجي ڪراڙي پيءُ کي اهو چئي ڏک نہ ڏي).“

بابا ويچار ۾ پئجي ويو. نرڙ تي گهنج چِٽا ٿي بيٺس. مون سمجهيو هو مسٽر بينجامن سان گذاريل وقت ياد ڪري رهيو هو پر ائين نہ هو. بابا چيو“ مون کي هڪ گريٽ آئيڊيا (ڏاڍو سٺو خيال) آيو آهي.“

”منهنجي ڪفن دفن جو؟“

”يو سلي (تون پوڪ آهين).“

”مان مري وڃان تہ منهنجو لاش سنڌوءَ ۾ لوڙهائي ڇڏجانءِ بابا.“

”نو ٽاڪ ڊيٿ (موت جي باري ۾ نہ ڳالهاءِ)“

منهنجين ٽنگن مان ست نڪرندو ويو. ساهہ ساٽو ٿيندو ويو. پانيم ڦهڪو ڳري ڪري پوندس. ڪهاڻي ختم ٿي ويندي. نِڙيءَ ۾ ڦاٿل شيءِ جي باري ۾ ڪابہ خبر نہ پوندي.

تڏهن بابا جو آواز ڪن پيم. چيائين، ”مون ڊسائيڊ (فيصلو) ڪيو آهي، تہ توکي اوڏ ويج کي ڏيکاريندس.“

”اوڏ ويج ڪهڙو؟ جيڪو ڄِڻَ ڪيندو آهي؟“

”رانگ رانگ (غلط). جڻ بهرام خان پوپو ڪيندو آهي.“

”اوڏ ويج ڪير آهي؟“

”پليٽو جو فادر آهي (افلاطون جو پيءُ آهي).“ بابا چيو ”هڪ نظر ۾ مرض سڃاڻي وٺندو آهي.“

”تہ پوءِ مُنڊ ۾ ئي اوڏ ويج ڏانهن وٺي هلين ها.“

”اولڊ مين فرگيٽ (مون ڪُراڙي کان وسري ويو). ڊير نيور مائينڊ (پرواهہ نہ ڪر). هَلُ.“

تڪليف کان منهنجيون اکيون بند ٿي ويون. هرڪو آواز اوپرو ٿي ويو. مون کي سُڌ نہ پيئي تہ بابا ڪهڙي سواريءَ ۾ چاڙهي مون کي اوڏ ويج وٽ وٺي آيو.

”بالڪا اکيون کول.“ آواز تي اکيون کوليم. اوڏ ويج منهجي سامهون ڏرتيءَ تي پلٿي ماري ويٺو هو. بدن پيوت هوس. مون کي ائين لڳو ڄڻ هو هڏ چم جو ٺهيل نہ هو بلڪ سنڌ جي چيڪي مٽيءَ جو مجسمو هو – قديم

# ڪاري ڪٿي آهي

ٻارن کي الاءِ ڪيئن پٽڪ پئجي ويئي ته پاڙي جي ڪنهن گهر ۾ هڪ ڪاري آٽي رهائي هئائون جنهن کي اُسر ويل ڪهي، ڳيا ڳيا ڪري واهه ۾ اڇلائي ڇڏيندا. ٻارن لاءِ اها خبر حيرت انگيز هئي. ٻارن کي اها ڳالهه اصل سمجهه ۾ نه پئي آئي ته ڪاريءَ کي اُسر ويل ڇو ڪهي ڇڏيندا؟ رنگ جو ڪارو هئڻ ڇا ڏوهه آهي؟ هڪ ٻار ڏاڍو فڪرمند ٿي پيو. ڪڏهن مٿو پٽي ڪنهيائين، ڪڏهن نڪ مان گينگا پي ڪڍيائين. هن ٻين ٻارن کي چيو "يار، منهنجي ننڍي ڀيڻ متيري به ڏاڍي ڪاري آهي. هن کي به ته نه ڪهي ڇڏيندا؟"

"ڊولڻ، تنهنجي ڀيڻ ڪيتري ڪاري آهي؟" هڪ ننڍڙي نينگر پڇيو.

ڊولڻ وراڻيو "سج لهڻ کان پوءِ ڪنهن کي نظر نه ايندي آهي."

"ابول." نينگر واڻڙو ٿي ويو. پڇيائين، "تنهنجي ڀيڻ ٿنڊڻ ته ناهي؟"

"نه نه، ٿنڊڻ ناهي." ڊولڻ وراڻيو "ٿنڊڻ کان ڪجهه گهٽ ڪاري آهي."

اوچتو ٻارن هڪدم هڪ مهل پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪنهن ڇا پئي ڳالهايو. هڪ ٻار ڪجهه برجستو هو. هن جو نالو متر ڪو هو. هن سيني کي ماٺ ڪرائيندي چيو "معاملو گڙٻڙ آهي. اسان کي پنهنجي پنهنجي گهر ۾ ڪارين جو فڪر ڪرڻ گهرجي."

ٻار فڪر ۾ پئجي ويا. طمنچي چيو "منهنجي ماءُ ڏاڍي ڪاري آهي."

"منهنجي ماءُ تنهنجي ماءُ کان وڌيڪ ڪاري آهي." متر ڪي چيو "منهنجي ماءُ شيديائي آهي."

وڏي بحث مباحثي ۽ سوچ ويچار کان پوءِ فيصلو ٿيو ته سڀ کان اڳ ٻار پنهنجي پنهنجي گهر ويندا. گهر ۾ جيڪا به ڪاري عورت هوندي ان کي خطري کان آگاهه ڪندا. ان کان هڪدم پوءِ پاڙي جي ڪنهن گهر ۾ قيد ڪاريءَ کي بچائڻ جي ڪا ترڪيب سوچيندا.

"بيشرم، ماءُ کي ڪاري ٿو چوين!"

"مون کي مارين ڇو ٿي؟" طمنچي سنگهه اُگهندي چيو "تون هن مينهن کان گهٽ ڪاري ناهين."

ماءُ لٺ ہر هٽ وڌو. طمنچو ونئي ڀڳو.

لڳ ڀڳ ساڳئي وقت متر ڪو بہ پنهنجي گهر پهتو. سندس ماءُ ڪيچ مڪران جي شيدياڻي هئي. متر ڪي ماءُ کي چيو "امان تون هڪدم ڪيچ مڪران هلي وڃ."

ماءُ پڇيو. "ڇو ڙي؟"

متر ڪي چيو "ڪارين کي ڪهڻ وارا پهچي ويا آهن."

ماءُ لاپرواهيءَ سان چيو "ٻلي ڪهن."

متر ڪي چيو "توکي بہ ڪهي ڇڏيندا."

ماءُ مڪراني لهجي ۾ چيو "مون کي ڙي ڇو ڪهندا؟"

متر ڪي چيو "تون ٻنهه ڪاري آهين، ان ڪري"

"اڙي آئون ڪارو آهيان!"

متر ڪي جي مڪراني ماءُ مذڪر کي مونث، ۽ مونث کي مذڪر ڪري ڳالهائيندي هئي. اصل چري ٿي پيئي. "اڙي آئون ڪارو آهيان! آئون ڪارو آهيان!"

متر ڪو ڊوڙ پائي آئينو کڻي آيو. ماءُ کي ڏيکاريندي چيائين. "تُون ڪاري آهين، منهنجي ماءُ. ڏس. هن آئيني ۾ ڏس. تون ڪاري آهين."

ماءُ متر ڪي کي ڇڪي پنهنجي سامهون ٻيهاريو ۽ پوءِ ڪيس نڪ تي ٺڪر وهائي ڪڍيائين. متر ڪو رت جون نينديون وهائيندو هليو ويو.

ڪجهه دير کان پوءِ سمورا ٻار گهران مار موچڙو کائي موٽي آيا ۽ پاڻ ۾ حالي احوالي ٿيا. ڪو اهڙو ٻار نظر نہ آيو جنهن جي چڱيءَ چوکي مرمت نہ ٿي هجي. ڪنهن جي مٿي تي ڊول، ڪنهن جي نرڙ تي گومڙو ڪنهن جو چپ ڦاٽل، ڪنهن جو ڪن مروڙيل! هر هيو ٻار منڊڪائي پي هليو. گهر ۾ سيني کي ناهوڪي مار ملي هئي. پاڻ ۾ گڏجي ويٺا. ٻارن کي ماجرا سمجهه ۾ نہ آئي. ڊولڻ جي پيڻ متيري صفا ٺنبڻ جهڙي ڪاري هئي. پر ماٽس ڪيس ڪاري مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي! متر ڪي جي ماءُ شيدياڻي هئي. ڏامر جهڙي ڪاري هئي، پر پاڻ کي ڪاري مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. طمنچي جي ماءُ مينهن جهڙي ڪاري هئي، پر ڪاري چوڻ تي طمنچي کي

”ها، جيئند پتاشي جو گهر رهجي ويو آهي.“

حيرت وچان سيني پڇيو ”ڇو؟“

طمنچي چيو ”سندس گهر ٻاهران ٻہ ٽي جيپون بيٺل هيون.“

طمنچي جي ساٿي بوڙيندي چيو ”۽ جيپن ۾ گهاٽگهٽ مڇن وارا هٿيار کنيون ويٺا هئا.“

ٻارن کي تعجب لڳو. معاملي جي تہ تائين پهچڻ لاءِ ميڙ ڪري نڪري پيا. مترڪي سندن اڳواٽي پي ڪئي. جيئند پتاشي جي گهر ٻاهران برابر ڪجهہ جيپون بيٺل هيون. ڪجهہ هٿياربند جيپن ۾ ويٺا هئا ۽ ڪجهہ جيپن مان لهي بيٺا هئا. سگريٽن جا ڪش پئي هنيائون. مترڪي سوچ ويچار کان پوءِ طمنچي ۽ بوڙيندي کي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مهم تي روانو ڪيو. پاڻ ٻين ٻارن سميت هندن جي ڊٺل ڌرم شالا ۾ لڪي ويهي رهيو.

ڪجهہ دير کان پوءِ طمنچو ۽ بوڙيندو موٽي آيا. خبر چار لهي آيا. طمنچي چيو ”جيئند پتاشي جي اوطاق تي پتاشن جو سردار آيل آهي.“

مترڪي پڇيو ”۽ ڪاري؟“

طمنچي چيو ”ڪاري جيئند پتاشي جي ڏيءَ آهي.“

بوڙيندي چيو ”ڪاريءَ کي يا تہ ڪهي ڇڏيندا، يا پتاشن جو سردار ڪاريءَ کي سام ڪري پاڻ سان وٺي ويندو.“

سام اکر ٻارن لاءِ نئون هو. لفظ ٻڌي وائڙا ٿي ويا. سام جي ڪا معنيٰ کين سمجهہ ۾ نہ پئي آئي. معنيٰ تہ پري جي ڳالهہ آهي، ٻارن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ سام سنڌي لفظ آهي، انگريزي Sam آهي. اردو لفظ آهي، پارسي لفظ آهي، يا هندي لفظ آهي؟

بوڙيندي سٺي صلاح ڏيندي چيو ”هلو تہ هلي سائين مراد علي مينڊري کان ٿا پڇئون.“

مراد علي مينڊرو رٽائرڊ پرائمري ماستر آهي. ايتري پينشن ملي ويندي اٿس جو ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪ ويلو ماني کائي سگهندو آهي ۽ خدا جو ۽ حڪومت اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو شڪر ادا ڪندو آهي.

مراد علي مينڊرو ٻارن سان ملي خوش ٿيو. سام جي معنيٰ سمجهائڻ کان اڳ هن ٻارن کي چيو. ”مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ سنڌ ۾ اڃا اهڙا ٻار جمن ٿا جن کي علم جو اونو آهي.“ ان کان پوءِ ماستر مراد علي

نشين ڪري ڇڏيو ۽ مسيت جي موناري تان هيٺ لهي آيا.

جيئند پتاشي جي گهر پٺيان سوڙهي گهٽي هئي. ٻارن کي اندازو لڳائڻ ۾ دير نه لڳي ته ڪاري جنهن ڪوٺيءَ ۾ قيد هئي. تنهن ڪوٺيءَ جي پوئين پٽ سوڙهي. غليظ ۽ بدبودار گهٽيءَ ۾ هئي. ٽيئي ٻار گهٽيءَ ۾ پهچي ويا. گهٽيءَ سان انيڪ گهرن جون پٺيون ٻيڻل هيون. ٿورڙي سوچ ويچار کان پوءِ ٽيئي ڄڻا ڪاريءَ واريءَ ڪوٺيءَ جي پٽ ٻاهران وڃي بيٺا. اهو ڏسي سندن واڇون ٽڙي پيون ته پٽ ۾ مٿي هڪ روشندان هو ۽ روشندان پرسان بجليءَ جو پراڻو پول بيٺل هو.

گهٽيءَ مان ڪنهن جي لنگهڻ جو امڪان ان ڪري گهٽ هو جو گهٽيءَ ۾ گوڏي جيڏو گندو پاڻي بيٺل هو. ٻار جيئن ته وڏي مهم تي نڪتل هئا تنهن ڪري کين نه هئي ڪنهن پاڻيءَ جي پرواهه نه ئي غلاظت جي، طمنچي ۽ بوڙيندي جي ڪلهن تي پير رکي مترڪو بجليءَ جي پراڻي پول تي چڙهي ويو. جڏهن چوٽ چڙهيو تڏهن ڳاٽ اڳتي ڪري روشندان مان ڪوٺيءَ ۾ جهاتي پاتائين. هو ڪافي دير تائين اندر ڏسندو رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي هيٺ لهي آيو. مايوس پئي لڳو. چيائين، ”ڪوٺيءَ ۾ ڪاري ته ڪونهي.“

”ائين وري ڪيئن!“ طمنچو ٻولي وانگر بجليءَ جي پول تي چڙهي ويو. روشندان کي ويجهو ٿي اندر جهاتي پاتائين. ڪافي دير تائين اندر ڏسڻ کان پوءِ هن ڪنڌ هيٺ ڪري مترڪي ۽ بوڙيندي ڏانهن ڏنو ۽ وري جهاتي پائي روشندان مان اندر ڪوٺيءَ ۾ ڏسڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ واٽڙو ٿي هيٺ لهي آيو. چيائين، ”برابر، ڪوٺيءَ ۾ ڪاري ڪونهي.“

بوڙيندي کي مترڪي ۽ طمنچي جي ڳالهه تي اعتبار نه آيو. هو طمنچي ۽ مترڪي جي ڪلهن تي پير رکي بجليءَ جي پول تي چڙهي ويو. روشندان وٽ پهچي جهاتي پائي اندر ڪوٺيءَ ۾ ڏٺائين. وري چرڪ پري ٻنهي سنگتين ڏانهن ڏٺائين، پيهر روشندان مان ڪوٺيءَ ۾ ڏٺائين. ڪجهه دير کان پوءِ انڪار ۾ مٿو لوڏيندي هيٺ لهي آيو. چيائين، ”يار، ڪوٺيءَ ۾ ڪاري ته ڪونهي.“

طمنچو مترڪو ۽ بوڙيندو ڏرم شالا ۾ انتظار ڪندڙ پنهنجن ساٿين ڏانهن موٽي ويا. انهن سان حالي احوالي ٿيا. ڏولڻ پڇيو ”ته پوءِ ڪوٺيءَ ۾ ڇا هو؟“

ماستر حيرت وچان اڇي رنگ واري ڪپڙي جو ٽڪر هٿ ۾ ڪٽي جاچي ڏٺو. چيائين. "سئو فيصد اڇو رنگ آهي - بنا ڪنهن شڪ شبهه جي."

ماستر مراد علي مينڊري کي حيران پريشان ڇڏي ٻاهر نڪري آيا. پنهنجي فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ جيئند پٽاشي جي گهر جو رخ ڪيائون. اڱواٽي مترڪي، بوڙيندي ۽ طمنچي کي ڏيئي ڇڏي هٿائون. واٽ تي ڪنهن به ڪنهن سان ڪونه ڳالهايو. ماٺ ڪري هلندا رهيا. جيستائين جيئند پٽاشي جي گهر ٻاهران پهتا تيستائين پٽاشن جي سردار پنهنجي فيصلي کان سيني کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو. سندس فيصلو راڄن قبول ڪيو هو.

مايوس ٿيڻ جي باوجود مترڪو بوڙيندو ۽ طمنچو اوطاق ۾ ڪاهي پيا. ٻيا ٻار اوطاق جي در ٻاهران بيهي رهيا. ايتري ۾ سموري جڳ جهان جي ٻارن کي به سموري مامري جي پٽڪ پئجي ويئي. ويا اوطاق جي در ٻاهران گڏ ٿيندا! طرحين طرحين جا ٻار هئا، ڪي سنهڙا، ڪي ٿلهڙا، ڪي بندرا، ڪي ڏکهڙا، ڪي ڪارا، ڪي سانورا، ڪي اڇڙا، جڻ سانوڻيءَ جو درياهه هو ويو تي چڙهندو.

ٻارن کي ڏسي اوطاق ۾ چوٻول ٿيو. ٽيئي ٻار پٽاشن جي سردار سامهون وڃي بيٺا. مترڪي پنهنجو ۽ پنهنجن ٻن ساٿين جو تعارف ڪرائيندي چيو. "منهنجو نالو سائينءَ ڏنو نپر آهي. ماڻهو مون کي مترڪو سڏيندا آهن. هيءُ آهي طمنچو پر اصلي نالو اٽس پيرڏنو وادو ۽ هيءُ آهي خدا ڏنو ڪرڪلو سڏيندا آهيونس بوڙيندو."

پٽاشن جو سردار ڪجهه تعجب وچان ٻارن ڏانهن ڏسندو رهيو. راڄن مان ڪي ماڻهو الر ڪري اُٿيا، پر پٽاشن جي سردار هٿ جي اشاري سان کين ويهاري ڇڏيو.

مترڪي وڌيڪ تعارف ڪرائيندي چيو "اسين ٽيئي گورنمينٽ پرائمري اسڪول چگڙو ديهه ديگڙو تحصيل جاتي، تعلقو ڪيي نهين آتيءَ جا شاگرد آهيون."

سردار ڏاڍي شفقت سان پڇيو "ابا، ڪو ڪم آٿوَ؟"

مترڪي چيو "سائين، اوهان کي غلط ٻڌايو اٿائون. هوءَ جنهنکي اوهان ڪهاڻ جو فيصلو ڪيو آهي، سا اصل ۾ ڪاري ناهي."

# ڪينسر

اجا مان اخبار جي آفيس ٻاهران مس پهتو هوس جو سامهون دعا ڪي دفتر مان ٻاهر ايندي ڏٺم. منهنجي ڪليگ آهي. اسين ٻئي فيچر رائيٽر آهيون. شهر ۾ ڪو فنڪشن هجي، ڊرامہ فيسٽيول هجي، تعليمي ڪانفرنس هجي، وڏن اسٽورن تي اڌ قيمت ۾ مال وڪرو ڪرڻ لاءِ سيل لڳل هجي، نئين فاسٽ فڊ ريسٽورنٽ کلي هجي، اسين ٻئي، دعا ۽ مان، ڪڏهن گڏ ۽ ڪڏهن جدا جدا موقعي تي پهچي فيچر تيار ڪندا آهيون. مان ڪجهہ ڪجهہ موڳو ڪجهہ ڪجهہ مٺر آهيان. تنهن ڪري سڄي مهيني ۾ مشڪل سان هڪ فيچر لکي سگهندو آهيان، سو بہ منهنجي ايڊيٽر کي پسند نہ ايندو آهي. انيڪ ويڪون ڪڍي وٺندو آهي. دعا هر هفتي ڏري گهٽ هڪ فيچر لکي وٺندي آهي. سندس لکيل فيچر هر آچر تي اخبار جي سنڌي ايڊيشن ۾ شايع ٿيندو آهي، ۽ ڏاڍي شوق سان پڙهيو ويندو آهي.

مون کي ڏسي پريان کان هٿ لوڏيائين، ۽ پوءِ پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيائين. موٽر سائيڪل پارڪ ڪري مان دعا ڏانهن هليو ويس. دعا ڪجهہ ڪجهہ ڪارڙي ۽ ڪجهہ ڪجهہ تلهڙي آهي. هلندي هلندي پير وچڙي پوندو اٿس ۽ هڪدم هڪ عدد ٿاٻو کائي وٺندي آهي. ٿاٻو کائڻ کان پوءِ اتر بدران ڏکڻ هلي ويندي آهي. ڪاري در بدران مٽي در هلي ويندي آهي. صدر بدران سولجر بازار کان وڃي نڪرندي آهي. مٿان سمجهو تہ پنڌ تي زور هوندو اٿس! دعا وٽ قديم دور جي ووڪس ويگن ڪار آهي، جنهن جي باري ۾ ماڻهن جو رايو آهي تہ اُها ڪار ٻي مهاڀاري جنگ دوران هٽلر جي استعمال ۾ هئي. والله عالم بصواب. پنڌ ڪندي آهي تہ دعا پاڻ ٿاٻا کائيندي آهي. ڪٿاري ووڪس ويگن هلائيندي آهي تہ سندس ڪار ٿاٻن جهڙا جهٽڪا کائيندي آهي.

بالم. ايڊيٽر ڪات ڪھاڙا تيار ڪري تنھنجي انتظار ۾ ويٺو آھي. اڄ تنھنجو سر ويو. مان سياڻي توکي فيئر ويل پارٽي ڏينديس.“

مان ڪياڙي کنھندي ٻيھي رھيس. اخبار ۾ ڪم ڪرڻ وارن جو خيال آھي تہ چمپا ڪليءَ سان منھنجو ڪو افيئر ھلي رھيو آھي. سندن خيال اصل ۾ خام آھي. غلط آھي. چمپا ڪلي ڪلندي ڳالھائيندي ۽ گھمندي ڦرندي مون سان آھي، پر عشق پي آئي اي جي ھڪ پائليٽ سان ڪندي آھي.

”مَنڙُ چو تي ويو آھين؟“ چمپا ڪليءَ چيو. ”اندر وڃ.“

بلائن ۽ مصيبتن کي ٽارڻ واريون جيڪي بہ آيتون مون کي ياد ھيون، مون پڙھي پاڻ تي شوڪاري ڇڏيون. مان ايڊيٽر جي ڪمري ۾ داخل ٿيس. مون کي ڏسڻ شرط باھہ ٿي ويو. چيائين، ”خدا جي واسطي اسان جي جند ڇڏ بالم. ٻي ڪا وڃي نوڪري ڪر.“

ڇا ٻڌايانس ھا تہ ٻي ڪا نوڪري ڪرڻ جھڙو ھجان ھا تہ پوءِ تو جھڙي ڪڙوس جي نوڪري ڇو ڪريان ھا! ڇڙٻون ڇو سھان ھا! ھڪ دفعي زنانن بوٽن جي دڪان تي نوڪري ڪئي ھيم. طرحين طرحين قسم جون عورتون ۽ ڇوڪريون سينڊل وٺڻ ايندڀون ھيون. ڏينديون عورتون ھميشہ وڏي ڪڙيءَ وارا سينڊل وٺنديون ھيون. عورتن کي سينڊل پارائڻ وارو ڪم مون کي ڏاڍو وڻندو ھو. انھن ڏينھن ۾ مان ڏاڍو رومانٽڪ ھوندو ھوس. سوچيندو ھوس ڪڏھن نہ ڪڏھن ھڪ سھڻي، من موھڻي ڇوڪري اعليٰ قسم جي ڪار ۾ چڙھي ايندي، ۽ ھڪ ايم اي پاس نوجوان کي بوٽن جي دڪان تي ڪم ڪندو ڏسي مون تي اَکين ڇڪن ٿي پوندي. پوءِ مون سان پڇي ھلي پيار جو پرٽو ڪندي. اخبارن ۾ اسان جو فوٽا ڇپبا. ٽي ويءَ وارا ڪيمرائون کڻي اسان جي ڪڍ ھلندا. اسان جا انٽرويو رڪارڊ ڪندا جنھن ۾ اسين ظالم سماج جا ڏاجوڙا ڪڍي ڇڏينداسين. پر، ائين ٿي نہ سگھيو. اِن بدران ڪجھہ ٻيو ٿي پيو.

ھڪڙي ڏينھن ھڪ سھڻي من موھڻي عورت چمڪندڙ موٽر ۾ چڙھي آئي. قد جي ڊگھي ھئي. تنھن ڪري ڊگھي ڪڙيءَ وارو سينڊل نہ گھريائين. ننڍي ڪڙيءَ وارو سينڊل گھريائين. مون ڪيس بہ چار سينڊل سھڻي سڊول پير ۾ پارايا. ھِڪُ سينڊل پارائي مان سندس پير جھلي ويھي رھيس. ھوءَ وائڙي ٿي مون ڏانھن ڏسڻ لڳي. سوچيم، سوين قيامتون ايندين، گذري

مان وائڙو ٿي ايڊيٽر ڏانهن ڏسندو رهيس.

ايڊيٽر دٻ ڪيندي چيو "مون کي ڇا ٿو ڏسين! وڃ. وڃي ڪُلن وڪڻڻ واري دڪان تي فيچر تيار ڪري اچ."

ايڊيٽر جي ڪمري مان ٻاهر اچي چمپا ڪليءَ کان ڪلن وڪڻڻ واري دڪان جو ڏس پتو ورتم. چمپا کلندي پڇيو "ڊوز ڪيئن لڳي؟"

چيم، "ورهين کان پوءِ شرمندو ٿيو آهيان."

چمپا چيو "تنهن جي معنيٰ تہ ايڏو نرڄو ناهين."

"نيڪ آهي چمپا، جيڪي وٽيئي ڇٽي وٺ. اڄ تنهنجو ڏينهن آهي."

چيم، "ايوري ڊاگ هئز هز ڊي."

کلي پيئي. چيائين، "پر، مان ڊاگ تہ ناهيان؟"

چيم، "اِهو ئي تہ افسوس آهي."

"سوئر ڪنهن جاءِ جا." چمپا ٺهہ ٺهہ ڪري کلي پيئي.

پنهنجي موٽر سائيڪل تي سوار ٿي سڌو وڃي ڪَلون وڪڻڻ واري دڪان ٻاهران بيٺس. دڪان اندر ۽ دڪان ٻاهران ماڻهن جي پيهہ هئي. مان دڪان ۾ لنگهي ويس. ديسي فلاسافرن جهڙو هڪ شخص ڪلون وڪڻي رهيو هو. هن جي پاسي کان ڪَلُن جو ڍهہ پيو هو. هڪ هڪ ڪري ڪل کڻي، ڪل بابت وضاحت ڪري هو ڪلون وڪڻندي پيو ويو. هن هڪ ڪل کڻي ماڻهن کي ڏيکاريندي چيو "هيءَ هڪ رڍ جي ڪل آهي. هيءَ ڪل پائي ڪوبہ بگهڙ سولائيءَ سان رڍن جي ڌڻ ۾ شامل ٿي رڍون ڪائي کپائي سگهندو آهي."

هڪ ماڻهو اڳتي وڌي آيو ۽ ڪل خريد ڪري دڪان مان نڪري ويو.

ڪلن واري هڪ ٻي ڪل کڻي ماڻهن کي ڏيکاريندي چيو "هيءَ هڪ شينهن جي ڪل آهي. هيءَ ڪل پائڻ کان پوءِ گيديءَ کان گيدي شخص پاڻ کي بهادر سمجهڻ لڳندو آهي. باقي اڳتي ڪَتَنَ اوهان جا ڀاڳ."

ماڻهو منجهي پيا. ڪٿن اوهان جا ڀاڳ واري جملي جي ڪانئس وضاحت ورتائون. ڪلون وڪڻڻ واري چيو "شينهن جي ڪل پائڻ کان پوءِ عين ممڪن آهي تہ اوهين ڪنهن شينهن جي شڪاريءَ جي گوليءَ جو بک ٿي وڃو."

ماڻهو چوٻول ۾ پئجي ويا. ڪوبہ ڪَلَ خريد ڪرڻ لاءِ اڳتي نہ آيو. ڪلون وڪڻڻ واري چيو "شينهن جي ڪل پائڻ کان پوءِ بيروزگار کي روزگار ملي ويندو آهي."

جيڪڏهن اوهين اهڙي اداري ۾ نوڪري ڪريو ٿا. جنهن جو صاحب بدمزاج ۽ بدزبان آهي، ۽ روزانو اوهان جي پڳ لاهيندو آهي، تہ پوءِ اوهان کي ڪتي جي کل وٺي پائي ڇڏڻ گهرجي. ڪتي جي کل سان ڪتي جو اصلي پڇ بہ لڳل آهي. اوهين پڇ لوڏي بدمزاج ۽ بدزبان صاحب کي خوش رکي سگهندا."

سوچيم، اِها کَلَ منهنجي لاءِ مناسب آهي. وٺي پائي ڇڏيندس ۽ فنافنيءَ آڏو پڇ لوڏيندو رهندس. سندس بڪواس ٻڌڻ کان بچي پوندس. پر، ان کان اڳ جو مان وڌي وچي کل وٺان، هڪ ٻئي شخص ڪتي جي کل خريد ڪري ورتي ۽ دڪان مان هليو ويو.

"نيڪ ڪم ۾ دير نہ ڪبي آهي." منهنجي پاسي کان بيٺل پُراسرار شخص چيو "تون سوچيندو رهجي وئين، ۽ ٻيو شخص ڪتي جي کل وٺي هليو ويو."

ڪنڌ ورائي مون اچي چادر ۾ ويڙهيل اجنبيءَ ڏانهن ڏٺو. پڇيم، "توکي ڪيئن خبر پيئي تہ مون ڪتي جي کل وٺڻ پئي چاهي؟"

جواب ڏيڻ بدران هن فقط مُرڪي مون ڏانهن ڏٺو.

"۽ هيءَ کل آهي هڪ رڇ جي." کلن وڪڻڻ واري هڪ کل کڻي ورتي هئي، ۽ ماڻهن کي ڏيکاري رهيو هو. هن چيو "هيءَ کل پائي اوهين شاهہ پٿائيءَ ۽ سچل، ۽ ٻين پيرن مرشدن جي ميلي ۾ مداريءَ جي دقليءَ تي نچي سگهندا. شهرن ۾ نچي سگهندا. ڳوٺن ۾ نچي سگهندا. توري سفارش سان اوهان کي جانورن جي باغيچي ۾ رڇ جي پڃري ۾ ويهي ماڻهن جي دل وندرائڻ واري نوڪري بہ ملي سگهندي بس، اوهان کي هڪ ڳالهہ کان پاسو ڪرڻو پوندو."

ماڻهن پڇيو "ڪهڙي ڳالهہ کان پاسو ڪرڻو پوندو؟"

کلن وڪڻڻ واري چيو "بس رڇ جي کل پائي ڪنهن وڏيري يا سردار جي ور نہ چڙهجو. سردار سائين توهان کي ڪتن سان وڙهائي چيرائي ڦاڙائي ٿڪ ڏيندو ۽ مڇ مروڙيندو."

هڪ نماڻو ڪجهہ اياڻو اڳتي آيو ۽ رڇ جي کل وٺي هليو ويو.

ان کان پوءِ کلون وڪڻڻ واري ٻڪر جي کل ڏيکاريندي ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو. هن چيو "ٻڪر دنيا ۾ ڪسجڻ لاءِ ايندو آهي. ڪا نہ ڪا ڪاتي سندس ڪنڌ جي منتظر هوندي آهي. ڪاسائي سندس تاڪ

ڪلون وڪڻڻ واري کي ڳيري تي رحم آيو. هن ڳيري کي چيو ”مون وٽ هڪ شتر مرغ جي ڪل آهي. تون اُها ڪل وٺي ٻاهر چڙهه. اُٺ جيڏي پکيءَ تي عقاب ورلي حملو ڪندا آهن.“

ڳيري ڪلون وڪڻڻ واري جا ٿورا مڃيا، ۽ شتر مرغ جي ڪل وٺي هليو ويو.

اُن کان پوءِ ڪلون وڪڻڻ واري هڪ ڪل ڏيکاريندي چيو ”هيءَ واڳونءَ جي ڪل آهي، يعني مانگر مڇ جي ڪل آهي. هيءَ ڪل اهڙي سياستدان لاءِ موزون آهي جيڪو دل جو سخت هجي، ماڻهن جي دک درد ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود ڪنور ۽ بيدرد لڳي، ۽ ووٽ وٺڻ ۾ ناڪام رهندو هجي.“

ماڻهو دلچسپيءَ سان واڳونءَ جي ڪل ڏسڻ لڳا.

دڪاندار چيو. ”سخت ڪان سختگير سياستدان جڏهن واڳونءَ جي ڪل پائي ڏيکاوَ خاطر ماڻهن جي ڏکن سورن ۾ شامل ٿيندو، تڏهن مانگر مڇ يعني واڳونءَ وانگر ڳوڙها ڳاڙي سگهندو. هنجون هاري سگهندو ۽ ماڻهن کان ووٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.“

هڪ ٿلهو متارو غنڊن جهڙو سياستدان مانگر مڇ جي ڪل وٺي هليو ويو.

اِهو سلسلو ائين هلندو رهيو. دڪاندار ڪلون وڪڻندو رهيو ۽ خريدار ڪلون خريد ڪندا رهيا. پُراسرار شخص اڳتي وڌي ويو ۽ ڪلون وڪڻڻ واري جي سامهون وڃي بيٺو. ڪلون وڪڻڻ واري حيرت وچان پراسرار شخص ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو ”توکي ڪهڙي قسم جي ڪل گهرجي؟“

پر اسرار شخص پنهنجي جسم تان اچي چادر هٽائي ڇڏي هن جي جسم تي ڪل نه هئي. دڪاندار گهٻرائجي ٻه قدم پري تي بيٺو.

پُراسرار شخص جي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي ڳوٿري هئي. هن ڳوٿري دڪاندار کي ڏيکاريندي پڇيو ”تون ڪلون اَول خريد ڪري، پوءِ وڪڻندو آهين نه؟“

دڪاندار حيران ٿيندي وراڻيو ”ها.“

”هِن ڳوٿريءَ ۾ منهنجي ڪل آهي.“ پُراسرار شخص چيو ”مان ضرورتمند آهيان. پنهنجي ڪل وڪڻڻ آيو آهيان.“

”مان نه ٿو سمجهان ته اڄ تائين ڪنهن مون کان ماڻهوءَ جي ڪل گهري هجي!“ دڪاندار همدرديءَ وچان چيو ”افسوس، مان ماڻهوءَ جي ڪل

# مٽيءَ جا ماٺو

جمعي جو ڏينهن هو. صبح جو وقت هو. مان موڳي مغز سان اخبارن جا صفحا ڏسي رهيو هوس. سموري رات مون خواب ۾ پاڻ کي اُڏامندي ڏٺو هو. صبح جو اٿيس تہ مٿو جائيتو نہ هو. اخبارن جي رنگين صفحن تي ڏنڊن مشٽنڊن پهلوانن، بدمعاشن، چورن، ڦورن، قاتلن، ڌاڙيلن، دانشورن، سڌن سياستدانن ۽ اڻ سڌن سياستدانن جا رنگين فوٽا ڏسي مان الله سائينءَ جي قدرت جو قائل ٿي رهيو هوس. جڏهن کان عورتن جي ناپاڪ فوٽن کان اخبارن کي پاڪ ۽ صاف ڪيو ويو آهي، تڏهن کان نهايت پوائتن ۽ هيبتناڪ مردن جا رنگين فوٽا اخبارن جي سونهن سوڀيا ۾ اضافو ڪري رهيا آهن.

مان غور سان هڪ نهايت خوفناڪ ۽ خبيث پوڙهي ٻوڙهي جي تصوير ڏسي رهيو هوس جنهن اسي سالن جي عمر ۾ سورهن سالن جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي. اخبار جي صفحن تان ڪنوار جي تصوير غائب هئي، ۽ پوڙهي گهوٽ جي تصوير نمايان هئي جنهن پنهنجي ڏاڙهيءَ جا وار ڪياڙيءَ تي ڇڏيل وارن جي جهت ڪنهن ظالم جي دل وانگر خضاب سان ڪاري ڪري ڇڏي هئي. ان وقت اوچتو ٻاهريون در کڙڪيو.

مون چيني کي چيو "يار چينا، سمجهان ٿو پاڙي وارا قرض جي وصولي ڪرڻ آيا آهن."

چينو مٽيءَ مان ماٺو ناهي رهيو هو. پڇيائين، "در کوليان ڇا."

"هڪ ٽيليويزن ڊرامي جا پيسا مليا آهن." چيم، "در کولي ڇڏ. اڄ قرض لاهينداسين، ۽ ڪجهہ يارن کي قرض ۾ مبتلا ڪنداسين."

چيني چيو "ماٺوءَ جي منهن تي نڪ ڦٽ ڪري هڪ منٽ ۾ در ٿو کوليان."

ونان، سومار چانڊئي چيو ولوءَ جو وري مغز خراب ٿي پيو آهي، ڪيس ڪٽ سان ٻڌي هيڏانهن آيو آهيان.“

پڇيومانس، ”دورو پيو اٿس ڇا.“

روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين، ”ها.“

سومار چانڊيو هڪ سرڪاري آفيس ۾ پٽيوالو آهي. سندس وڏو پٽ ولو ميٽرڪ جو شاگرد آهي. ڏينهن جو اسڪول ويندو آهي، ۽ رات جو هڪ واشنگ واري جي دڪان تي ڪپڙا استري ڪندو آهي. ماڻهن جو خيال آهي تہ ولو يا تہ اڌ چريو آهي، يا مٿس جن ڀوت جو اثر آهي. پر ولو اسان کي چريو نہ لڳندو آهي. هو اسڪول جو سٺو شاگرد آهي، ۽ اسڪول جي والي بال ٽيم جو ميمبر آهي. بس ڪنهن ڪنهن وقت دورو پوندو اٿس. سڄو جسم اول ڪنبڻ لڳندو اٿس، ۽ پوءِ پگهر ۾ شم ٿي ويندو اٿس. اهڙي ڪيفيت ۾ هو گهر کان ٻاهر ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ فقط هڪ جملو ورجائي ورجائي وات مان ڪيندو آهي، ”مان سڀ سمجهان ٿو مان سڀ سمجهان ٿو. مان چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائيندس.“

مائٽ مٽ ڏاڍو سمجهائيندا اٿس تہ بابلا، سچ ڳالهائڻ جو رواج ختم ٿي ويو آهي، ۽ هونءَ بہ اسان مسڪينن جو ڀلا سچ سان ڪهڙو واسطو – ڇو تہ سچ جو نالو ڪٽي اسان سيني کي مصيبت ۾ وجهين.

پر، دوري دوران ولوءَ کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي. هڪ ئي وائي وات هوندي اٿس، تہ مان سڀ سمجهان ٿو مان سڀ سمجهان ٿو مان چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائيندس.

سومار چانڊئي کي ڪجهہ سياڻن صلاح ڏني هئي، تہ پنهنجي پٽ جو علاج ملڪ جي مشهور ڊاڪٽر ۽ سرجن جمعي خان کان ڪراءِ مغز ۽ ميڄالن جو ماهر ڊاڪٽر آهي، مٿي مان خلل ڪيدي ڇڏيندو آهي. سومار چانڊئي حامي ڀري هئي. پر پوءِ جڏهن ڊاڪٽر جمعي خان جي في ۽ جناح اسپتال جي ڳاٽي ڀڳي خرچ جي ڪل پيس، تڏهن ٿڌو ساهہ کڻي چيو هئائين، ”ايندڙ هڪ صديءَ ۾ بہ مان پنهنجي پٽ جو علاج ڪنهن اسپيشلسٽ کان ڪرائي نہ سگهندس.“

ولوءَ ۽ پاڙي جي ٻين ٻارن جي مونسان ياڻپي آهي. هو منهنجي ڳالهہ سمجهي سگهندا آهن، ۽ مان هنن جي ڳالهہ سمجهي سگهندو آهيان. منهنجي جيڪڏهن شادي ڪيل هجي ها، ۽ مون کي پنهنجا ٻار هجن ها،

ڪيئن ڇا؟“

ولوءَ جي خشڪ چپن تي مُرڪ تري آئي.

مون چيني کي چيو ”هيءُ اسان جو سنگتي، ولو چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائڻ جي موڊ ۾ آهي. تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي.“

چينو هڪدم گنڀير ٿي ويو. سوچ ۾ گم ٿي ويو. اسان سيني محسوس ڪيو آهي ته چينو پنهنجي طبعي عمر کان تمام گهڻو ذهين آهي. سنڌوءَ هڪ دفعي چيو هو ”چيني جي روپ ۾ ڪنهن ذهين يوناني ديوتا ٻيهر جنم ورتو آهي.“

چيني ٺهڪ ڏيندي چيو هو ”مان وتائي فقير جو وارث آهيان.“

سنڌوءَ اتي کيس پيار ڪيو هو. پوءِ هوءَ جڏهن هلي ويئي هئي، تڏهن چيني مون کي چيو هو. ”سنڌو تنهنجي لاءِ ميري هيسڪل آهي. هوءَ تنهنجي هڪ هڪ تحرير تي حاوي رهندي پر، خليل جبران ۽ ميري هيسڪل وانگر توهان ٻنهي جي پاڻ ۾ شادي ٿي نه سگهندي.“

مون کي لڳندو آهي ته چينو اڻ لکيل تاريخ جي آئيندي ۾ ڏسي سگهندو آهي. هو ايندڙ وقت جو امين آهي. هن هڪ دفعي ولوءَ کي چيو هو ”تون ڇا جي باري ۾ چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائيندين! ڇا جي باري ۾ — ڌرتيءَ جي باري ۾، آسمان جي باري ۾، انسان جي باري ۾، عقيدي جي باري ۾، محبت جي باري ۾ — زندگي جي باري ۾، موت جي باري ۾ — تون ڇا جي باري ۾ چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائيندين!“

تڏهن ولو منجهي پيو هو.

گذريل جمعي تي چينو هڪدم گنڀير ٿي ويو. ڪجهه دير ولوءَ ڏانهن ڏسندو رهيو.

”ڏسينس ڇا ٿو!“ چيم، ”ولو چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائڻ جي موڊ ۾ آهي.“

چينو ڳوٺل مٽي ۾ اڌ ٺهيل مجسمن ڏانهن هليو ويو. نڪ بنا ماڻهوءَ جو مجسمو ڪٽي آيو. نڪ بنا ماڻهو عجيب پئي لڳو.

”تون، مان ۽ ادا چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائي نه سگهنداسين. اسان لاءِ سچ ڳالهائڻ جو دور گذري ويو.“ چيني مٽيءَ جي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”هن ماڻهوءَ جي منهن تي جڏهن نڪ لڳي ويندو تڏهن هيءُ ماڻهو چونڪ تي بيهي اسان سيني پاران سچ ڳالهائي سگهندو.“

# سرد لاش جو سفر

منهنجو ننڍو ڀاءُ پريتمداس پريتو ماڙيءَ جي مٿاهين ڪمري جي ڏاڪڻي دريءَ سان ٻڌو وينو هو ۽ خوف، عجب ۽ حيرت وچان هيٺ اڱڻ ڏانهن نهاري رهيو هو.

هيٺ اڱڻ مان منهنجي سترهن سالن جي ڀيڻ ساوتريءَ جي رڙين، آزين ۽ نيزارين جا روح فنا ڪندڙ آواز اچي رهيا هئا. ساوتريءَ جي رڙين، آزين ۽ نيزارين جا آواز عقيدن ۽ اعتبارن کي گهڙي گهڙي جا گهاءُ هڻندا آسمانن ڏانهن اُڏامندا پي ويا. ساوتريءَ جو ٻاڏائڻ مجاهدن جي وحشي ٽهڪڙن، ڪيڪڙاٽن ۽ نعرن ۾ ٻڏندو پي ويو. ٻڌو هيم، آسماني ڪتابن ۾ پڙهيو هيم ته قيامت ڏينهن سج سوا نيزي تي لهي ايندو— ڌرتي ٽپي ٽامو ٿي پوندي— وڻ پاڙئون پٽجي ويندا، ۽ جبل ڪپهه جي ذرن وانگر واچوڙن ۾ ويڙهجي ويندا. اعتبار نه ايندو هو. سڀ ڪجهه ڏند ڪٿا وانگر لڳندو هو. يقين ڪڏهن به تڪميل تائين پهچي نه سگهندو هو. پر اُن ڏينهن مون ڪنڌڪوٽ ۾ نانڪ پاڙي تي قيامت کي نازل ٿيندي ڏٺو. سج سوا نيزي تي لهي آيو. ڌرتي ٽپي ٽامو ٿي پيئي. وڻ پاڙئون پٽجي ويا، ۽ جبل ڪپهه جي ذرن وانگر واچوڙن ۾ ويڙهجي ويا.

منهنجو ڏهن سالن جو ڀاءُ پريتمداس پريتو ڏاڪڻي دريءَ سان ٻڌو وينو هو ۽ اکين سان قيامت جو منظر ڏسي رهيو هو. رکي رکي ڪنبي پي ويو. ٻڌل رسين مان پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڇڪتاڻ ۾ ساٽو ٿي پيو. مجاهد مون کي اڌ مئو ڪري، سنگهر هٽي، ڪرسيءَ سان قابو ڪري ويا هئا. ميز تي منهنجي آڏو آسماني ڪتابن جو سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو کليل پيو هو جنهن تي پريتو ۽ منهنجي رت حاشيي وانگر هاريل هئي.

پريتوءَ ڏاڪڻي دريءَ وٽان مُنهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ ڪنبندڙ آواز ۾ چيو ”دادا، ڏس ته سهي! هيترا ماڻهو ساوتري کي ڇا پيا ڪن!“

مجاهدن جو جوش ۽ جذبو ويو پئي وڌندو. هو تلوارون، خنجر ۽ بندوقون اُپيون ڪري ننگي ابليس وانگر هنبوڇيون هڻي رهيا هئا. ۽ الله اڪبر جا نعرا بلند ڪري رهيا هئا. هڪڙن وحشين ڪيس ڇڏيو پئي، تہ ٻين ڪيس ڇچريو پئي.

پريتم روئڻهارڪي آواز ۾ پڇيو "دادا، هي ساوتريءَ کي ڇا پيا ڪن؟"

"مجاهد اسان جي ڀيڻ کي پاڪ پويتر پيا ڪن." ڪروڌ ڀرندڙ جبل جي لاوي وانگر منهنجي وجود ۾ ڪاهي پيو. گيان ۽ ڌيان جي تپسيا سڙي رک ٿي ويو. آسماني صحيفن جا صفحا ميسارجي ويا. بيمعني ٿي پيا. پيغمبري منهنجي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ورهين جا ورهيہ پاڻ کي تيار ڪيو هيم تہ زندگي گوتم ٻڌ جو ڀڪشو ۽ سچل سرمست جو مريد ٿي گذاري ڇڏيندس. مذهبن جي ڇڪتاڻ کان پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيندس. جنهن آزمائش ۾ خلقڻهار مون کي وجهي ڇڏيو هو سا آزمائش مون ماڻهوءَ جي سهپ کان ٻاهر هئي، مذهب جي نالي ۾ درندگي ڏسي منهنجي اعتقاد جا ڪوٽ ڪري پيا. مون کي پنهنجي لهجي مان زهر جي ڪوڙاڻ محسوس ٿي. چيم، "پريتم، اسان جي ڀيڻ ساوتري ڏاڍي ڀاڳن واري آهي جو مجاهدن هٿان جنت جي حقدار ٿي رهي آهي."

پريتم حيرت وچان پڇيو "جنت ڇاهي، دادا؟"

اُبَ ڏانهن ڏسندي سچل جي وائي ورايم. "دوزخ دڙڪو بهشت دلاسو ڏاهہ ويا سڀ ڏهي ڏهي."

سچل جي وائيءَ منجهائي وڌس. ورائي پڇيائين، "پر، جنت شي ڪهڙي آهي؟"

"جنت اُها عافيت واري جاءِ آهي جنهن ۾ مدر ٽيريسا نہ ويندي — جنهن ۾ مارٽن لوٿر ڪنگ نہ ويندو — جنهن ۾ ڀڳت ڪنور، مها آتما گانڌي ۽ ساڌو واسواڻي نہ ويندا." اکيون بند ڪندي چيم، "تون ۽ مان بہ جنت ۾ نہ وينداسين. اسان جي ماءُ بہ جنت ۾ نہ ويندي، پريتمداس پريتو."

پريتم صفا وائڙو ٿي ويو. هن اڳ مون کي اهڙي زهر آلود لهجي ۾ ڳالهائيندي نہ ٻڌو هو. هن اڱڻ ۾ بيٺل اُگهاڙن مجاهدن ڏانهن ڏسندي پڇيو "هي سڀئي جنت ۾ ويندا؟"

"سندن نعرا نہ ٿو ٻڌين؟" مون آسمان ڏانهن ڏسندي چيو "هي جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهن، پنهنجي پرَ ۾ الله کي خوش ڪرڻ لاءِ

تنهنجو سڪيلڊو پٽ پريتمداس پريتو رسين سان ٻڌو بيٺو آهي. ۽ تاريخ جو چشمديد گواهه تي رهيو آهي. "

امڙ ڪنبندڙ آواز ۾ چيو "هيءُ ڏينهن اسان کي تنهنجي ڪري ڏسڻو پيو آهي. "

گوڏن ڀر گسڪي، مون پنهنجو منهن امان جي پيرن تي رکي ڇڏيو. ايندڙ وقت جي انديشن کي ڌيان ۾ رکندي اسان جي ڪٽنب سنڌ مان لڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. اُن ڏينهن منهنجي مڱيندي ميران ۽ مون سنڌوءَ ۾ پير پسائي، ۽ سنڌ ديس جي مٽي مٿي ۾ وجهي قسم کاڌو هو تہ اسين ذات پات، دين ڌرم، سڀ ڪجهہ ڇڏيندا سين، پر سنڌ ديس جي ڌرتي نہ ڇڏينداسين. منهنجي هوڏ آڏو اسان جو ڪٽنب وراهجي ويو هو. امان مون کي اڪيلو ڇڏي هندستان وڃڻ لاءِ تيار نہ تي. امان رهي پيئي تہ امان سان گڏ پريتم ۽ ساوتري بہ سنڌ ۾ رهي پيا هئا.

هيٺ جهڪي، منهنجي منهن ۾ نهاريندي امان چيو "خبر اٿئي؟ سموري نانڪ پاڙي کي باهہ وڪوڙي وئي آهي!"

مان پنڊ پهڻ وانگر امان ڏانهن ڏسندو رهيس. امان اجا ڪجهہ هيٺ جهڪي آئي. گهٽيل گهٽيل آواز ۾ چيائين، "۽ خبر اٿئي گوپو ميران کي بہ مجاهد کنيي ڪٽي ويا آهن. "

"الله ڏاڍو ٻاجهارو ۽ مهربان آهي. " ڪروڌ ۽ ڪاوڙ ۾ ڪڙهندي چيم. "ميران ڏاڍي ڀاڳن واري آهي جو مجاهدن هٿان مسلمان تي رهي آهي. "

امان منهنجي ذهني ڪيفيت ڏسي ڏڄي ويئي. ڏکئي کان ڏکئي وقت ۾ بہ هن مون کي اهڙي طرح صبر جو ساٿ ڇڏيندي ۽ وقلندي نہ ڏٺو هو " ڪُل جَڳ ۾ عشق جي اوتار جي چانئٺ ڇڏيندي نہ ڏٺو هو. مون کي رت هاڻي نرڙ تي مٺي ڏيندي چيائين، "ائين نہ چَئُ- " ائين نہ چئُ. ماريندي ويرم نہ ڪندءِ. "

"مون آسماني ڪتابن جو سولي سنڌيءَ ۾ تت پڙهيو آهي. " اُيو ساهہ کنيم، چيم، "آسماني ڪتاب صحيح آهن، يا مجاهد صحيح آهن. اِن ڳالهہ جو فيصلو ڪير ڪندو؟"

آسمان ڏانهن آڱر کڻندي چيائين، "ان جو فيصلو هو ڪندو. "

"هو ڪهڙا فيصلا ڪندو؟" آتش فشان جو رجيل مادو منهنجي رڳ رڳ ۾ ڊوڙڻ لڳو. چيم، "اشرف المخلوقات جا افعال ڏسي الله الوپ تي ويو

تي..... مان سمجهان ٿي.... مان سمجهان ٿي .....“ جملو پورو ڪري نہ سگهي.

”تون ڇا ٿي سمجهين جيجل منهنجي ماءُ؟“ چيم، ”تون ڇا ٿي سمجهين؟“

امان ڪنبندي چيو ”مان سمجهان ٿي، مان سمجهان ٿي، ميران مري ويئي آهي.“

”الله نهايت رحم وارو ۽ ڏاڍو مهربان آهي.“ روئڻ چاهيم، پر روئي نہ سگهيم. برداشت جو بند ڀڄي ڪو سيلاب منهنجي وجود مان ڦاٽي نہ نڪتو. ازل کان هڪ کي انيڪ ۾ وراهي انسانن هڪٻئي تي ڏاڍا ظلم ڪيا آهن – وسنديون ويران، ۽ ملڪ اُجاڙي ڇڏيا آهن. امان جي پيرن تي منهن رکندي چيم، ”ميران ۽ ساوتري ڀاڳن واريون آهن جو مجاهدن هٿان پاڪ پويتر ٿي مري ويون آهن.“

هيٺ جهڪي، امان مون سان چنبڙي پيئي. ڦٿڪندي، ماتم ڪندي، هنجون هاريندي امان چيو ”مون کي ماري ڇڏ گوپال – مون کي ماري ڇڏ. مون ۾ سهن شڪتي ڪونهي. مون کان سَنو نٿو ٿئي. گهٽو ڏيئي مون کي ماري ڇڏ. مون تي ڪهل ڪر گوپو. مون کي ماري ڇڏ.“

”تنهنجي مرڻ جو دور گذري ويو منهنجي ماءُ.“ منهنجي وجود ۾ ٻرندڙ جبل ڦاٽي پيو. رجيل لوهہ سمورا بند ڀڃي وڌندو آيو. چيم، ”تون ابد تائين، هميشہ لاءِ جيئري رهندينءَ، منهنجي ماءُ. ويهين صديءَ جي آخر تائين دنيا جا سمورا مذهب ريتن، روايتن، ۽ رسمن ۾ بدلجي ويندا. ڪي نمازون نوڙي پڙهندا، ڪي وڃي مندر وسائيندا.[1] ڪٽر پٽي تي نيٺ عشق غالب ايندو.“

”تون خواب پيو ڏسين گوپو.“ امڙ کي هڏڪي آئي. چيائين، ”تون خواب پيو ڏسين.“

”خواب ڪُل جَڳ ۾ عشق جي اوتار ڏنو هو.“[2] ساهہ ويو پي سوڙهو ٿيندو. چيم، ”مان سندس خواب جي تعبير آهيان. مان مذهبن ۾ ويڙهہ کان مڪت (آزاد) ٿي ويو آهيان. منهنجي لاءِ دوزخ ڏڙڪو ۽ بهشت دلاسو آهي.[3]

1. مذهبن ملڪ ۾ ماٺهو منجهايا،
پيرن، بزرگن، پنڊتن بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي. (سچل سرمست)
2. سچل سرمست
3. دوزخ ڏڙڪو، بهشت دلاسو
ڊاهہ ويا سڀ ڊهي ڊهي. (سچل سرمست)

وٺي ڏونڏاڙيندي چيو "بڍاءِ پوڙهي. ڪهڙي مسلمان سان سُمهي هئينءَ جنهن مان هيءُ حرامي ڄائو اٿئي؟"

اوچتو ڪايا پلٽجي ويئي. امان ست ڏيئي وار مجاهد جي مٺ مان ڇڏائي ورتا. آهستي آهستي اُٿي بيٺي. مجاهد جي منهن ۾ گهور ڪري ڏٺائين. پوءِ ڪنڌ ورائي مون ڪي منهن ۾ گهرڙي پوندو ڏٺائين.

اِهو سڀ ڪجهه ايتريقدر جلدي ٿي پيو جو خونخوار مجاهد ونجي ويا. جتي جتي بيٺل هئا، اتي پنڊ پهڻ ٿي ويا. اوچتو امان مون ڪي ٿڦ وهائي ڪڍي. اکين مان ڄڻ اُلاوَ پيو نڪتس. گهُور وجهي مون ڏانهن ڏسندي چيائين، "تون جو چوندو آهين، مان هندو ناهيان، مومن ناهيان مان جوئي آهيان سوئي آهيان. هاڻي هنن کي جواب ڏي، سچل جا پٽ. هنن کي ٻڌاءِ ته تون ڪنهن جو پٽ آهين؟"

ان وچ ۾ الاءِ ڪيئن پريتم پاڻ کي رسين کان آجو ڪري ورتو. ڊوڙ پائي ڪمري جي ڪنڊ ۾ پيل پڳل ڪرسيءَ جي ٽنگ ڪڍي آيو ۽ امان جي سامهون بيٺل مجاهد کي مٿي تي وهائي ڪڍيائين. مجاهد جون وايون ٻتال ٿي ويون. مجاهد جي مٿي مان رت جو ڦوهارو ڦٽي پيو ۽ هو ٻنهي هٿن ۾ مٿو جهلي ويهي رهيو. مجاهدن ۾ واءُ ويلا مچي ويئي. اک ڇنڀ ۾ مجاهدن پريتم کي سوگهو ڪري ورتو. ڪيس ڇماٽن، لتن، ۽ ٺونشن سان ساٽو ڪري ڇڏيائون. پوءِ ڪيس ٽنگن ۽ ٻانهن کان جهلي، ٽنگا ٽولي ڪري، لوڏيندا ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ويا. لڳو پئي هو ڪيس ٽِپڙ تان اُڇلائي ڇڏيندا. جڪڙيل زنجيرن ۾ روح ڪنبي ويو پانيم. امان روئيندي، پٽيندي، ۽ ٽِپڙ تي نڪري پريتم کي ڇنبڙي پوندي، مجاهدن کي ا رسول جا واسطا ڏيندي، پريتم کي بچائڻ جا جتن ڪندي. پر، امان ائين نه ڪيو. هوءَ ڪمري مان ٻاهر نه نڪتي. هوءَ ماضي، حال، ۽ مستقبل جو مجسمو ٿي پيئي. اک ڇنڀڻ بنا بيوس پريتم ڏانهن ڏسندي رهي.

مجاهد جنوني ڪيفيت ۾ هئا. زور زور سان ٽنگا ٽولي ٽيل پريتم کي لوڏڻ لڳا. الله اڪبر جا نعرا بلند ڪندا رهيا. تڏهن مٿي قاتل مجاهد رڙ ڪندي چيو "ترسو. ماءُ جي...... کي اڳڻ ۾ اچا نه اڇلائجو."

زخمي مجاهد الله اڪبر جو نعرو هڻي اٿي بيٺو. پاڻ کي ننگو ڪندي مجاهدن کي چيائين، "ماءُ جي...... جي چڍي لاهيو."

تاريخ پاڻ ورجايو. مجاهدن منهنجي ننڍڙي پريتم جو اُهو ئي حشر

ڪندي ٻين مجاهدن کي چيو "هن پيڻ جي.... کي ۽ پوڙهيءَ کي هيٺ وٺي هلو."

ڪجهه مجاهدن مون کي وارن ۾ هٿ وجهي ڇڪيندا، ۽ امان کي ڌڪا ڏيندا هيٺ اڱڻ ڏانهن وٺي ويا. وحشي انبوهه مون کي ۽ امان کي ڏسي، جوش ۾ اچي نعرا هڻڻ لڳا_ الله اڪبر_ الله اڪبر. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ ڪو مارڪو ماريو هجائون. ڪهاڙيون ۽ خنجر اُڀا ڪري هنبوڇيون هڻڻ لڳا.

پٽ پرسان پريتم جو لاش اونڌي منهن فرش تي پيو هو. اڱڻ جي وچ ۾ ساوتري ۽ ميران جا لاش صندل تي پيا هئا. ٻنهي جون اکيون کليل هيون – ڄڻ ڪنهن معجزي لاءِ آسمان ڏانهن نهاري رهيون هيون. دل چاهيو ته وڏي وڏي چوان، "معجزا فقط پيغمبرن لاءِ رونما ٿيندا آهن. چريون! اکيون بند ڪري ڇڏيو."

زنجيرن ۾ ڦٿڪيس. پر، ڪجهه ڪري نه سگهيس. مون آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ چيو "ڪڏهن ماڻهن لاءِ به ڪو ڪرشمو ڪري ڏيکاريندو ڪر."

مون ڪنڌ ڪٽي اڱڻ ۾ بيٺل جنوني انبوهه ڏانهن ڏٺو. ڪافي چهرا جاتل سڃاتل نظر آيا. پر، هنن ۾ لالا نصير نه هو. جيڪب آباد کان ڪنڌڪوٽ تائين لالا نصير کان وڏو منهنجو ڪو دشمن نه هو. هجوم ۾ لالا نصير کي نه ڏسي مون کي تعجب ٿيو. اوچتو ڪنڌڪوٽ جا به بدنام لوفر منهنجي مٿان اچي بيٺا. مون کي منهن ۾ ٺڪون هڻندي ۽ بڇا ڏيندي چيائون، "خبر اٿئي اسان توهان جو هيءُ حشر ڇو ڪيو آهي؟"

مون کين جواب نه ڏنو.

چيائون، "هڪڙي واڻيي دڪاندار مسلمان ڇوڪريءَ سان هٿ چراند جي ڪوشش ڪئي هئي. اسين ان جو بدلو وٺي رهيا آهيون."

"روزانو وحشي مسلمان پنهنجيئي مذهب جي مسلمان نياڻين جي لڄالٽ ڪندا آهن." ڪاوڙ ۾ ڪروڌ وچان پڇيو مانِ، "انهن نياڻين جو بدلو ڪنهن کان وٺندا آهيو؟"

مون کي لت وهائيندي چيائون، "اِهو اسان مسلمانن جو پنهنجو معاملو آهي."

"مسلمان زميندار ۽ هندو سيٺيون گڏجي سڏجي هارين جي عورتن کي بي آبرو ڪندا آهن. اِها ڳالهه ڪا ڍڪيل ناهي." الاءِ ڪٿان، الاءِ

لتون هٽنديءَ ڏڪا ڏينديءَ هنن مون کي امان آڏو آڻي بيهاريو. هوءَ اروڙ وانگر ويران هئي.

مون قانون جي هڪ گماشتي کي چيو "مان زمان حال آهيان. تون مون کي اجاڙي سگهين ٿو. منهنجي ماءُ ماضي آهي. هوءَ تاريخ جو حصو ٿي ويئي آهي. تون ڪيس اجاڙي نه سگهندين. تاريخ سان اڄ تائين ڪو پڄي نه سگهيو آهي."

"اڙي بند ڪر پنهنجي بڪواس فلاسافي." بيد جي لڪڻ جو وسڪارو ٿيو. ڪل منهنجي جسم تان پنجي ويئي. سوئر جهڙي گماشتي چيو "مان تنهنجي ماءُ کي ننگو ڪري، سيني جي سامهون...... "

"تون ان ڪان سواءِ ڪجهه ڪري به نٿو سگهين." چيم، "تون پنهنجي فطرت کان مجبور آهين."

"اوه! بدبخت واڻيا!" ٻنهي هٿن جون آڱريون آڱرين ۾ وجهي جيئن والي بال کي ٻنهي هٿن جي مڪ هڻبي آهي، تيئن قانون جي گماشتي مون کي لونڊڙيءَ تي مڪ وهائي ڪڍي. مڪ وهائي ڪڍڻ کان پوءِ هو منهنجي ڪرڻ جو ڪجهه گهڙيون منتظر رهيو. مون کي ٻنهي پيرن تي بيٺل ڏسي گماشتو وائڙو ٿي ويو.

"يار تون به ڪمال ٿو ڪرين!" قانون جي نيڪيدار رڙ ڪري گماشتي کي چيو "ڪل لاهي ڇڏ ماءُ جي...... جي."

"ڪنهن جي ڪل لاهيندو قانون جو گماشتو؟ منهنجي ڪل لاهيندو؟ مان، جنهن جو نالو گوپال آهي؟ مان، جنهن جي پيڻ ۾ مگينديءَ کي قانون جي گماشتن آڏو بگهڙن چيري، ڦاڙي، ماري ڇڏيو؟ مان، جنهن جي پياءُ پريتم کي ڇچري ڇچري ڇت تان اڱڻ ۾ اڇلايو ويو؟ مان، جنهن جي ماءُ ظلم جي اوگهڙ جا انيڪ روپ ڏسي موهن جي دڙي وانگر خاموش ٿي ويئي آهي؟" قانون جي نيڪيدار ڏانهن ڏسندي چيم، "تون پليل آهين. انصاف جا نيڪيدار، منهنجي جسم تي ڪابه ڪل ڪونهي. مان گوپال ناهيان. مان زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد ٿي ويو آهيان."

گماشتن جي لوڌ چِتن ڪتن وانگر اُلر ڪري آئي. سندن هڪ هڪ ڏک، هڪ هڪ وار منهنجي نظريي کي مضبوط ڪندو رهيو. جسماني اذيتن سان خيالن، سوچ ۽ نظرين کي ڇچري نه سگهبو آهي. اٽلندو اهڙي عمل سان ظالم جي شڪست جي تصديق ٿيندي آهي - پوءِ پل ته اذيت

جي پيرن تي رکي ڇڏيم. مون هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين انصاف لاءِ ڀٽڪندي چنگيز هلاڪو ائيلا، غزنوي، غوري، ابدالي ۽ نادر شاهه جا ظلم ڏٺا ۽ سنا آهن. پر، اهڙو روح فنا ڪندڙ ظلم مون ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. منهنجي مفلوج ٿيندڙ ذهن ۾ ديومالائي ڪردار آڊيپس جو تصور اڀري آيو جنهن امڙ جي اوگهڙ ڏسڻ کان پوءِ پنهنجيون اکيون ڪڍي ڇڏيون هيون.

"اُٺي ڙي ماءُ جا...... " هڪڙي مجاهد مون کي ڪک ۾ لانگ بوٽ سان لت وهائي ڪڍي. مجاهد وارن کان وٺي، مون کي اُٿاري ٻيهاريو.

سوئر جهڙي گماشتي چيو "ٻڪ وجهه ڙي ماءُ کي...... سوچين ڇا ٿو...... ٻڪ وجهه پوڙهيءَ کي ......ورنه خدا جو قسم آهي، پنجاهه ڇٽا ڇڏيندو مانس."

مون ڀانيو ڌرتي ڦاٽي پوندي، مون کي ۽ امان کي پنهنجي هنج ۾ پناهه ڏيندي ـ ڪا آسماني قوت اسان کي اُڏاري ڪٿي ويندي! تڏهن اوچتو ڇڻ واچوڙو وري آيو. گوڙ ۽ گجگوڙ جو پڙلاءُ آيو. اسٽين گن مان گولين جي وسڪاري جو آواز آيو. جنوني مجاهدن ۽ قانون جي ٺيڪيدارن ۽ گماشتن ۾ ڀاڪوڙو پئجي ويو.

تڏهن، هڪڙي مجاهد وڏي واڪ چيو "اڙي، نه ڀڄو نه ڀڄو. پنهنجو لالا نصير آهي."

ڀڄندڙ مجاهد بيهي رهيا. جيڪي مجاهد ڀڄي ويا هئا، سي موٽي آيا. گماشتا ڪپڙا ڇنڊي اٿي بيٺا. سيني ڀاهرين در ڏانهن ڏٺو.

در جي وچ ۾ منهنجو جاني دشمن لالا نصير بيٺو هو ـ قداور، جاٺو ۽ بي رحم. هٿ ۾ اسٽين گن هئس. هن عقاب وانگر هڪ نگاهه ۾ ماحول جو جائزو وٺي ڇڏيو. هن جون اکيون مون تي ڄمي ويون. پريل بازار ۾ هڪ دفعي مون کي چيو هئائين، "اِهو رام رحيم ۽ ايشور الله وارو ڍونگ بند ڪر ...... تون چوندو آهين نه ته ڌرتي تنهنجي ماءُ آهي؟ مان تنهنجي ماءُ تي روز مٽندو آهيان ...... مان تنهنجي ڌرتي ماءُ کي ٽڪ ٽو هڻان."

تڏهن مون ڪيس ڪجهه نه چيو هو. فقط مُرڪي ڏانهس ڏٺو هو. لالا مون کي ڪنڌ کان جهليندي چيو هو "هيءُ پاڪ ملڪ تو جهڙي ڪافر ۽ ملحد لاءِ نه ٺهيو هو. هليو وڃ هتان، نه ته مان تنهنجيءَ ماءُ کي تنهنجي سامهون...... "

لالا نصير جو جملو منهنجن ڪنن ۾ گونجڻ لڳو. ڪجهه مجاهدن

ڪجهه جٽا ٻاهرين در جي چانئٺ اورانگهينديءَ ڪري پيا. ٻيا جٽا ڪين لتاڙيندا، چٿيندا اڳتي نڪري ويا. آخر ۾ چٽيل مجاهد ريڙهيون پائيندا پاسي واري گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويا. اڱڻ خالي ٿي ويو. ڀڄندي، مجاهد پنهنجا لاٽل لٽا، بوٽ ۽ چمپل اڱڻ ۾ ڇڏي ويا هئا.

لالا نصير جي ٻانهن ۾ پريتم جو لاش هيو. هو پنهنجي جاءِ تي پنڊ پهڻ ٿي ويو هو. اک چنڀڻ بنا هو ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسندو رهيو. ڪجهه دير ڪان پوءِ هيٺ جهڪي اسٽين گن صندل تي رکي ڇڏيائين. پريتم جو لاش ٻانهن ۾ ئي هوس، جو لالا نصير صندل تان هيٺ لٿو. آهستي آهستي مون ڏانهن وڌڻ لڳو. منهنجي سامهون اچي بيٺو. مون ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ ٻانهون اڳتي ڪري پريتم جو لاش مون کي ڏيئي ڇڏيائين. هيٺ جهڪي امان جا پير چميائين.

نہ تعجب جي ڪا حد رهي، ۽ نہ حيرت جي. مون منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن ڏٺو. لالا نصير گهڙي کن لاءِ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ اڱڻ مان وک وک ڪٽندي ٻاهر هليو ويو. ان کان پوءِ ڪنڌڪوٽ وارن لالا نصير کي ٻيهر وري ڪڏهن نہ ڏٺو آهي. ■